مقبول درودن جو بهترين مجموعو

بنام

چوٽڪارو

ترجمو

براهين النجاة من مصائب الدنيا و العرصات

ءِ

قصيده مبروره شريف

تاليف

عارف بالله حضرت حاجي ميان فقير الله علوي قدس سره

1100-1195ھ

سنڌيڪار

مفتي فقير قائم الدين سڪندري

سڪندريه پبليڪيشنز

مقبول درودن جو بهترين مجموعو

بنام

چوٽڪارو

ترجمو

براهين النجاة من مصائب الدنيا و العذاب

ء

قصيدهٔ مبروره شريف

تاليف

غوث المحققين قطب العارفين الحاج حضرت حاجي

فقير الله شاه علوي حنفي شڪارپوري رحمة الله عليه

(پيدائش: 1100ھ/ وفات: 1195ھ)

سنڌيڪار

فقير قائم الدين سڪندري

ناشر

سڪندريه پبليڪيشنز

كتاب جا حق ۽ واسطا مترجم وٽ محفوظ

كتاب جو نالو............: براهين النجاة من مصائب الدنيا والعرصاة

مصنّف.....................: حضرت غوث زمان فقير الله علوي رحمة الله عليه

مُترجم.....................: فقير قائم الدين سڪندري

مقدمو.....................: پروفيسر ميان اسرار احمد علوي

نظر ثاني..................: مفتي محمد اسماعيل سڪندري

پروف ريڊنگ.............: مفتي محمّد عبد الله فهيمي

اشاعتي نگران.............: حافظ عبدالقيوم سڪندري، حافظ محمّد مريد سڪندري
حافظ محمّد صديق پيو سڪندري

ڪمپوزنگ...................: فهيمي ڪمپوزنگ، لاڙڪاڻو (03313415380)

ڇاپو.......................: پهريون

سن طباعت................: شعبان المعظم 1438هه

تعداد......................: هڪ هزار

هديو......................: 250 روپيه

فهرست

عنوان	صفحو
دعائيه ڪلمات	4
تقديم	5
مؤلف جو تعارف	22
تقريظ	45
تقريظ	49
تقريظ	53
پنهنجي پاران	54
'براهين النجاة من مصائب الدنيا والعرصاة'	60
مصنف جو مقدمو	61
پهريون ورد	65
ٻيون ورد	77
ٽيون ورد	88
چوٿون ورد	100
پنجون ورد	112
ڇهون ورد	122
ستون ورد	130
دعا	143
'قصيده مبروره'	146
'قصيده مبروره' جي پڙهڻ جو طريقو	147
'قصيده مبروره' جو متن	150

پبلشر پاران

مولای صل وسلم دائما ابدا

علیٰ حبیبك خیر الخلق کلهم

چاڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ ماڻهو جي ، مقبولِ خدا هئڻ جي نشاني اها آهي تہ هو بارگاهِ رسالت مآب ﷺ ۾ ڪيتري قدر قربت ۽ قبوليت وارو آهي، هو جيڪو بہ عقيدو ۽ ادب حضور ﷺ سان رکندو هوندو، باري تعالیٰ ان حساب سان ڪيس پنهنجو قرب ۽ مقام عطا فرمائيندو. هن بابرڪت ڪتاب ۾ اسانجي مرشد ڪريم حضرت پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره جي مشفق ۽ مهربان استاد قطب الاقطاب، حضرت حاجي ميان فقير الله علوي رحمۃ اللہ علیہ ، حضور ڪريمﷺ سان جيڪو عقيدو رکن ٿا ۽ سندن جي صفت ۾ جيڪي شان ۽ مان وارا لفظ استعار ڪن ٿا، تن جي پڙهڻ ۽ ڏسڻ سان ايمان تازو ٿي وڃي ٿو. خصوصاً جڏهن ثنا ۽ ساراهہ، صلواة شريف جي صورت ۾ هجي تہ پوءِ پڙهڻ واري جا يقيناً ٻئي جهان سُرها ٿي وڃن ٿا. ٻنهي جهانن ۾ خوف ۽ غم کان نڪري، نجات ۽ راحت واري زندگيءَ ۾ پهچندو. صلواة شريف جا اهي صيغا اهڙي تہ مدح ۽ ثنا وارا آهن، جن جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ علم ۽ عرفان جي اعلیٰ منزل جي صاحب جي ئي رسائي ممڪن آهي. باقي ظاهر دين جيڪو قوڳ ۽ قيڻ تي ٻيٺل هوندو،ان جي سمجهہ کان هيءَ شيءِ گهٽو متي آهي. ان اعتبار کان ڪتاب جو ترجمو تمام ڏکيو ۽ مشڪل هو. اسان جي دوست محترم علامہ فقير قائم الدين سڪندري، سنڌي پڙهندڙن تي احسان ڪري ، ڪوشش ۽ محنت سان ڪنهن حد تائين سنو ڪم ڪيو آهي، تاهم اميد آهي تہ اهل نظر بزرگن جي رهنمائي سان ٻئي ايڊيشن ۾ اڃان بہ وڌيڪ سهڻائي ۽ سهنجائي سان ترجمو پيش ڪري سگهبو. جمعيت علماءِ سڪندريہ (پاڪستان) کي اهو پهريون پيرو اعزاز ۽ شرف مليو آهي تہ حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي هڪ بزرگ ڪامل استاد جي نسبت واري علمي شيءِ کي پيش ڪيو ويو آهي، ان لاءِ حضرت پيرسائين سيد صبغت الله شاهہ ثالث موجوده پيرسائين پاڳارو جن جي خصوصي دعا ۽ هدايت حاصل رهي. باري تعالیٰ سندن شفقت ڀريو سايو اسان سڀني تي قائم ۽ دائم رکي. آمين بجاه سيد المرسلين.

دعا جو طلبگار

مفتي محمد اسماعيل سڪندري

صدر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان

دعائيه ڪلمات

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَحَبِيْبِكَ

وَرَسُوْلِكَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلِّمْ صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

صلات شريف، دعا خاص طرح رسول اڪرم ﷺ جون دعائون نه فقط عبادت ۽ رضاءِ الاهي جو ذريعو آهن بلڪ افضل عبادت ۽ يقيني طور قبوليت جون حامل عبادتون آهن. اسان جي قادريه سلسلي جي بزرگن به اوهان کي قرآن شريف جي تلاوت سان گڏ درود شريف کي هميشه پنهنجي معمولات ۾ رکڻ جو امر فرمايو آهي. اسان طرفان به حضرت پير سائين روزي ڌڻي قدس سره جي استاد محترم الحاج ميان سيّد فقير الله شاه علوي قريشي هاشمي رحمة الله عليه جو تصنيف ڪيل ڪتاب ”براهين النجاة من مصائب الدنيا والعرصاة“ جيڪو درود شريف ۽ نبي ڪريم ﷺ کان روايت ڪيل دعائن تي مشتمل آهي.

جماعت کي ان جي پڙهڻ جو مشورو ڏجي ٿو. اميد ته ان جي پڙهڻ سان دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ٿينديون. آمين.

والسلام

سجاده نشين درگاه مبارڪ پير سائين روزي ڌڻي قدس سره العزيز

پير سائين محمّد صبغت الله شاه ”ثالث“ پير پاڳارو

آچر 17 جمادي الاخرىٰ 1437ھ

28.3.2016

تقديم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ. اَلصَّلَاةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَاَهۡلِ بَيۡتِهٖ وَاَزۡوَاجِهٖ وَالۡمَلٰئِكَةِ الۡمُقَرَّبِيۡنَ وَعَلٰى اَوۡلِيَائِهِ الۡكَامِلِيۡنَ يَارَبَّ الۡعَالَمِيۡنَ.

صلوٰة شريف جي اهميت ۽ هن رسالي بابت ڪجهه احوال:-

هي مقدس ۽ متبرڪ رسالو سنڌ جي مشهور ۽ معروف علمي ۽ روحاني هستي الحاج سيّد فقير الله شاهه علوي شڪارپوريءَ جي تاليف آهي. جنهن ۾ ماثوره دعائون ۽ مختلف قسمن جون صلواتون نقل ڪيون ويون آهن.

انهن صلواتن سڳورين منجهان ڪجهه ته سيد الانبياء و المرسلين ﷺ جن جي مرفوعه احاديث مان منتخب ڪيل آهن. جڏهن ته اصحاب سڳورن جي آثارن مان به ڪجهه صلواتون اخذ ڪيون ويون آهن. اهڙيءَ ريت تابعين، تبع تابعين اولياء صالحين ۽ علماءِ راسخين جي روايتن منجهان به ڪجهه صلواتن جي چونڊ ڪئي ويئي آهي. اهڙيءَ ريت صلواتن جو هي بيش قيمت ۽ بابرڪت گلدستو تيار ڪيو ويو آهي جنهن کي پڙهڻ وارا اجر ۽ ثواب سان گڏ دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون به حاصل ڪري سگهندا. ان شاء الله العزيز.

صلواة جي اهميت:-

نبي انور ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي صلوٰة و سلام پڙهڻ هڪ اهڙو مقبول، مرغوب، ۽ محبوب عمل آهي جيڪو هن زمين تي پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي دؤر کان وٺي اڄ تائين هن امت اندر لڳاتار جاري ۽ ساري آهي ۽ قيامت تائين اهو سلسلو ائين ئي

جاري رهندو.

اهو عمل هڪ طرف تہ امام الانبياء و المرسلين سيد الاولين و الآخرين رحمة للعالمين شفيع المذنبين خاتم النبين ﷺ جن سان عقيدت ۽ محبت واري تعلق قائم ڪرڻ جو هڪ مستند ۽ معتبر ذريعو آهي تہ ٻئي طرف وري الله تعاليٰ جي ان حڪم جي پيروي بہ آهي جيڪو هن ڪلام اندر ايمان وارن کي هن آيت ذريعي ڏنو آهي.

إِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

(بيشڪ الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ صلوٰة موڪليندا رهن ٿا نبي (ﷺ) تي، اي ايمان وارؤ ! اوهان بہ مٿن صلوٰة پڙهو ۽ سلام موڪليو.)

هن آيت جي تفسير بيان ڪندي عالمن ۽ مفسرن ڄاڻايو آهي:

”جيئن تہ عالم بالا ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ سيد الانبياء ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي هميشہ صلوٰة و سلام موڪليندا پئي رهيا. انڪري الله تعاليٰ زمين تي موجود هن آخري امت کي بہ ان سعادت سان سرفرزار ڪرڻ لاءِ اهڙو حڪم نازل فرمايو جنهن ڪان پوءِ عرش ڪان فرش تائين رسول رحمت ﷺ جن مٿان صلواتن جون صدائون گونجڻ لڳيون. ۽ سندن عظمت ۽ بلنديءَ جو ذڪر ستن آسمانن ۽ عرش ڪرسيءَ ڪان وٺي زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين جاري ٿي ويو.“

هونئن تہ ان ڳالهہ ڪان هر هڪ باخبر آهي تہ جيڪا بلندي ۽ برتري مقام ۽ مرتبو خالق ڪائنات مٿي مرسل ﷺ جن کي عطا ڪيو آهي اهو مرتبو ڪائنات اندر ٻئي ڪنهن کي بہ حاصل نہ آهي

۽ نه ئي وري تي سگهي ٿو، ۽ نه ئي ان جو اندازو لڳائڻ ڪنهن جي وس ۾ آهي. سواءِ ان خالق ڪائنات جي !

باقي ان ڳالهه تي عالمن جو اتفاق آهي ته، "الله تعالىٰ "سورة الاحزاب" جي هن 56 نمبر آيت ۾ جيتري قدر حبيب ڪريمن ﷺ جن جو شان ۽ شرف بيان فرمايو آهي اهو ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي بيان نه ڪيو ويو آهي"جو ته ان آيت سڳوريءَ ۾ الله تعالىٰ پنهنجي مخلوق کي ان حقيقت کان آگاهه ڪيو آهي ته "عالم بالا ۾ الله تعالىٰ ۽ ان جا ملائڪ نبي اڪرم ﷺ جن مٿان هميشه صلوٰة و سلام پڙهندا رهن ٿا. ۽ اهڙو مان ۽ مرتبو سموري مخلوق منجهان ٻئي ڪنهن انسان، جن، ملائڪ، ايتري قدر جو ٻئي ڪنهن نبي سڳوري کي به حاصل نه آهي"هتي اِها ڳالهه به قابل غور آهي ته لفظ "يُصَلُّوْنَ" گرامر جي لحاظ کان "مضارع" جو صيغو آهي جيڪو هميشگي ۽ دوام تي دلالت ڪري ٿو جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته،

"الله تعالىٰ جل جلاله ۽ سندس ملائڪ هميشه ۽ لڳاتار سرور ڪائنات ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي صلوٰة و سلام پڙهندا رهن ٿا انڪري ايمان وارا به هر دم مٿن صلوٰة وسلام پڙهندا رهن." اهو حڪم ڪنهن عالم، فاضل، مفسر، محدث، صوفي، سالڪ طرفان نه پر خالق ڪائنات طرفان ڏنو ويو آهي، جنهن کي مڃڻ لاءِ هر مؤمن پابند آهي. جمهور علماء ۽ فقهاء جو ان ڳالهه تي اتفاق آهي ته، "نبي ڪريم ﷺ جن مٿان هوندئن ته هر وقت صلوٰة وسلام پڙهي سگهجي ٿو پر جنهن وقت ڪو به مؤمن مٿي مرسل ﷺ جن جو نالو مبارڪ ڪٿي يا ٻڌي ته مٿس صلوٰة شريف پڙهڻ واجب ٿيو پوي."

اهڙيون روايتون احاديث مبارڪه ۾ موجود آهن. اهڙي طرح ئي

هڪ روايت سيدنا علي ابن ابي طالب رضي الله عنه کان امام ترمذيءَ پنهنجي "سنن" ۾ نقل ڪئي آهي جنهن جو ترجمو هن ريت آهي ته،

الله جي رسول ﷺ جن فرمايو "اهو شخص بخيل آهي جيڪو منهنجو نالو ٻڌي صلوٰة شريف نه ٿو پڙهي."

ان مان اسان جي فقيهن اهو مسئلو به ڪڍيو آهي ته "جڏهن به سرور ڪائنات ﷺ جن جو اسم مبارڪ لکيو وڃي ته ان سان گڏ به صلوٰة شريف يا وري "صلیٰ الله عليه وسلم" لکڻ ضروري آهي"

هن آيت مبارڪ جو نزول:

هي آيت مبارڪ ڪڏهن نازل ٿي؟ جنهن ۾ مؤمنن کي نبي ڪريم ﷺ مٿان صلوٰة شريف پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو.

ان ڳالهه ۾ راوين جو اختلاف آهي.

حافظ ابو عبد الله شامي پنهنجي مشهور ڪتاب "سبل الهدیٰ والرشاد" اندر ان سلسلي ۾ ڪجهه روايتون نقل ڪيون آهن جيڪي هن ريت آهن.

(1) هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ آيت سڳوري (جيڪا سورة الاحزاب جي آهي) اها سورة ام المؤمنين حضرت زينب بنت جحش جي نڪاح کان پوءِ نازل ٿي ۽ اهو نڪاح هجرت جي پنجين سال ذي قعد جي مهيني ۾ ٿيو انڪري هڪڙي جماعت جو خيال آهي ته اها آيت سن پنجين هجريءَ جي آخر ۾ نازل ٿي هوندي. والله اعلم بالصواب.

(2) سيرت شاميءَ اندر نئي نقل ڪيل هڪ ٻي روايت ۾ ائين به ٻڌايو ويو آهي ته "هيءَ آيت سڳوري معراج واريءَ رات نازل ٿي هئي. پر ان روايت جي ڪا به قوي سَنَد موجود نه آهي. ڇو ته "سورة الاحزاب" مدني سورت آهي ۽ معراج مڪي دؤر جو

واقعو آهي.“

(3) حافظ ابوذر هرويءَ جو قول آهي تہ، ”هيءَ آيت هجرت جي ٻئي سال نازل ٿي.“ ڪيترا عالم ۽ سيرت نگار ان روايت جي تائيد ڪن ٿا جن ۾ اسان جي سنڌ جي مشهور عالم مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ جو نالو بہ شامل آهي. ان سان گڏ ڪن عالمن هن آيت جي نزول جي تاريخ شعبان جي پندرهين پڻ ٻڌائي آهي. والله اعلم بالصواب.(1)

صلوٰة جي معنيٰ ۽ مطلب:

”صلوٰة“ بنيادي طور عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جون لغت جي ماهرن ڪيتريون ئي معنائون ٻڌايون آهن جيئن تہ تعريف، ساراهہ، دعا، رحمت، مغفرت محبت جي نظر، ترحم، تسبيح وغيره ۽ ان جو جمع صلوات آهي. فارسي ۾ صلوٰة جو مترادف لفظ درود شريف آهي ۽ اڄ ڪلهہ اڪثريت وٽ ان لفظ جو استعمال ئي عام آهي.

جيتوڻيڪ صلوٰة لفظ ۾ وڏيڪ وسعت آهي پر پوءِ بہ درود لفظ جي استعمال کي اهل علم وٽ صحيح ڄاتو وڃي ٿو انڪري اسان بہ هتي ڪنهن جاءِ تي صلوٰة تہ ڪنهن جاءِ تي وري درود شريف جو لفظ بہ استعمال ڪيو آهي. ان لاءِ پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ مطالعي وقت اهي ٻنهي لفظن جو مطلب ۽ مقصد ساڳيو ئي سمجهن.

الله تعاليٰ، فرشتن ۽ انسانن طرفان صلوٰة موڪلڻ جو مقصد ۽ فرق:

عرش تي الله تعاليٰ، ان جا ملائڪ، جڏهن تہ فرش تي حضرت انسان، اهي سمورا نبي اڪرم ﷺ جن مٿان صلوٰة (درود) موڪليندا رهن ٿا ان جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ الله تعاليٰ، ملائڪن ۽

---

(1) سبل الهديٰ والرشاد، ابو عبد الله شامي، ج 12، ص 414
بذل القوة، مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، ص 116

انسانن طرفان موڪليل صلواتن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

هن سوال جو جواب ڏيندي مختلف عالمن پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ان باري ۾ ئي مشهور محدث احمد بن محمد قسطلاني (851 - 923) "المواهب اللدنيه" ۾ حافظ حليميءَ جي هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي ته،

اسان جڏهن "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلىٰ" پڙهون ٿا ته اسان الله تعالىٰ جي حضور ۾ عرض ڪريون ٿا ته، "اي الله تعالىٰ ! تون مني مرسل ﷺ جن کي (پنهي جهانن ۾) عظمت ۽ رفعت عطا فرماءِ."

ڪائنات جي ڪارڻي ﷺ جن لاءِ هن دنيا اندر عظمت اها آهي ته، "خالق ڪائنات پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي ذڪر کي بلند کان بلند فرمائي ۽ انهن جي آندل دين کي ٻين باطل مذهبن مٿان غالب ڪري ۽ سندن ڏنل شريعت کي دنيا ۾ هميشه قائم رکي جڏهن ته آخرت ۾ نبي اڪرم ﷺ جن لاءِ عظمت اها آهي ته، "الله تعالىٰ امت جي باري ۾ سندن شفاعت قبول فرمائي، کين مقام محمود عطا فرمائي ۽ سمورن انبياء ۽ رُسل جي مقابلي ۾ سندن فضيلت کي ظاهر ڪندي 'لواءِ الحمد' سندن ئي حوالي ڪري."

باقي جيڪڏهن ان عمل ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي آل، اولاد، ازواج ۽ اصحاب وغيره کي به شامل ڪيو وڃي ته ان ۾ ڪو به حرج نه آهي، ڇو ته هر هڪ کي عظمت ته سندس حيثيت مطابق ئي ملندي آهي. والله اعلم بالصواب.

هن سلسلي ۾ وري امام بخاريءَ هڪ روايت ابو العاليه کان هن ريت نقل ڪئي آهي ته،

"الله تعالىٰ طرفان درود موڪلڻ جو مطلب آهي ته اهو پاڻ فرشتن جي سامهون پياري پيغمبر ﷺ جن جي ثنا ۽ ساراهه سان گڏ سندن عظمت به بيان ڪري ٿو. فرشتن جو درود اهو آهي ته اهي

الله تعالىٰ کان ان سلسلي کي جاري رکڻ جي گذارش کندا رهن تا ته جيئن اهو سلسلو هميشه هلندو ۽ اڳتي وڌندو رهي.“(1)

جڏهن ته امام ماورديءَ جو قول آهي ته،

”الله تعالىٰ طرفان صلوٰة موڪلڻ جو مطلب آهي ”رحمت“، ملائڪن جي صلوٰة آهي. استغفار ۽ مؤمنن طرفان صلوٰة وري دعا آهي.“ ۽ ان قول تي اڪثريت جو اعتماد آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن تي صلوٰة پڙهڻ جي انگ ۽ عدد بابت بيان

نبي سڳوري ﷺ جن مٿان صلوٰة پڙهڻ جو حڪم ته ڪلام پاڪ، احاديث مبارڪ، آثار صحابه توڙي عالمن ۽ بزرگن جي اقوال مان ثابت به آهي ته واضح به، پر ڪٿي به صلوٰة شريف جي انگ ۽ عدد بابت اهڙو ڪو واضح حڪم موجود نه آهي ته ”صلوٰة شريف ڪيترا دفعا پڙهڻ گهرجي؟“

ان باري ۾ ”سبل الهدیٰ والرشاد“ ۾ ابو عبد الله شاميءَ طرفان مالڪي فقيهن جي هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي ويئي آهي ته ”درود شريف پڙهڻ هڪ مجمل اسلامي فريضو آهي جنهن جي پڙهڻ جو ڪو به انگ عدد يا وقت ويلو مقرر نه آهي“ يعني ته مؤمن جڏهن به پڙهي ۽ جيترا دفعا به پڙهي ان جي ڪا به پابندي نه آهي، البته عالمن ۽ محققن طرفان اهو به ٻڌايو ويو آهي ته،

”وڌ کان وڌ تعداد ۾ صلوٰة شريف پڙهڻ وارو وڌيڪ اجر ثواب ۽ وڌيڪ فائدن جو مستحق ٿئي ٿو ۽ ان”وڌ“ جي ڪا به حد مقرر نه آهي.“ اهڙيءَ ريت وقت ۽ جڳهه جي به ڪا پابندي نه آهي. هن ڏس ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هڪ روايت جيڪا نسائي، ابو داؤد، ترمذيءَ ۾ نقل ڪئي ويئي آهي ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته،

”اوهان جتي به هجو مون تي صلوٰة سڳوري پڙهندا ڪريو،

---

(1) المواهب اللدنيه، احمد بن محمد قسطلاني، ج3، ص319

توهان جي صلوٰة مون تائين پهچائي ويندي آهي.“

البت اهڙيون روايتون حديث، سيرت توڙي فقه جي ڪتابن ۾ ضرور ملن ٿيون ته ”هر مؤمن کي پنهنجي زندگيءَ اندر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو صلوٰة شريف پڙهڻ ضروري آهي.“

امام فخر الدين رازي ۽ ابن حزم وغيره جو قول آهي ته ”زندگيءَ ۾ هڪ دفعو درود شريف پڙهڻ ائين ئي واجب آهي جيئن هڪ دفعو ڪلمه توحيد پڙهڻ يا الله تعالىٰ جو حمد ۽ شڪر بجا آڻڻ واجب آهي.“

جڏهن ته امام قرطبيءَ جو قول آهي ته،

”ان ڳالهه ۾ ڪو به اختلاف نه آهي ته زندگيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن تي هڪ دفعو صلوٰة شريف پڙهڻ هر اهڙي مؤمن مٿان واجب آهي جنهن ۾ پڙهڻ جي صلاحيت موجود هجي.“

صلوٰة شريف پڙهڻ وارن لاءِ اجر ۽ ثواب جون روايتون:

هن سلسلي ۾ اسان جي عالمن، محققن، محدثن وغيره منجهان جن ۾ مقاتل بن حيّان، شامي، قسطلاني، حليمي، امام ذهبي، زرقاني، قاضي عياض، محدث سخاوي ۽ مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي وغيره جا نالا شامل آهن. سندن طرفان پنهنجين تصنيفات ۽ تاليفات ۾ صلوٰة سڳوري پڙهڻ جون فضيلتون ۽ برڪتون تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن جن منجهان فقط چند روايتون هيٺ نقل ڪيون وڃن ٿيون، ته جيئن درود پڙهڻ سان دلچسپي رکڻ وارا انهن کان آگاهه ٿي سگهن.

- امام حليميءَ جو قول آهي ”صلوٰة شريف پڙهڻ وارن کي الله تعالىٰ جو قرب حاصل ٿيندو آهي جو ته هن عمل سبب هڪ طرف ته الله تعالىٰ جي حڪم جي تعميل ٿئي ٿي ته ٻئي طرف وري نبي سڳوري ﷺ جن جا اسان جي مٿان جيڪي حق آهن انهن جي ادائگي لاءِ صلوٰة شريف پڙهڻ کي هڪ

ڪوشش بہ چئي سگهجي ٿو.“ والله اعلم بالصواب.

○ صلوٰة شريف پڙهڻ وارن مٿان الله تعالىٰ، ان جي ملائڪن ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي طرفان رحمتون موڪليون وڃن ٿيون.

○ جيڪو شخص ٻين مختلف وردن وظيفن جي بجاءِ صرف درود شريف ڪي ئي پنهنجو ورد مقرر ڪندو تہ الله تعالىٰ ان جي دنيا ۽ آخرت جون سموريون (جائز) خواهشون ۽ حاجتون پوريون فرمائيندو.

○ صلوٰة شريف پڙهڻ وارن جو الله تعالىٰ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ سندن تنگدستيءَ کي دور ڪري ٿو.

○ درود شريف پڙهڻ وارن جي سيني کي الله تعالىٰ ڪيني، ڪدورت، نفاق ۽ نفرتن کان پاڪ ڪري ٿو.

○ جيڪو بہ شخص الله تعالىٰ کان دعا گهرڻ وقت سرورِ عالم ﷺ جن مٿان صلوٰة پڙهندو تہ ان جي دعا قبول ڪئي ويندي.

○ ابن عربيءَ جو قول آهي تہ ”نبي ڪريم ﷺ جن تي درود شريف پڙهڻ جو فائدو پڙهڻ واري طرف ئي موٽندو آهي ڇو تہ اهڙي عمل سان عقيدي جو اخلاص، نيت جو خلوص، محبت جو اظهار، اطاعت جو ثبوت ۽ ذات نبوي ﷺ سان تعلق ۽ احترام ظاهر ٿئي ٿو.“

○ امام ترمذيءَ پنهنجي ”سنن“ ۾ حضرت عبد الله ابن مسعود جي هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي تہ، پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو ”حشر ڏهاڙي اهو شخص مونکي وڌيڪ ويجهو هوندو جيڪو مون تي سڀ کان وڌيڪ صلوٰة شريف پڙهندڙ هوندو.“

○ امام نسائي پنهنجي ”سنن“ ۾ توڙي ”عمل اليوم والليلة“ ۾

مشهور انصار صحابي ابو برده بن نيار جي هڪ روايت نقل ڪئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو "جيڪو امتي سچيءَ دل سان مون تي هڪ دفعو صلوٰة پڙهندو الله تعالىٰ ان جي مٿان ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو، سندس ڏهہ درجا بلند ڪندو، ان لاءِ ڏهہ نيڪيون لکيون ويندبون ۽ سندس ڏهہ گناهہ پڻ معاف ڪيا ويندا."

○ امام احمد بن حنبل پنهنجي "مسند" ۾ ۽ ابن ابي شيبه "المصنف" ۾ جيّد سَنَد سان هڪ روايت نقل ڪئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ، "سرور ڪائنات ﷺ جن کان هڪ شخص پڇيو، اي الله جا رسول ﷺ! جيڪڏهن مان هر وقت اوهان جي مٿان صلوٰة شريف پڙهندو رهان تہ ان جو ڇا اجر هوندو؟ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جواب ۾ فرمايو. "الله تعالىٰ دين ۽ دنيا جي سمورن معاملن ۾ اوهان جي مدد فرمائيندو."

اهڙي ريت صلوٰة شريف پڙهڻ وارن جي اجر ۽ ثواب بابت ٻيون بہ بيشمار روايتون موجود آهن.

جمعي جي ڏهاڙي صلوة شريف پڙهڻ جون فضيلتون:

هونئن تہ مؤمن ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ ڏينهن نبي اڪرم ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي صلواة وسلام موڪلي سگهن ٿا. جيئن اڳ بيان ٿي چڪو آهي. پر ان سان گڏ اهڙيون روايتون بہ احاديث مبارڪ ۾ موجود آهن جن مان خبر پوي ٿي تہ،

"جمعي جي رات توڙي ڏينهن تي درود شريف پڙهڻ جون فضيلتون ٻين ڏينهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ آهن"

هن ڏس ۾ حضرت اوس بن اوس جي هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله جي رسول ﷺ جن فرمايو:

"اوهان لاءِ (هفتي جي سمورن ڏينهن منجهان) جمعي جو

ڏينهن سڀ کان وڌيڪ فضيلت وارو اهي ان ڏهاڙي حضرت آدم عليه السلام کي خلقيو ويو ۽ ان ڏينهن تي ئي ابو البشر هن دنيا مان موڪلايو. ان ڏهاڙي ئي حضرت اسرافيل صور ڦوڪيندو ۽ ان ڏينهن تي ئي قيامت قائم ٿيندي انڪري جمعي واري ڏينهن منهنجي مٿان وڌيڪ تعداد ۾ درود شريف پڙهندا ڪريو اهو مون تائين پهچايو ويندو آهي."

اها مشهور روايت آهي جيڪا امام احمد بن حنبل پنهنجي مُسند ۾ ابو بڪر بيهقي شعب الايمان ۾، ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجہ پنهنجي پنهنجي "سنن" ۾ ابن حِبان ۽ ابن خزيمه صحيحين ۾ ۽ امام حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ نقل ڪئي آهي (1). ان سلسلي ۾ ئي حضرت ابودرداء جي هڪ ٻي روايت بہ "ابن ماجہ" پنهنجي سنن ۾ هن ريت نقل ڪئي آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو "جمعي جي ڏهاڙي مون تي وڌيڪ درود شريف پڙهندا ڪريو ڇو تہ اهو (ملائڪن) جي حاضريءَ جو ڏينهن هوندو آهي پوءِ جيترو وقت بہ ڪو شخص درود پڙهڻ ۾ مشغول هوندو آهي تہ اهي ملائڪ ان وقت تائين وٽس موجود رهن ٿا. جيستائين اهو شخص ان عمل مان فارغ ٿئي." اسان وري ڪائنڻ پڇيو "اي اسان جا سائين سڳورا ﷺ ! ڇا اوهان جي وصال کان پوءِ بہ اهو سلسلو جاري رهندو؟" پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو "هائو پوءِ بہ ائين ئي ٿيندو رهندو ڇو تہ الله تعاليٰ زمين تي حرام ڪيو آهي تہ اها انبياء عليهم السلام جي جسمن کي کائي ! ان ڪري اهي هميشہ جيئرا رهن ٿا. ۽ کين قبرن اندر بہ رزق پهچايو وڃي ٿو (2).

انهن روايتن مان پروڙ پوي ٿي تہ جمعي جي ڏهاڙي صلوٰة

---

(1) سبل الهدیٰ والرشاد، ابو عبد الله شامي، ج 12، ص 444

(2) سبل الهدیٰ والرشاد، ابو عبد الله شامي، ج 12، ص 444

شريف پڙهڻ جون فضيلتون بين ڏهاڙن کان وڌيڪ آهن.

صلوٰة شريف بابت کن ڪيفيتن جو ذڪر:

هن ڏس ۾ حضرت ڪعب بن عجره جي هڪ روايت امام بخاري ۽ امام مسلم طرفان صحيحين ۾ نقل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ ڏهاڙي اسان سرور ڪائنات ﷺ جن کان پڇيو،

اي الله جا رسول ﷺ! اسان کي اها ڄاڻ آهي ته اوهان تي سلام ڪيئن پڙهجي (جو ته نماز دوران اسان تشهد ۾ "السلام عليک ايها النبي ورحمة الله وبرکاته" پڙهندا آهيون) پر اهو نه ٿا ڄاڻون ته اوهان جي مٿان صلوٰة ڪيئن پڙهجي؟

پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو ته هيئن پڙهو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ، اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ

اهڙيءَ ريت امام بخاريءَ پنهنجي ڪتاب "الادب المفرد" ۾ "ابن وهب" ۽ "ابن بشڪوال" کان هڪ روايت هن ريت نقل ڪئي آهي.

"الله جي رسول ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص وٽ صدقي ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه هجي ته اهو دعا گهرڻ مهل هي درود شريف پڙهي"

''اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ وَصَلِّ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ''

اهڙي ئي روايت ابو سعيد خُدري کان ابو شيخ به بيان

ڪئي آهي جيڪا "صحيح ابن حبان" ۾ نقل ڪئي وئي آهي.

صلوٰة شريف جا مختلف مجموعا:

صلوٰة شريف جي فيوض وبرڪات توڙي اجر ۽ ثواب بابت مٿي جيڪي روايتون نقل ڪيون ويون آهن. انهن روايتن مان ثابت ٿئي ٿو ته صلوٰة شريف پڙهڻ هڪ اهڙي نيڪي آهي جنهن جا فيوض ۽ برڪات بي حساب آهن اهڙين روايتن کي سامهون رکندي ئي اسان جي عالمن محققن، محدثن ۽ سالڪن وغيره پنهنجي پنهنجي طرفان صلوٰة شريف متعلق مختلف ڪتاب ۽ رسالا مرتب ڪيا آهن جن ۾ عرب توڙي عجم جون ڪيتريون ئي شخصيتون شامل آهن.

اهڙا ڪتاب ۽ رسالا عام طور ٻن قسمن جا آهن جن منجهان هڪڙا ته اُهي آهن جن ۾ درود شريف پڙهڻ وارن لاءِ اجر ۽ ثواب جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻين ۾ وري درود شريف بابت مختلف ڪيفيتن ۽ انهن جي مختلف قسمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب جيڪو هن وقت اسان جي سامهون آهي ان ۾ ٻه مختلف قسمن وارا درود شريف هڪ جاءِ تي نقل ڪيا ويا آهن ته جيئن پڙهڻ وارن جي پهچ سولائيءَ سان انهن درودن تائين ٿي سگهي ۽ اهي انهن بابرڪت درودن جي فيوض ۽ برڪات مان ٻه مستفيض ٿي سگهن ته سرورِ ڪائنات ﷺ جن سان پنهنجي نسبت ٻه قائم رکندا اچن اهو سلسلو قديم دؤر کان مؤمنن وٽ هلندڙ آهي.

هن وقت تائين مختلف قسمن جي صلواتن جا جيڪي مجموعا اسلامي دنيا جي عالمن ۽ عارفن طرفان مرتب ڪيا ويا آهن انهن جو انگ ۽ عدد تمام گهڻو آهي. جن منجهان ڪن مشهور ۽ مقبول مجموعن جا نالا پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ٻه نقل

كيا وڃن ٿا تہ جيئن درود شريف پڙهڻ جو ذوق رکڻ وارا انهن مان بہ استفادو ڪري سگهن. اهي نالا هن ريت آهن.

(1) الكنوز المحمديه لرؤية خير البرية
سيّد محمّد يوسف الحسني سمهودي

(2) مفرح القلوب و مفرج الكروب
سيّد محمّد عبد السلام

(3) الصلواة المدنية علىٰ صاحب الطلعة البهيه
ابو الزهراء اويس بن عبد الله الحسيني

(4) ورد الجيوب في الصلوٰة علىٰ الحبيب المحبوب
الشيخ جزولي

(5) اغاثة القلب اللاهي بالصلاة علىٰ اكرم رسل الله (صلى الله عليه وسلم)
الشريف، محمّد حمزه بن علي بن المنتصركتاني

(6) النفحات النورانية في الصلوات علىٰ خير البرية
محي الدين ابن عربي

(7) سر الاسرار في ذكر الصلواة علىٰ النبي المختار
شيخ احمد طيب بن بشير

(8) الصلواة علىٰ النبي وهي مناهل الاشواق الىٰ حبيب الخلق والخلاق، محمّد اسماعيل ابراهيم

(9) انوار الحق في الصلواة علىٰ سيد الخلق
شيخ عبد المقصود سالم

(10) صفوة الدلائل في الصلوٰة والسلام علىٰ سيد الاواخر والاوائل، شيخ محمّد احمد عمير الاحسائي

(11) دلائل الخيرات وشوارق الانوار في ذكر الصلواة علىٰ النبي المختار، ابي عبد الله محمّد بن سليمان الجزولي

(12) الدر الفائق في الصلواة علىٰ اشرف الخلائق

مصطفىٰ كمال الدين صديقي بكري

(13) افضل الصلوات علىٰ سيد السادات

شيخ محمّد يوسف نبهاني

(14) التفكر والاعتبار في فضل الصلوٰة والسلام سيدنا ومولانا محمّد النبي المختار (عليه‌السلام). احمد بن ثابت مغربي

(15) ذخيرة المحتاج في الصلوٰة علىٰ صاحب اللواءِ والتاج محمّد عبد المعطي الشرقاوي. وغيره

صلوٰة شريف متعلق تصنيفات ۽ تاليفات جي طويل فهرست مان اهي فقط ڪجهه نالا آهن جيڪي نموني طور هتي نقل ڪيا ويا آهن، باقي جيڪڏهن اهڙن سمورن ڪتابن ۽ رسالن جو شمار ڪبو جيڪي عرب ۽ عجم جي عالمن ۽ عارفن طرفان مرتب ڪيا ويا آهن ته پوءِ اهو انگ الائي جي ڪيستائين پهچي ويندو؟

صلوٰة شريف جي انهن بيشمار مجموعن منجهان ڪجهه ته طباعت جو مرحلو طئي ڪري عوام تائين پهچي چڪا آهن جڏهن ته ڪيترا نسخا اڃان به قلمي صورت ۾ ئي دنيا جي مختلف ڪتب خانن ۾ موجود آهن. هن سلسلي ۾ اسان جا سنڌي عالم به اهڙي بابرڪت خدمت ۾ پٺتي نه رهيا آهن. پر افسوس جو سنڌن مرتب ڪيل اڪثر ڪتاب ۽ رسالا قلمي صورت ۾ ئي موجود آهن ۽ اهي اڃان سوڌو اشاعت ۽ طباعت واري مرحلي تائين نه پهچي سگهيا آهن تنهن ڪري عوام جي اڪثريت انهن کان آگاهه نه آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ جي بي مثال عالم ۽ فقيه مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ به هڪ رسالو مرتب ڪيو. جنهن ۾ نهايت مستند ۽ متبرڪ صلواتون هڪ جاءِ تي جمع ڪيون اٿن اهو رسالو مخدوم صاحب جن سن 1132هجريءَ ڌاري مڪمل ڪيو ۽ ان رسالي جو نالو رکيائون

”ذريعة الوصول الى جناب الرسول ﷺ“

ان ڪتاب مرتب ٿيڻ جي هڪ ڊگهي عرصي ڪان پوءِ ان جو اردو ترجمو مولوي محمّد يوسف لڌپانوي صاحب ڪيو جيڪو پهريون ڀيرو 1995ع ڌاري ڪراچيءَ مان شايع ڪيو ويو.

جنهن ڪان پوءِ هن ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. اڳتي هلي ان اردو ترجمي جا ٻه سنڌي ترجما ۽ هڪ انگريزي ترجمو به مارڪيٽ ۾ پهچي چڪوآهي ۽ هن ڪتاب شايع ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌي مقبوليت ماڻي آهي.

مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ ڪان پوءِ سندن شاگرد رشيد الحاج سيّد فقير الله شاهه علويءَ به اهڙو ئي هڪ رسالو تيار ڪيو جنهن ۾ پڻ مختلف قسمن جا درود جمع ڪيا ويا ۽ هن ڪتاب جو نالو رکيائون

”براهين النجاة من مصائب الدنيا والعرصاة“

هن رسالي جو اصلي نسخو ته حضرت سائين فقير الله شاهه جي هٿ اکرن ۾ لکيل هو جڏهن ته هن ڪتاب جا ڪجهه نقل ٿيل نسخا به هئا جيڪي ڊگهي عرصي تائين ”علويه لائبريري“ شڪارپور ۾ به موجود رهيا ته وري خاندان جي مختلف فردن وٽ به هئا. پر بدقسمتيءَ سان جڏهن علمي زوال جو دؤر شروع ٿيو ته پوءِ ٻين ڪتابن وانگر هن ڪتاب جو به ڪو نسخو اتي باقي نه بچيو. 1950ع واري ڌاڪي ۾ هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو درگاهه ”چشمه شريف“ وارن بزرگن وٽ نظر آيو پر ڪجهه وقت ڪان پوءِ اهو نسخو اُتان به غائب ٿي ويو. ڪافي تلاش ڪان پوءِ ان نسخي جي ”پشين“ (بلوچستان) جي هڪ علمي شخصيت مرحوم صاحبزاده حميد الله صاحب جن جي ڪتب خاني ۾ موجود هجڻ جو انڪشاف ٿيو.

جنهن کان پوءِ عزيزم پروفيسر امين الله علوي صاحب جن وڃي صاحبزاده حميد الله سان مليا ۽ ڪائنئن ان نسخي جو نقل حاصل ڪيائون ۽ سالن کان پوءِ ان بابرڪت ڪتاب جو هڪ نسخو وري هن خاندان ۾ واپس آيو.

هينئر الحمد لله هن رسالي جا ڪيترائي نقل علوي خاندان جي مختلف فردن وٽ توڙي سائين جن جي معتقدين وٽ بہ موجود آهن جيڪي باقاعده ورد طور روزانو هن رسالي کي پڙهندا ۽ ان جي فيوض ۽ برڪات مان مستفيض ٿيندا رهن ٿا.

هاڻي پهريون ڀيرو هي رسالو سنڌي ترجمي سان گڏ ڇپجي منظر عام تي آيو آهي ۽ اهو ترجمو حضرت مولانا قائم الدين سڪندري صاحب جن ڪيو آهي. الله تعالیٰ ڪين ان جو اجر عطا فرمائيندو. آمين.

اميد آهي تہ هي رسالو هاڻي سولائيءَ سان هر هڪ حاصل ڪري سگهندو ۽ وڌ کان وڌ فردن کي ان جي پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي سگهندي.

مؤلف جو تعارف

حضرت سائين الحاج فقير الله شاهہ علويءَ جي ”تاليف ”براهين النجاة من مصائب الدنيا و العرصاة“ نالي ڪتاب ۽ انجو سنڌي ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

سائين جن جو شمار ڏکڻ ايشيا جي عظيم المرتبة عالمن ۽ صاحب معرفت سالڪن ۾ ٿيندو آهي.

سندن شخصيت علم ۽ فضل، اخلاص ۽ عمل، تقوىٰ ۽ طهارت، خشيت ۽ للاهيت، تواضع ۽ تزڪئي، توڪل ۽ استغنا جو مخزن هئي. جنهن ۾ ظاهري توڙي باطني علوم جا سمورا سلسلا بہ اچي گڏيا هئا. انڪري عالمن توڙي عارفن وٽ حضرت شاهہ صاحب جن جي علمي ڪمال ۽ روحاني بصيرت تي اعتماد ڪيو ويندو هو.

علم ۽ عرفان جي ان اعلىٰ ۽ ارفع مقام ماڻڻ لاءِ حضرت شاهہ صاحب جن سالن جا سال هڪ طرف تہ جيّد عالمن، مفسرن، محدّثن، محققن ۽ فقيهن جي خدمت ۾ گوڏا ڀڃي ويٺا ۽ ظاهري علم جا سبق پڪا ڪري پوءِ اتان اٿيا تہ ٻئي طرف وري وقت جي مجيل عارفن ۽ سالڪن جي صحبت ۾ رهي مجاهده ۽ مڪاشفہ ڪري مختلف سلاسل جون سَنَدون حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

سندن سوانح جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻارهين صدي هجريءَ دوران عرب ۽ عجم اندر علم ۽ حڪمت توڙي سلوڪ ۽ معرفت جا جيڪي معروف مرڪز ۽ مناهل موجود هئا، اتان ڪين سيراب ٿيڻ جا موقعا مليا. پر پوءِ بہ آخري وقت تائين سندن علمي اڃ نہ اجهاڻي هميشہ خوب کان خوبتر جي تلاش ۾ سندن جاکوڙ ۽ جدوجهد جاري رهي ۽ سرور ڪائنات ﷺ جن جي هن حديث مبارڪ:

"اُطْلُبُوْا الْعِلْمَ مِنَ الْمَهْدِ اِلَى اللَّحْدِ" (علم جي طلب ڪريو پينگهي کان قبر تائين) تي سڄي ڄمار عمل پيرا رهيا ته جتي به ڪين ڪنهن آفاقي ۽ عبقري شخصيت جي موجودگيءَ جو پتو پوندو هو ته پنهنجي علم ۽ عرفان جي تڪميل خاطر جبل جهاڳي، برپٽ ۽ بيابان لتاڙي توڙي سمنڊ سوجهي به اتي وڃي نڪرندا هئا ۽ اتان مستفيض ٿي ئي موٽندا هئا.

اهڙيءَ ريت سائين جن پنهنجي ظاهري علم ۽ باطني سلاسل جي ترقيءَ ۽ تڪميل توڙي سود سنوار لاءِ سڄي ڄمار هٿ پير هڻندا رهيا. علم جي اٿاهه سمنڊ جو هنن ڪناري تان بيهي نظارو نه ڏٺو هو بلڪه هڪ ماهر غوّاص وانگر ان جي اندر ٽٻيون هڻي ان جي طول و عرض توڙي گهرائيءَ جو به اندازو لڳايو هو. جنهن ڪري هنن پنهنجي ظاهري توڙي باطني علوم کي ڪڏهن به ڪامل نه ڄاتو. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته:

"حضرت سائين فقير الله شاهه جن کي طالب علميءَ واري دؤر کان علم جي طلب ۽ تلاش جو جيڪو شوق جاڳيو پاڻ سڄي ڄمار ان کي برقرار رکندا آيا. جنهن سندن علم ۽ عرفان کي اهڙي اوج تي رسايو جتي پهچڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهه نه آهي."

۽ سائين جن جي علمي عظمت، مطالعي جي وسعت ۽ ذهني بصيرت جو اندازو سندن تصنيفات، تاليفات، ملفوظات توڙي مڪتوبات جي مطالعي ڪرڻ وارا آسانيءَ سان لڳائي سگهن ٿا.

انهن تحريرن ۾ اڃان سوڌو اهائي تازگي ۽ تاثير موجود آهي جيڪا دلين کي گرمائي ۽ روح کي تسڪين پهچائي سگهي ٿي.

اهو ئي سبب آهي ته "قطب الارشاد"، "مڪتوبات شريف"، "فتوحات الغيبيه" ۽ "طريق الارشاد" وغيره جي مطالعي ڪرڻ وارن

کي اتان حکمت ۽ معرفت جا به سبق ملن ٿا ته تدبّر ۽ تفکّر جا اهڙا مڻيادار موتي به هٿ اچن ٿا جن ۾ انساني اندر اجارڻ جي سکت ۽ صلاحيت موجود آهي. تڏهن ته بلوچستان ۽ افغانستان جي ڪيترن ئي عالمن ۽ عارفن وٽ اڄ تائين "قطب الارشاد"، "مکتوبات شريف" وغيره جو مطالعو سندن روزمره جي معمولات ۾ شامل رهي ٿو. بلڪ ڪن کي ته سفر توڙي حضر ۾ اهي نسخا ساڻ به ڏٺا ويا آهن!

ايڏي وڏي علمي ۽ روحاني عظمت حضرت سائين فقير الله شاهه جي شخصيت ۾ بجاءِ ڪنهن فخر ۽ وڏائيءَ جي نهايت ئي عاجزي انڪساري نماڻائي ۽ نهٺائي پيدا ڪئي جنهن جو اندازو سندن تصنيفات خاص طور "مکتوبات" جي مطالعي مان لڳائي سگهجي ٿو. مختلف مکتوبات ۾ هنن هر جاءِ تي ٻين عالمن ۽ عارفن جا نالا نهايت ئي ادب ۽ احترام سان نقل ڪيا اٿن پر پاڻ کي فقط "فقير الله علوي" ئي لکن ٿا. جڏهن ته عمر جي آخري حصي ۾ شڪارپور اندر قيام دوران هنن جيڪي خط پٽ لکيا تن ۾ پاڻ کي "خادم الفقراء" لکيو اٿن، جيڪا سندن عجز ۽ انڪساري جي انتها آهي.

ان سان گڏ هنن هر هنڌ پنهنجي علم ۽ عرفان، حسب، نسب ۽ مقام مرتبي کي مخفي رکڻ جي ئي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا صحيح سالڪ جي سڃاڻ به آهي ته معرفت جي مٿانهين مقام تي هجڻ جو ثبوت به!

جو ته سالڪ جيترو به پاڻ کي گهٽ سمجهندو اوترو ئي منجهس الله تعالیٰ جي عظمت جو احساس وڌندو ويندو، تڏهن ته سرور ڪائنات ﷺ جن طرفان هيءَ دعا سيکاري وئي آهي:

"اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ فِيْ عَيْنِيْ صَغِيْرًا وَفِيْ اَعْيُنِ النَّاسِ كَبِيْرًا"

جنهن کان پوءِ ئي سالڪ جي اندر تواضع ۽ ڪسر نفسي ﺑﻪ پيدا ٿيندي ته بندن لاءِ شفقت ۽ اخلاص جا جذبات ﺑﻪ سندس اندر ۾ ايرندا تڏهن ئي اهو رياڪاري ۽ خود ثنائيءَ کان پاسو ڪندو.

اهي در حقيقت، قلبي ڪيفيات آهي جن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ڪو سستو سودو نه آهي.

حسب نسب:-

هن رسالي جي مؤلف حضرت سائين فقير الله علويءَ جو نسبي تعلق قريش جي مشهور شاخ "بني هاشم" سان آهي. ۽ سندن خانداني شجرو اٺاويهين واسطن سان حضرت علي ابن ابي طالب تائين پهچي ٿو. سندن خاندان جو اهو شجرو اڪثر عالمن، مؤرخن ۽ ماهرين نساب طرفان نقل ڪيو ويو آهي.

هيٺ اسان ﺑﻪ ان شجري کي مختلف حوالن سان نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن شجري جو پهريون حصو جيڪو حضرت سائين فقير الله شاهہ کان وٺي حضرت علي بن ابي طالب تائين آهي، ان کي نقل ڪرڻ لاءِ اسان جو اهم ماخذ اهو رسالو آهي جيڪو مشهور افغان عالم، عارف، مؤرخ ۽ علم الانساب جي ماهر مولانا الحاج محمّد عبيد الله نقيبي نهرڪاريز واري مرتب ڪيو. ۽ ان ۾ افغانستان سان واسطو رکندڙ مشهور عالمن، عارفن جا شجره هن نهايت ئي تحقيق ۽ تدقيق کان پوءِ نقل ڪيا آهن. هن رسالي جو نالو آهي "اشجار الاخيار في تواريخ الڪبار".

هي رسالو اردو زبان ۾ آهي ۽ ڪوئٽه مان شايع ٿي چڪو آهي. جڏهن ته هن شجري جو ٻيو حصو جيڪو حضرت عبد المطلب کان وٺي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تائين آهي، ان لاءِ اسان جا ماخذ هيٺيان ڪتاب رهيا آهن.

(1) الانساب، امام سمعاني.

(2) عمدة الطالب في نسب آل ابي طالب، شريف جمال الدين احمد بن عنبه.

جڏهن تہ هن مڪمل شجري کي نقل ڪرڻ لاءِ هيٺيان ماخذ بہ سامهون رکيا ويا آهن.

(1) انساب الاشراف، احمد بن يحيىٰ بلاذري، ج 1

(2) تلقيح فهوم اهل الاثر في عيون تاريخ والسّير، امام عبد الرحمن ابن جوزي.

(3) بياض علوي (قلمي)، مرحوم مير جمال الدين علوي

(4) شجره خاندان علوي (قلمي)، مرحوم مير مصلح الدين (ثاني) علوي.

حضرت شيخ عبيد الله نقيبي پنهنجي رسالي ۾ شجري جي شروعات هن ريت ڪئي آهي.

"جناب شيخ المشائخ استاذ الاساتذه، قطب الدوران، غوث الزمان، غياث الاوان، سيّدنا الحاج ميان فقير الله شاهہ علوي شڪارپوري بن جناب امير سيّد عبد الرحمٰن بن حضرت شمس الدين (سورج) بن سيّد مير بدر الدين (حارث) بن گل محمّد شاهہ بن حضرت قطب شاهہ (مهاجر) بن حضرت امين شاهہ بن جودان شاهہ بن قرطاس شاهہ (ڪرتاس) بن نواب شاهہ بن داراب شاهہ بن مهدي شاهہ بن انتر شاهہ (عنتر شاهہ) بن خير شاهہ بن حميد شاهہ بن انور شاهہ بن عِماد الدين شاهہ بن لطيف شاهہ بن خير الدين شاهہ "مجروح" بن حسن شاهہ "شهيد" بن جعفر شاهہ بن حضرت حامد الحق بن حافظ الاسد بن حضرت زبير شاهہ بن حضرت عبد الله تبع تابعي بن حضرت عبيد الله تابعي بن حضرت سيّدنا امام محمّد اڪبر شجاع تابعي عرف محمّد بن الحنفيه بن امير المؤمنين

سيّدنا علي بن ابي طالب" (1) بن عبد المطلب (شيبه) بن هاشم (عمرو) بن عبد مناف (مغيره) بن قصيّ (زيد) بن كلاب بن مره بن كعب بن لوّي بن غالب بن فِهر (ان جو ئي لقب قريش هو جنهن جي پنيان سندس قبيلي تي اهو نالو پيو) بن مالك بن نضر (قيس) بن كنانه بن خزيمه بن مدركه (عامر) بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان (2).

بن اُدُ بن ادد بن اليسع بن الهميسع بن سلامان بن البنت بن حمل بن قيدار بن اسماعيل بن ابراهيم عليه السلام بن تارخ بن ناخور بن سروع بن اروغ بن والع بن عامر بن منوشلح بن اخنوع

---

(1) اشجار الاخيار (اردو) مولانا عبيد الله نقيبي نهركاريزي، ص 128.

(2) عدنان کان آدم تائين اها پهرين روايت آهي. هن باري ۾ اڪثر نسّابن جو قول آهي ته هي شجرو "عدنان"تائين صحيح ۽ مستند آهي. انڪري امام بخاريءَ به پنهنجي "صحيح" ۾ (باب مبعث النبي صلي الله عليه وسلم) ۾ هي شجرو "عدنان" تائين ئي نقل ڪيو آهي. البت هن پنهنجي تاريخ ۾ هن شجري کي حضرت ابراهيم عليه السلام تائين پهچايو آهي.

حضرت عبد الرحمٰن ابن جوزيءَ پنهنجي ڪتاب "تلقيح فهوم الاثر" ۾ ڄاڻايو آهي ته: "ماهرين انساب وٽ اهو ثابت آهي ته حضرت اسماعيل عليه السلام حضرت ابراهيم عليه السلام جو ئي فرزند آهي. باقي عدنان کان اسماعيل تائين بين نالن ۾ اختلاف آهي. جن مان ڪي نالا ته اڳي پوءِ آهن جڏهن ته ڪن روايتن ۾ ڪجهه نالا هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف به آهن. انڪري اڪثر عالمن هاشمي خاندان جو شجرو عدنان تائين ئي نقل ڪيو آهي. جنهن جي صحت ۾ ڪو به اختلاف نه آهي." والله اعلم بالصواب.

بن البارد بن مهلائيل بن قينان بن انوش بن شيث بن آدم عليه السلام (1).

عدنان کان اڳتي هن شجري بابت هڪ ٻي روايت بہ هيٺ درج ڪئي وڃي ٿي جيڪا مشهور ترين نسّاب امام ابي سعد عبد الڪريم بن محمّد ابن منصور التميمي السمعاني (المتوفیٰ 562ھ) پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "الانساب" ۾ عبد الله بن عباس جي حوالي سان نقل ڪئي آهي. ان ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ پاڪ ڪريمن صلی الله عليہ وآلہ وسلم جن پنهنجو شجرو عدنان کان مٿي هن ريت ٻڌايو آهي.

"عدنان بن اُدُ بن ادد بن الهميسع بن عامر بن صلح بن بنت بن اسماعيل بن ابراهيم بن آزر (تارخ) بن ناخور بن شاروع بن فالغ بن عابر (هود عليه السلام) بن شالخ بن ارفخشند بن سام بن نوح بن لمڪ بن منوشلخ بن اخنوع (ادريس) بن برد بن قينان بن انوش بن شيث بن آدم صلوٰة الله علیٰ الانبياء اجمعين"(2).

اهڙيءَ ريت هن شجري بابت ڪجهہ ٻيون روايتون بہ ملن ٿيون.

افغانستان ۾ هن خاندان جي آمد:-

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اموين ۽ عباسين جي حڪومت دوران حضرت علي بن ابي طالب جي اولاد مان ڪيترائي ڪٽنب ۽ قبيلا حجاز ۽ عراق مان هجرت ڪري عجم ۾ آيا ۽ هندوستان، ايران ۽ افغانستان وغيره جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اچي آباد ٿيا.

---

(1) عمدة الطالب في نسب آل ابي طالب، شريف جمال الدين احمد بن عنبة 828ھ، ص 44 - 49.

تلقيح فهوم اهل الاثر، ابن جوزي، ص 8.

(2) الانساب، سمعاني، ج 1، ص 24 - 25.

حضرت سائين شاهه فقير الله علويءَ جا وڏا بہ عباسين جي دورِ حڪومت ۾ ئي افغانستان ۾ آيا ۽ ننگرهار صوبي جي شهر ”حصارڪ“ جي پسگردائي ۾ اچي لڏو لاٿائون. پوءِ اڳتي هلي سندن اهو ڳوٺ ”روتاس“ جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين اهو ڳوٺ آباد آهي، جنهن جو مفاصلو هتان جي مشهور شهر جلال آباد کان چاليهارو ڪن ميل ٿيندو.

جيتوڻيڪ جو حصارڪ توڙي ان جي آسپاس اڳ بہ ڪجهه عالمر، فاضل آباد هئا. پر هن خاندان جي اچڻ کان پوءِ علائقي جي علمي توڙي ديني رنگ ۾ اڃا بہ اضافو ٿيو. ڇوتہ هن هاشمي خاندان ۾ ڪيترائي ئي عالمر ۽ عارف موجود هئا. جن وٽان علمي ۽ روحاني فيض پرائڻ لاءِ اوري پري جي وسندين ۽ واهڻ مان سوَن جي تعداد ۾ ماڻهو سندن خدمت ۾ اچڻ لڳا ۽ هتي اهو سلسلو ڏکهي عرصي تائين جاري ۽ ساري رهيو جنهن ڪري هن خاندان جي شهرت سڄي علائقي ۾ ڦهلجي ويئي. هن خاندان جي علمي عظمت بابت آقائي عبد الحي حبيبي لکي ٿو تہ:

”ہ صديون اڳ هتي هڪ صحيح النسب هاشمي خاندان رهندو هو جنهن ۾ ڪيترن ئي اهل عرفان ۽ صاحب ذوق هستين، خوش فڪر شاعرن سياستدانن ۽ مفڪرن وغيره جي پيدائش ۽ پرورش ٿيندي رهي.“

سيد جمال الدين افغاني بہ انهيءَ خاندان جو چشم و چراغ هو ۽ هن وقت بہ اتي ”الفت“ ۽ ”مجروح“ جهڙا چوٽيءَ جا عالمر ۽ اديب موجود آهن جيڪي پنهنجي خاندان توڙي ملڪ جي لاءِ فخر جو باعث سمجهيا وڃن ٿا.

خدا ٿو ڄاڻي تہ اڳتي هلي بہ هن باڪمال خاندان ۾ الائي جي ڪهڙيون شخصيتون پيدا ٿينديون ۽ هن مردم خيز

زمين تان کھڙا چمڪندڙ ستارا اڀرندا[1].

آقائي عبد الحي توڙي ٻين عالمن جي تحريرن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن خاندان ۾ هر دؤر اندر عالم ۽ عارف جهجهي انگ ۾ موجود رهندا آيا آهن.

ٻارهين صديءَ جي آخر تائين بہ هن خاندان اندر ڪافي تعداد ۾ عالمن ۽ عارفن جي موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو جيڪي عوام توڙي خواص تائين علم ۽ عرفان جي روشني پهچائيندا رهيا پر انهن ۾ حضرت عبد الرحمٰن شاهہ جو نالو ٻين سمورن کان وڌيڪ نمايان ۽ نروار رهيو. جنهن جي مدرسي ۾ ظاهري علم جا سبق اسباق بہ هلندا هئا تہ وري سلوڪ ۽ تصوف جا سلسلا بہ جاري رهيا.

ولادت ۽ تعليم:-

ان باڪمال هستيءَ جي گهر ئي سن 1100هہ ربيع الاول جي مبارڪ مهيني ۾ سومر ڏهاڙي هڪ فرزند جي ولادت ٿي جنهن جو نالو "فقير الله شاهہ" رکيو ويو[2].

جيئن تہ هن ٻار جي ولادت هڪ باعمل ۽ عارف جي گهر ۾ ٿي انڪري سندن پالنا ۽ پرورش خالص مذهبي ماحول ۽ اسلامي روايتن جي روشنيءَ ۾ ٿي. جنهن سبب ٻالجتيءَ کان ئي ديني اثرات سندن رڳ رڳ ۾ رچي چڪا هئا.

اڃا هلي هي ٻار جڏهن پير ڪڍي هلڻ جهڙو ٿيو تہ هن مسجد اندر نماز جي صفن، مدرسي اندر درس و تدريس جي مجلسن ۽ خانقاهہ اندر ذڪر اذڪار جي حلقن کي ئي پنهنجي

---

(1) نئين زندگي، مئي 1958، مقالو "حاجي فقير الله علوي" آقائي عبد الحي حبيبي، مترجم مير شفيع احمد "اوج" علوي.

(2) اشجار الاخيار، حضرت عبيد الله نهرڪاريزي، ص 118.

آسپاس موجود ڏنو. پوءِ سڄي ڄمار ان ماحول ۾ ئي گذاري ڇڏيائون. ۽ هنن ڪڏهن ب ڪنهن ٻئي ماحول تي اک ئي نہ وڌي هنن پنهنجي باعمل بابي سائينءَ وارين سمورين روايتن کي سڄي ڄمار سيني سان لائي رکيو. ۽ انهن کان هڪ پل ب پاڻ کي پري نہ ڪيائون.

بهرحال وقت گذرندو رهيو پوءِ هي پار جڏهن لکڻ پڙهڻ واري عمر تائين پهتو تہ سندن علمي سلسلي جي شروعات ب پنهنجي بابي سائينءَ هٿان ئي پنهنجي ذاتي مدرسي ۾ ڪئي وئي. جتي هنن ڪلام پاڪ پورو ڪري پوءِ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا بنيادي ڪتاب ب اتي ئي شروع ڪيا. پر ان دؤران ئي حضرت شاه عبد الرحمٰن سائين اوچتو ئي هن فاني دنيا کي ڇڏي دار البقا ڏانهن روانو ٿيو جنهن کي پنهنجي مسجد ۽ مدرسي جي پر ۾ ئي جاءِ ڏني وئي. جتي اڄ تائين سندس مزار مبارڪ موجود آهي. جيڪو جلال آباد صوبي جو اهم روحاني مرڪز شمار ٿيندو آهي. والد صاحب جي وفات کان پوءِ سندن امڙ سائڻ جيڪا پڻ علم، فضل جي اهميت کان يلي يت آگاه هئي ان پنهنجي هن پياري پٽ جي علمي سلسلي کي توڙ رسائڻ ۽ ڪيس بابي سائينءَ جو صحيح جانشين بڻائڻ جو عزم ڪيو.

هونئن تہ ان وقت سندن پنهنجي خاندان اندر ب ڪجھ عالم هئا پر ان دؤر ۾ "حصارڪ" اندر ئي هڪ اهڙو جيّد عالم ۽ عارف موجود هو جنهن جي هاڪ پري پري تائين ٻڌبي هئي. سندن اسم گرامي حضرت مولانا محمّد صادق بن دينڊار ننگر هاري هو. معقولات توڙي منقولات ۾ سندن مقام تمام مٿانهون هو جنهن ڪري اوري پري وار شهرن توڙي ڳوٺن کان ڪيترائي علم جا طالب تعليم پرائڻ لاءِ سندن مدرسي ۾ اچي داخل ٿيندا هئا.

جيئن تہ حصارڪ جو شهر ننڍڙي فقير الله سائينءَ جي ڳوٺ "روتاس" کان گھڻو پري بہ نہ هو انڪري امڙ سائڻ پنهنجي هن پياري پٽ کي ان مدرسي ۾ ئي داخل ڪرائڻ جو ارادو ڪيو.

اڪيلو پٽ جنهن جو پيءُ بہ دنيا کي ڇڏي چڪو هجي ان کي پاڻ کان پري ڪرڻ امڙ لاءِ هڪ وڏو امتحان تہ ضرور هو پر هن بيبيءَ کي اها ڳالهہ پسند نہ هئي تہ هڪ عالم جو پٽ بي علم رهجي وڃي. انڪري هن سيني تي پٿر رکي پنهنجي هن پياري ٻچڙي کي حصارڪ اماڻيو.

جيئن تہ مولانا محمّد صادق هن ٻار جي خانداني پس منظر کان آگاهہ هو انڪري خوشيءَ سان کيس پنهنجي مدرسي ۾ داخل ڪيائين.

پوءِ تعليمي سلسلو اتان ئي اڳتي شروع ڪيو ويو جتي هن ٻار کي سندس والد صاحب پهچائي ويو هو.

جيئن تہ هي ٻار علم جي چاشني ننڍي عمر ۾ ئي چکي چڪو هو تنهن ڪري پوري ذوق ۽ شوق سان پنهنجي تعليمي سلسلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ لڳي ويو. مردم شناس استاد بہ هن طالب جي صلاحيت ۽ ذهانت کي پهرين نظر ۾ ئي پرکي ورتو هو پوءِ استاد جي محنت ۽ شفقت شاگرد جو ذوق ۽ شوق، ذهانت ۽ قابليت جڏهن اهي سڀ شيون اچي پاڻ ۾ گڏ ٿيون تہ پوءِ علمي سفر جا سمورا سلسلا سهنجا ۽ سولا ٿي پيا. ڪجهہ سالن جي اندر ئي اهو يتيم ٻار جيڪو بي يارو مددگار هن مدرسي ۾ داخل ٿيو هو اهو حديث، فقه، تفسير، منطق ۽ معاني وغيره ۾ مهارت حاصل ڪري علمي تحصيل جي دستار پنهنجي سر تي سجائي هن مدرسي مان نڪتو. اهڙيءَ ريت سندن ظاهري تعليم جو هڪ مرحلو پورو ٿيو.

حضرت سائين فقيرالله شاه ننگر هار ۾ نهايت يڪسوئي ۽ دلجمعي سان پنهنجي ظاهري علم جي تڪميل ته ڪئي پر ان باطني علم جي طلب ۽ تانگهه سندن دل ۾ هميشه موجود رهي جنهن جي پهرين چسڪي به هو ننڍپڻ ۾ پنهنجي بابي سائين هٿان چکي چڪا ها انڪري هاڻي سندن سمورو ڌيان اهڙي ڪامل شيخ جي تلاش ۾ لڳو رهيو. جيڪو ڪين طريقت جي ڏڳ لائي سگهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ پشاور واري علائقي جي ويجهو تحصيل "چارسده" جي ڳوٺ "خرقئي" ۾ هڪ جيد عالم ۽ ڪامل شيخ جي هاڪ ۽ ساک هر هنڌ هلي رهئي هئي جنهن جي ڪيميا اثر نظر هيٺ ڪيترائي بي خبر ۽ ڀٽڪيل شخص صراط مستقيم تائين پهچي چڪا هئا ۽ ڪيترين ئي مرده دلين کي سندن صحبت ۽ هدايت جيئاري ڇڏيو هو.

الله تعالىٰ جي ان نيڪ ٻانهي جو نالو قطب الاقطاب سيّد محمّد مسعود ٻڌايو ويو آهي. سندس ذات شريعت ۽ طريقت جو مجمع البحرين هئي. مختلف علمي ۽ روحاني هستين جي واتان اهڙا احوال جڏهن شاهه فقير الله جن تائين پهتا جيڪي اڳ ئي ڪنهن اهڙي عامل ۽ ڪامل جي تلاش ۾ هئا ته پوءِ بنا وقت وڃائڻ جي ان الله جي وليءَ وٽ پهچڻ لاءِ سفر جو سانباهو ڪيائون ۽ اتي پهچي بزرگ جي دست حق پرست تي بيعت جي سعادت حاصل ڪري سندن مريديءَ جي حلقي ۾ شامل ٿيا.

بس پوءِ ائين محسوس ٿيو ته مرشد ۽ مريد جي وچ ۾ نسبت قائم ٿيڻ جي ئي دير هئي، نسبت قائم ٿيندي ئي ڪامل مرشد جي ڪريمانه نظر هيٺ روحاني اسباق جو سلسلو شروع ٿي ويو. مراقبا ۽ مڪاشفا به جاري رهيا ته نفي اثبات جون مشقون به هلنديون رهيون. جيئن دل جا حجاب هٽندا ويا تيئن لطيفا به کُلندا ۽

روشن ٿيندا رهيا.

جيئن مرشد جي عطا بي حد هئي تيئن مريد وٽ به پرائڻ جي صلاحيت بي حساب هئي. سالن جا سبق مهينن ۾ مهينن جا مراقبا ڏينهن ۾ مڪمل ٿيندا رهيا.

معرفت جا عميق ۽ دقيق مسئلا باڪمال مرشد سولائيءَ سان هن مرادوند مريد کي سمجهائيندو رهيو. ابن عربيءَ جي وحدت الوجود کان وٺي حضرت مجدد الف ثانيءَ جي وحدت الشهود تائين جيڪي فرق فروق هئا. اهي سڀ ڪامل مرشد پنهنجي هن مريد اڳيان آشڪار ڪري ڇڏيا. جنهن کان پوءِ هن فاني دنيا جي اصل حقيقت ۽ حيثيت توڙي سچي ۽ صحيح تصوير سندن اڳيان ظاهر ٿي بيٺي. ۽ اتي

”اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ“ ۽ ”مَا عِنْدَ اللهِ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى“

جو سڄو فلسفو ۽ تفسير پڻ ڪامل مرشد سندن دل ۽ دماغ ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

هن منزل تي الله تعالىٰ حضرت سائين فقير الله شاهه جي قلب کي اها غنا بخشي جتي دنيا جا خزانا سالڪ کي هيچ ۽ نيچ نظر ايندا آهن ۽ هو ان طرف اک ڦيرائڻ به گناهه سمجهندو آهي. هن مقام تي ئي سالڪ کي سخاوت ۽ ايثار جي اها دولت عطا ڪئي ويندي آهي. جو سندس دل ۾ نه فقط دوستن ۽ خير خواهن لاءِ پر دشمنن ۽ مخالفن لاءِ به درگذر ۽ بخشش وارا جذبات پيدا ٿيندا آهن نه فقط ايترو پر اتي پهچي سالڪ دشمنن جي لاءِ به الله تعالىٰ کان عافيت ۽ سندن ڀلائيءَ لاءِ دعاگو رهندو آهي.

ان منزل تي پهچڻ کان پوءِ طريقت کان حقيقت تائين ۽ حقيقت کان معرفت تائين حضرت شاهه صاحب جن پنهنجي مطلوب منزل ماڻي ورتي. اهڙا احوال هنن پنهنجي ئي ڪتاب ”قطب

الارشاد" ۽ "فتوحات الغيبيه" ۾ بيان ڪيا آهن. هي اها ئي منزل آهي جتي "عبد" جو تعلق "معبود" سان براھ راست قائم ٿي وڃي ٿو. ۽ ان مقام تي پهچڻ وارن لاءِ ئي الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ"

۽ انهن جي ئي متعلق سيد المرسلين ﷺ جن فرمايو:

"اِتَّقُوۡا فِرَاسَةَ الۡمُؤۡمِنِ فَاِنَّهٗ يَنۡظُرُ بِنُوۡرِ اللّٰهِ"

(مؤمن جي فراست کان ڊڄو هو الله جي نور سان ڏسندو آهي)

ان مقام تي پهچڻ وارن جو نفس پاڪيزه ۽ مطهر ٿيو پوي. ان اعليٰ ۽ ارفع مقام ماڻڻ وارن جي دلين ۾ خشوع ۽ خضوع پيدا ٿئي ٿو. جنهن سان ڪين بندگيءَ جو حظ حاصل ٿئي ٿو. ڇو تہ بندگيءَ جو تعلق انسان جي قلب سان آهي. انڪري ئي چيو ويندو آهي تہ:

"جيستائين قلب جي پاڪيزگي حاصل نہ ٿيندي تيستائين نہ تہ عبادت جو حقيقي مقصد پورو ٿيندو ۽ نہ ئي وري بندو ان مان لطف اندوز ٿي سگهندو."

ان مقام تي پهچڻ کان پوءِ قطب الاقطاب حضرت سيّد محمّد مسعود پشاوريءَ جن حضرت سائين فقير الله علويءَ کي خلافت جو خرقو ڏنايو. پوءِ ڪين پهريون پيرو ڇهن طريقن يعني نقشبنديه، قادريه، چشتيه، سهروردیه، فردوسيه ۽ شطاريه ۾ اجازت عطا ڪئي وئي (1) جيڪا غير معمولي ڳالهہ هئي. پر پوءِ بہ سندن طبيعت سير نہ ٿي پر روح جي طلب ۾ اڃان بہ اضافو ٿيو جنهن لاءِ شاھ صاحب جن لاهور پهتا جتي انهن ڏينهن ۾ نقشبندي

---

(1) اهڙي سَنَد شاھ فقير الله علوي جي ڪتاب "وثيقة الاڪابر" ۾ نقل ڪئي وئي آهي. (وثيقة الاڪابر قلمي، ص 118)

سلسلي جي هڪ ڪامل بزرگ خواجه محمّد سعيد لاهوريءَ جي ڪشف ۽ ڪرامات جو ذڪر هر زبان تي هلندڙ هو.

باطن جي اصلاح ۽ طريقت جي تعليم لاءِ ماڻهن جا هشام هر وقت سندن خانقاهه تي حاضر رهندا هئا. پاڻ گهڻو وقت مراقبي ۾ مشغول ۽ مجاهدي ۾ مستغرق رهندا هئا.

خواجه محمّد سعيد لاهوريءَ جن حضرت شاهه فقير الله جي پير سيّد محمّد مسعود پشاوريءَ جا به مرشد هئا. سندن خدمت ۾ حضرت سائين فقير الله شاهه جن گهڻ وقت گذاريو ۽ پنهنجي روحاني سلسلي ڪي اجان به اڳتي وڌايو.

مولانا دين محمّد وفائي جو چوڻ آهي ته ”حضرت شاهه فقير الله علويءَ لاهور ۾ خواجه محمّد سعيد کان به چئن طريقن ۾ خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هو“ (1). والله اعلم بالصواب.

لاهور کان ئي حضرت شاهه صاحب جن ڳوٺ موٽڻ بجاءِ نقشبندي سلسلي جي امام ۽ قائد حضرت مجدد الف ثانيءَ جي مزار مبارڪ جي زيارت لاءِ سرهند شريف (ضلع پٽيالہ مشرقي پنجاب) پهتا جتي ان وقت حضرت مجدد الف ثانيءَ جو ٽيون پوٽو خواجہ محمّد معصوم ثاني سجاده نشين هو جنهن سان پڻ معرفت ۽ حقيقت بابت سندن نهايت اهم ڪچهريون ٿيون. جن سندن روحانيت ۾ اجان به اضافو ڪيو. سرهند شريف کان واپسيءَ تي مختلف عالمن ۽ عارفن سان ملندا شاهه صاحب جن لاهور کان ٿيندا پشاور اچي نڪتا.

جنهن کان پوءِ مرشد جي حڪم سان جلال آباد آيا. اتي هڪ مدرسي ۽ خانقاهه جو بنياد رکيائون جتي نقشبندي ۽ قادري سلسلي ۾ ماڻهو ڪانئن دست بيعت به ٿيندا رهيا ته ظاهري علم

(1) الوحيد سنڌ آزاد نمبر (1936ع) مولانلدين محمّد وفائي، ص 36.

جي تعليم ۾ حاصل ڪندا رهيا. پوءِ ٿوري ئي وقت اندر سندن شهرت سڄي علائقي ۾ پکڙجي ويئي. ۽ ظاهري توڙي باطني علوم سان دلچسپي رکڻ وارن جا هشام سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهندا هئا. هزارين ماڻهن کي ظاهري تعليم ۽ نفس جي اصلاح وارا سبق پڪا ڪرايا.

حضرت شاه فقير الله رحمة الله عليه جن پنهنجي تعليمي سلسلي کي اڳيان ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ سنڌ جي سفر جو سانباهو ڪيو.

سنڌ اندر ٺٽو انهن ڏينهن ۾ تعليمي لحاظ کان بغداد، بخاره، قرطبه، ۽ قاهره واري حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. جتي سون جي تعداد ۾ عالم، فاضل، مفسر، محدث، فلسفي، منطقي، مفتي، قاري، لغوي، نحوي، مطلب ته علم جي هر شاخ سان واسطو رکندڙ ماهر ستارن وانگر هتان جي علمي افق تي چمڪي رهيا هئا. جن ۾ مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ جي حيثيت چوڏهينءَ جي چنڊ واري هئي.

سمورن عقلي ۽ نقلي علوم ۾ مخدوم صاحب جيڪو مقام ماڻيو هو ان جي هاڪ سنڌ جون سرحدون لتاڙي سڄي برصغير افغانستان ۽ ماوراءِ النهر جي مختلف ملڪن تائين ۾ پهچي چڪي هئي. ۽ انهن علائقن کان ۾ ڪيترائي شخص سندن فيض ۽ فضل مان مستفيض ٿيڻ لاءِ ٺٽي پهچندا هئا. حضرت فقير الله شاه علويءَ ۾ افغانستان ۾ مخدوم صاحب جي علميت جا اهڙا احوال ٻڌي سن 1130 هجريءَ ڌاري جلال آباد کان قندار، ڪوئٽه، سبي ۽ شڪارپور واري رستي کان ٺٽي پهتا(1). جتي مخدوم محمّد هاشم جن جي خدمت ۾ پهچي باقاعده طور سندن

(1) تذڪره لطفي (ج پهريون) لطف الله بدوي، ص 239.

شاگردي اختيار ڪري عام طور مختلف علوم ۾ ۽ خاص طور حديث جي علم ۾ مهارت حاصل ڪيائون.

ٺٽي ۾ قيام دوران شاهه فقير الله جن اتان جي ٻئي اجل عالم مخدوم محمّد معين ٺٽويءَ وٽان بہ ظاهري توڙي باطني علوم ۾ استفادو ڪندا رهيا.

ٺٽي جي مخدومن وٽان ڀرپور استفادو ڪرڻ کان پوءِ شاهه صاحب هتان حرمين شريفين ڏانهن اُسهيا ۽ حج جي ادائگي کان پوءِ اُتان جي عالمن عارفن سان بہ سندن ملاقاتن توڙي ڪانئن علمي استفادي ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو. جن عالمن ۽ استادن وٽان مختلف علوم خاص طور علوم الحديث ۾ سَنَدون حاصل ڪيائون تن ۾ شيخ عبد القادر مڪي صديقيءَ جو نالو وڏيڪ اهم آهي. جيڪو حضرت شاهه صاحب جي استاد مخدوم محمّد هاشم ٺٽويءَ جو بہ استاد هو. ان کان سواءِ جن ٻين عالمن، عارفن ۽ محدّثن وٽان فيضياب ٿيا تن ۾ مشهور محدث سيّد محمّد عمر مڪي، فقيہ طيب، خطيب بن عمر يمني ناشري حديدوي ۽ رئيس المحدثين امام محمّد حيات سنڌيءَ جا نالا ذڪر جوڳا آهن. انهن عالمن وٽان حضرت سائين فقير الله شاهه صاحب صحاح ستہ سميت حديث جي پنجويهن ڪتابن جون سَنَدون حاصل ڪيون.

عربستان جي سفر تان موٽ تي حضرت شاهه فقير الله جن وري بہ سنڌ ۾ آيا ۽ ٺٽي توڙي آسپاس وارن عالمن سان علمي ڪچهريون ڪري جلال آباد واپس وريا.

پر جيئن تہ ان وقت جلال آباد جي سياسي فضا سازگار نہ هئي انڪري هو اتان قندار آيا. ۽ اتي قيام ڪيائون. پوءِ هتي پڻ هڪ علمي ۽ روحاني مرڪز جو بنياد رکيائون جتي پاڻ ـــ گهڻو وقت تائين مسند ارشاد تي رونق افروز رهيا. هن مرڪز ۾ جيڪا

مسجد هئي اها قندار جي شهر ۾ اڄ سوڌو حضرت سائين فقير الله شاهه جي نالي سان منسوب به آهي ته مشهور ۽ موجود به.[1]

حضرت سائين شاهه فقير الله علويؒ جي مستقل شڪارپور آمد:

سمورا مؤرخ ان ڳالهه تي متفق آهن ته حضرت شاهه صاحب جن 1150هجري بمطابق 1727ع ڌاري قندار مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ اتر سنڌ جي مشهور شهر شڪارپور کي پنهنجو مستقل وطن بڻايائون ۽ پوءِ سموري زندگي اتي ئي گذاري ڇڏيائون.

شڪارپور ۾ اچڻ کان پوءِ پاڻ هتي به هڪ عظيم علمي ۽ روحاني مرڪز جو بنياد رکيائون جتي ظاهري تعليم لاءِ هڪ جامعه ۽ روحاني تعليم لاءِ خانقاهه ۽ نماز لاءِ مسجد ۽ مطالعي لاءِ هڪ عاليشان ڪتب خانو به قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ نادر ۽ ناياب ڪتابن جا نهايت قيمتي نسخا جمع ڪيا ويا هئا.

ڪجهه ئي وقت اندر هن علمي مرڪز جي شهرت پري پري تائين پهچي وئي جتي سَوَن جي تعداد ۾ طالب العلم نه فقط هند و سنڌ پر افغانستان، ايران ۽ ماوراء النهر جي مختلف علائقن مان کهي ايندا هئا ۽ هن مرڪز اندر ڪين مختلف علوم جي تعليم سان گڏ روحاني تربيت به حاصل ٿيندي هئي ته مطالعي لاءِ ڪين قيمتي ڪتاب به دستياب ٿيندا هئا.

حضرت شاهه فقير الله جن اٽڪل پنجيتاليهه ورهين تائين هتي قيام فرمايو جنهن دوران هزارين انسان سندن فيض، فضل ۽ علم عرفان مان مستفيض ٿيندا رهيا جن جي فهرست تمام طويل آهي ۽ انهن مان حضرت پير سائين محمّد راشد روزي ڌڻي، ملا

---

(1) "قطب الفرد الحاج شاهه فقير الله علوي" پروفيسر مرحوم امين الله علوي، ماهوار "الرحيم" (سنڌي) سپٽمبر 1971ع، ص 26.

فرح الدين عرب، سيّد محمّد وفا لکوي، مولانا عبد الله ڪاڪڙ، خواجہ رحيم داد بتي ڪوئٽي، حضرت مولاداد قنڌاري ۽ سندن پنھنجي فرزند صاحبزادهٖ مولانا حفظ الله علوي وغيره جا نالا ذکر جوڳا آهن.

خطن وسيلي بہ ڪيترائي عالمِ عارف توڙي حاڪم ۽ سردار پڻ ڪائنن هدايتون، توڙي ديني رهنمائي حاصلُ ڪندا رهندا هئا. حضرت سائين فقير الله شاهہ جي ڪتب خاني مان استفادي ڪرڻ لاءِ بہ وڏا وڏا عالم، اديب ۽ محقق سندن خدمت ۾ هر وقت ايندا رهندا هئا. جن سان سندن علمي ڪچهرين جو سلسلو بہ هلندو رهندو هو. انهن بزرگن مان درگاهہ پير ڳوٺ جي مورث اعلىٰ حضرت پير سائين خواجہ محمّد بقا شاهہ صاحب پٽ ڌڻي جو نالو وڏيڪ مشهور آهي.

حضرت پير سائين جن جيڪي پڻ شاهہ فقير الله سائينءَ وانگر ڪتابن جا بي حد شوقين هئا. اهي جڏهن بہ هن علائقي جي دوري تي آيا تہ ڪڏهن بہ شڪارپور جو پيرو نہ ڇڏيائون. ۽ هنن ٻنهي بزرگن جون پاڻ ۾ گهڻيون ئي رهاڻيون رهيون.

شڪارپور جي هن ڪتب خاني جو ذکر هوندئن تہ ڪيترن ئي عالمن دل کولي ڪيو آهي پر مرحوم غلام مصطفىٰ قاسميءَ صاحب جن پنهنجي هڪ مقالي ۾ هن ڪتب خاني جو تعارف نهايت تفصيل سان ڪرايو آهي. جنهن ۾ قاسمي صاحب لکي ٿو تہ:

”هندوستان کان افغانستان تائين ڪيترائي جيّد عالم شڪارپور کهي اچي ان ڪتب خاني جي زيارت بہ ڪندا هئا تہ نادر ڪتابن مان نوٽس بہ وٺندا هئا.“ اڳتي هلي قاسمي صاحب اهو بہ لکي ٿو تہ: ”مخدوم محمّد هاشم جي لائبريري کان پوءِ سنڌ اندر

هي لائبريري ۾ ئي نمبر تي هئي. "(1)

اهڙيءَ ريت اٽڪل اڌ صديءَ تائين شڪارپور جي سرزمين تي علم ۽ عرفان جو اهو درياءَ پوري جوش ۽ ولولي سان موجزن رهيو جنهن جا وهڪرا سڄي ڏکڻ ايشيا کي علمي توڙي روحاني لحاظ کان سيراب ڪندا رهيا. جنهن جو ذڪر اڳين پوين عالمن ۽ اديبن دل کولي ڪيو آهي.

هن ڏس ۾ چوڏهين صديءَ جو مشهور افغان عالم، مؤرخ ۽ محقق آقائي عبد الحيّ حبيبي پنهنجي هڪ مقالي ۾ حضرت شاهه صاحب جن جي باري ۾ لکي ٿو ته: "حضرت فقير الله سائين حصارڪ جلال آباد جو هڪ آتش نفس سادات هو جنهن جو علمي ۽ روحاني دائرو ڪامل هو."

علم ۽ اخلاق ۽ خدا شناسائيءَ جي ذات جا ڪين مليل هئي تنهن سر زمين سنڌ کان وٺي پشاور ۽ لاهور تائين آمونديءَ جي ڪنارن ۽ قنڌار کان وٺي هندي وڏي سمنڊ تائين لکن ماڻهن جي دلين تي قبضو ڪيو.

هزارين عُشاق ۽ عقيدت مند پرانهين پنڌ تان ڪهي سندن آستاني تي اچي اتان فيض حاصل ڪندا هئا(2).

حضرت فقير الله شاهه علويءَ جي باري ۾ اهي تاثرات ته هئا ڪانئن پوءِ واري دؤر جي هڪ افغان عالم جا. جڏهن ته سائينءَ جن جي همعصر هڪ سنڌي عالم، مؤرخ ۽ محقق مير علي شير قانع پنهنجي معروف ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ سندن علمي ۽ روحاني عظمت بابت پنهنجي خيالن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو.

---

(1) مقالات قاسمي، ص 345.

(2) هن مقالي جو سنڌي ترجمو مير شفيع احمد "اوج" علوي مرحوم ڪيو هو. جيڪو ماهوار "نئين زندگي" مئي 1958ع ۾ ڇپيو هو.

"الحاج فقير الله علوي جيڪو ٻاهران آيل آهي، هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪائنس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ شڪارپور ايندا رهن ٿا.

علم ۽ عرفان جي سلسلي ڪي توڙ رسايو اٿس ۽ ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هي بزرگ فضيلت ۽ حال جو صاحب آهي. (آسپاس) جا حڪمران پڻ ساڻس عقيدت رکن ٿا ۽ سندن خدمت ۾ حاضري ڀرين ٿا. نيڪين جي حڪم ڪرڻ ۽ براين کان روڪڻ ۾ نهايت درجي جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ پنهنجي مريدن ۽ معتقدن ڪي ظاهري توڙي باطني فيض سان نوازيندو رهي ٿو." (1)

خلق خدا تي سندن ظاهري توڙي باطني فيض جي اها بارش اٽڪل اڌ صديءَ تائين جاري رهي ۽ بيشمار انسان ان پالوٽ ۾ پسي پنهنجي جسماني توڙي نفساني غلاظتن کي ڌوئي هتان پاڪ صاف ٿي نڪتا ۽ دنيا توڙي آخرت جون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ڪين نصيب ٿيون.

اهڙيءَ ريت هند سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ مؤرخن حضرت سائين فقير الله شاهه جي علم، عرفان، فيض ۽ فضل جا احوال پنهنجي مقالن توڙي ڪتابن ۾ نقل ڪيا آهن.

جن ۾ پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، غلام علي آزاد، مولانا دين محمّد وفائي، غلام رسول مهر، لطف الله بدوي، ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر، اعجاز الحق قدوسي، ڊاڪٽر عبد المجيد ميمڻ وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.

شڪارپور جي سر زمين تي اٽڪل اڌ صديءَ تائين حضرت شاهه فقير الله علويءَ جي صحبت ۽ تربيت هيٺ هزارين غافل غفلت جي خواب مان اکيون مهٽي اٿيا. بيشمار گمراهه سندن

(1) تحفة الكرام (فارسي) مير علي شير قانع، ج3 ص 134.

رهنمائيءَ هيٺ سڌي راهہ تي رسيا. حرص ۽ هَوَس جا ڪيترائي قيدي انساني خواهشن جي پنجوڙن مان پاڻ ڇڏائي روحانيت جي پر سڪون فضائن ۾ پرواز ڪرڻ لڳا. حضرت سائين فقير الله شاهہ جي صحبت ۽ تربيت هيٺ جيئن ڪيترائي بي علم عالم تي نڪتا ساڳيءَ ريت ڪيترا عالم وري عامل تہ ڪيترا عامل ڪامل تي نڪتا ۽ پوءِ مختلف ماڳن ۽ ملڪن اندر اهي درس ۽ تدريس توڙي معرفت ۽ ارشاد جي مسندن تي وڃي ويٺا ۽ ڳهي عرصي تائين خلق خدا جي ذهني توڙي روحاني تربيت ڪندا رهيا.

حضرت فقير الله شاهہ سائينءَ جن پنهنجو سڄو وقت درس تدريس، وعظ، نصيحت، تصنيف تاليف ۽ ذڪر اذڪار ۾ ئي گذاريندا هئا تہ وري ان سان گڏ خطن جي ذريعي بہ پرانهن پنڌن تي رهڻ وارن کي هدايت ۽ نصيحت جا درس ڏيندا رهندا هئا. اهڙيءَ ريت سندن سڄي ڄمار دين جي خدمت ۽ بندن جي فلاح ۽ اصلاح لاءِ ڪم ڪندي گذري ۽ اهو سلسلو سندن زندگيءَ تائين جاري ۽ ساري رهيو.

علم ۽ عرفان جو هي آفتاب جيڪو ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ افغانستان جي ڳوٺ روتاس جي افق تي اڀريو هو اهو ان صديءَ جي ئي آخري سالن يعني 1195هجري بمطابق 29 ڊسمبر 1781ع ڌاري شڪارپور سنڌ جي سر زمين تي غروب ٿيو اها صفر مهيني جي ٽئين تاريخ ۽ آچر جو ڏينهن هو.

هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن سندن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ سندن اولاد، مريد، معتقد، شاگرد، عالم، عارف وغيره شريڪ ٿيا. جنهن کان پوءِ سندن ميت کي ان علمي احاطي اندر ئي جاءِ ڏني وئي جتي پاڻ پنجيتاليهہ ورهين تائين علم ۽ ارشاد جي مسند تي جلوهہ افروز رهيا. بعد ۾ سندن مزار مبارڪ جي مٿان

عاليشان گنبذ جوڙايو ويو.

شڪارپور شهر جي اندر محله "هزاريدر" جي پاسي ۾ اڄ تائين سندن مقبرو هڪ روحاني مرڪز جي حيثيت سان موجود آهي. جتي سنڌ بلوچستان، پنجاب ۽ افغانستان کان ڪيترائي عالم، عارف توڙي عام ماڻهو ايندا رهن ٿا. جن جي هتان ذڪر اذڪار جون مجلسون بہ برپا ڪيون وڃن ٿيون تہ نقشبندي سلسلي مطابق مراقبن جا حلقا بہ قائم ڪيا ويندا آهن.

حضرت شاه صاحب جي وفات جي تاريخ جيڪا سندن ئي هڪ شاگرد ۽ خليفي سيّد محمّد وفا لکويءَ طرفان جوڙي ويئي اها سندن مزار مبارڪ جي الهندي پاسي کان نقل ٿيل آهي. جيڪا هن ريت آهي:

ولی غوث خدا حاجی فقیر اللہ شدہ بخلد مرجع نشین الی ابد

وفات شب و تاریخ وقت و سال وصال بگو سیوم صفر نصف لیلۃ احد

پروفيسر اسرار احمد علوي

ڪنوينر الفقير اڪيڊمي شڪارپور

سنڌ

تقريظ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الْمَلِكِ الْجَبَّارِ الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ الْكَرِيْمِ السَّتَّارِ مُوْلِجِ اللَّيْلِ فِي النَّهَارِ مُجْدِئِ الْفَلَكِ فِي الْبِحَارِ وَرَزَّاقِ الدُّوْدِ فِي الْقِفَارِ اَشْهَدُ اَنَّ سَيِّدَنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ صَاحِبِ الْعِزَّةِ وَالْوَقَارِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ.

اما بعد : كل واكاڻ ان والي واحد وحده لا شريڪ له کي سونهين ٿي، جنهن جهانن جا سڀ جنسار جوڙيا آهن، جيڪو ڪارن ڪڪرن مان وڏڦڙا مينهن وسائي ويران زمينن کي گلن ۽ ٻوٽن ، وڻن ۽ ٽڻن، ميون ۽ پوڪن سان سينگاري سائو ۽ سرسبز بڻائيندو آهي، جيڪو هوا ۾ اڏامندڙ پکين کي مڃيون ڪارائيندو آهي ته ٽِج پياڪ معصوم ٻار کي جيجل امڙ جي جهولي ۾ ڳالهائڻ جي سگهه ڏيندو آهي، جنهن پروردگار مٽيءَ جي پنوڙي مان حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪري ربع مسڪون کي بني آدم سان آباد ڪيو آهي، جنهن جي عظمت "اِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" ۽ "اِنَّمَا اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ" آهي.

برو علم يک ذره پوشيده نيست   که پيدا و پنهان بنزوش يکست

بر احوال نابوده علمش بصير   باسرار ناگفته لطفش خبير

ڪائنات جو ڪو به ذرو الله تعالىٰ جي علم کان مخفي ۽ مستور نه آهي هر لڪيل ۽ پڌري شيءِ الله تعالىٰ جي آڏو هڪ ئي ڳالهه آهي. جيڪي خبرون اجان ظاهري نه ٿيون آهن، جيڪي ڳجها راز اجان بي نقاب نه ٿيا آهن احڪم الحاڪمين رب انهن سيني خبرن، رازن ۽ اسرارن کان باخبر ۽ باعلم آهي.

جهاں متفق بر اهیتش فروماند کند ما تیش

بشر ماورائے جلالش نیافت بصر منتہائے جمالش نیافت

پروردگار جي حقيقت کي پرکڻ کان عقل عاجز آهي ان جي حُسن لازوال جي تجلي جي تِک ۾ تاب سهڻ کان اک ايري آهي ان جي بزرگيءَ بي نيازي کان سواءِ انسان ڪجهه سمجهي نه ٿو سگهي پورو جهان ان ڪي خدا مڃڻ ۾ متفق آهي.

لکين لک صلواتون، لکين لک سلام مديني جي مير محبوب محمّد مصطفیٰ ﷺ تي جنهن جي طفيل هي ساري ڪائنات وجود ۾ آئي، جنهن جي مٿان هر وقت رب ڪريم جا فرشتا ۽ مؤمن ٻانها درود وسلام موڪليندا رهن ٿا، لکين لک درود و سلام ان محبوب ڪريم رؤف رحيم عليه الصلواة و السلام تي جنهن رب ڪريم جو دوبدو ديدار ڪيو، ان محبوب ڪريم ﷺ جي شان عظمت ۾ پوري دنيا ۾ عاشق ڪتاب لکندا رهن ٿا. ۽ ان جي فرمان عاليشان کي عام ڪندا رهن ٿا.

محمّد گر نہ بودی نبودی ہر دو عالم در وجودی

جيڪڏهن دلبر محمّد ڪريم ﷺ نه هجي ها ته جڳ جا جنسار نه هجن ها.

تو اصل آمدی از نخست دگر ہرچہ موجود شد فرع تست

مدني تاجدار ﷺ هر شيءِ جو اصل آهي، باقي دنيا جي هر ذري کي وجود مٺي محمّد ڪريم ﷺ جي مهابي مليو.

يا صاحب الجمال و يا سيد البشر

من وجهک المنير لقد نور القمر

لا يمکن الثناء کما کان حقه

بعد از خدا بزرگ توئي قصه مختصر

لڪين رحمتون ۽ برڪتون سھڻي حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي چئني يارن جانثارن، اهلبيت اطهارن ۽ اصحابن سڳورن تي هجن جن جو شان وحي زبان هن طرح بيان فرمايو آهي:

«أَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِأَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمْ»

منهنجا اصحابي ستارن جي مثل آهن جيڪو بہ انهن جي پيروي ڪندو هدايت وارو ٿيندو.

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن پاڻ ڪيائين پروار
هادي حامي هاشمي سردارين سردار
سونهين صحابن سٽ ۾ منجھہ مسجد مٿيادار
چارئي چڱا چوڏار، هيا هيڪاندا حبيب سين.
(شاهہ صاحب)

سنڌ سونهاري اها پياري ڌرتي آهي، جنهن پنهنجي پاڪ پيٽ منجهان عظيم هستين کي جنم ڏنو جن هر فن ۽ هر ميدان ۾ پنهنجا نالا پيدا ڪيا، خواهہ علم ظاهري هجي يا باطني، فقهہ هجي يا تصوف، تفسير هجي يا حديث، نحو هجي يا منطق، حڪمت هجي يا طب. الغرض تہ هر علم ۽ فن جا متبحر علماءِ ڪرام ۽ اولياء پيدا ٿيا.

اهڙي طرح جيڪڏهن سنڌ تي طائرانہ نظر وجهجي تہ حضرت مخدوم علامہ جعفر بوبڪائي، حضرت مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي، حضرت سيد محمّد عثمان مروندي المعروف قلندر شهباز، حضرت مخدوم محمّد اسماعيل پريالوي رحمهم الله تعالیٰ عليهم ۽ ٻيا لڪين بزرگان دين نظر اچن ٿا. انهن مان حضرت سيد فقير الله شاهہ علوي شڪارپوري رحمة الله عليه بہ هڪ آهن، پاڻ صاحب روحانيت ۽ ڪامل ولي الله هئا، سندن رڳ رڳ ۾ عشق مصطفیٰ

ﷺ سمايل هيو، بزرگ جون قيمتي تصانيف آقا ڪريم عليه الصلوٰة و السلام سان بي پناهه محبت تي شاهد آهن، حضرت سيد فقير الله شاهه علوي شڪارپوري رحمة الله عليه جي زيرِ نظر تصنيف به حضور ڪريم ﷺ جي عشق ۽ محبت سان معمور آهي.

حضور ﷺ تي درود و سلام جو بي بها خزانو آهي. جن جي پڙهڻ سان دارين جون ڀلايون حاصل ٿينديون، ۽ هميشه انسان مشڪلاتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهندو. زير نظر ڪتاب جو ورد قضاء حاجات جو بهترين ذريعو آهي. الله تعالى مترجم کي جزاءِ خير عطا فرمائي، جنهن اهڙي ناياب ڪتاب جو ترجمو فرمايو.

مالڪن جي نگاهه ڪرم جو محتاج

فقير غلام حسين شاه

مالڪن جي نگاهِ ڪرم جو محتاج

فقير غلام حسين شاه

درگاهه عاليه قمبر شريف

تقريظ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

چون ذره ذره شود این تنم بخاک لحد

تو بشنوی صلوٰة از جمیع ذراتم

سرڪار دو عالم ﷺ جي بارگاهہ اقدس ۾ درود و سلام جو نذرانو پيش ڪرڻ عظيم ترين سعادت آهي. چو تہ اها اهڙي عبادت آ جيڪا بارگاهہ خداوندي ۾ يقيني طور تي مقبول ۽ منظور آهي. ۽ انجي اجر ۽ ثواب ، فيوض و برڪات جي بہ ڪا حد ڪانهي. سيد دوجهان ﷺ جن پاڻ صحابہ ڪرام کي انجي ترغيب ڏيندا هئا. حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ: "بيشڪ قيامت جي ڏينهن توهان مان منهنجو مقرب ۽ محبوب اهو شخص هوندو جيڪو سڀ کان وڌيڪ مونکي درود موڪليندو. حضرت ابيّ بن ڪعب رضي الله عنه عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ مان توهان تي ڪيتري صلوٰة پڙهندو ڪريان؟ پاڻ فرمايائون جيترو چاهين، عرض ڪيائين سموري وقت جو چوٿون حصو؟ فرمايائون جيترو چاهين، جيڪڏهن اجان وڌائيندين تہ تنهنجي لاءِ ڀلو آهي. عرض ڪيائين اڌ وقت؟ فرمايائون جيترو چاهين، جيڪڏهن اجان وڌائين تہ تنهنجي لاءِ ڀلو آ. عرض ڪيائين تہ سموري وقت مان ٻہ ٽهايون، فرمايائون: جيترو چاهين، جيڪڏهن اجان وڌائين تہ تنهنجي لاءِ ڀلو آ. عرض ڪيائين سمورو وقت صلوٰة پڙهندو ڪريان، فرمايائون تہ ان وقت اها صلوٰة تنهنجي سمورن غمن کان توکي ڪافي ٿيندي ۽ تنهنجي گناهن کي بہ ميٽي ڇڏيندي". (ترمذي)

يقيناً امتِ محمدي ﷺ جي مٿان خاص مهرباني آ جو صلوٰة شريف کي نہ فقط انجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جو باعث بڻايو ويو پر عشق ۽ محبت وارن جي لاءِ هڪ عجيب لذت، فرحت ۽ ڪيفيت جو سامان پڻ مهيا ڪيو ويو. علامہ محمود آلوسي بغدادي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مشهور ڪتاب ”تفسير روح المعاني“ ۾ لکيو آهي تہ: الله تعاليٰ امتِ محمديہ کان علاوه ڪنهن بہ امت کي امر نہ فرمايو آهي تہ پنهنجي نبي تي صلوٰة و سلام موڪلين، پوءِ اها هن امت جي خصوصيت آهي. صلاة شريف جي فوائد ڪثيره منجهان هڪ قبر ۾ آساني ٿيڻ بہ آهي. جنهن جي طرف رسول الله ﷺ هن طرح اشارو فرمايو تہ مون تي صلوٰة وسلام جي ڪثرت ڪريو جو توهان کان قبر ۾ منهنجي باري ۾ پڇيو ويندو.

علامہ جلال الدين رومي رحمۃ اللہ علیہ مثنوي شريف ۾ ذڪر فرمايو آ تہ جڏهن ماکيءَ جي مک الله جي محبوب جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي محبوب ڪريم ان کان پڇيو تہ مختلف گلن جي مختلف ذائقن ۽ مختلف خوشبو کان پوءِ ماکيءَ جي چاشني ۽ خوشبو ان طرح هڪ جهڙي ڪيئن ٿي ٿئي؟

گفت چو خوانیم بر احمد درود

می شود شیریں و تلخی را ربود

چيائين تہ جڏهن مصطفيٰ ڪريم تي درود شريف پڙهندا آهيون تہ ڪڙاڻ ختم ٿي ويندي آهي ۽ اهڙو مناڻ پيدا ٿي ويندو آ. اهو بہ محبوب ڪريم ﷺ جو معجزو آ جو امت جي عالمن طرفان تمام ڪثير تعداد ۾ مختلف عبارتن ۽ صيغن سان درود شريف جا ڪتاب لکيا ويا آهن جن جي پڙهڻ سان ايمان کي تازگي ۽ قلب کي سرور حاصل ٿئي ٿو. جن ۾ محمّد بن سليمان جزولي جو ڪتاب

"دلائل الخيرات" ۾ علامہ يوسف نبهاني رحمة الله عليه جا لکيل درودن جا مختلف ڪتاب ۾ پين بزرگن جا اوائل الخيرات، ادل الخيرات وغيره شامل آهن.

قدوة السالڪين، زبدة العرفاء الڪاملين حضرت الحاج فقير الله بن عبد الرحمن حنفي علوي رحمه الله جو مقام ۾ مرتبو ظاهري ۾ باطني علم ۾ نهايت، ئي بلند آهي. سندن گهڻين تصنيفات مان منتخب الاصول، وثيقة الاڪابر، قطب الارشاد ، طريق الارشاد ۾ مڪتوبات شريف سندن علم ۾ فضل جو شاهڪار آهن. زير نظر ڪتاب "براهين النجاة من مصائب الدنيا و العرصاة " صلوٰة شريف جو مجموعو آهي. جنهن ۾ تمام سهڻا صيغا استعمال ڪيا ويا آهن ۾ خاص طرح اهل سنت و جماعت جي عقائد جي ترجماني ٿيل آهي. مختلف جاين تي حضور نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ذات اقدس سان توسل ۾ استغاثہ (مدد لاءِ پڪار) پڻ ڪيو ويو آهي. جيڪو ڪافي احاديث مبارڪہ مان ثابت آهي(هن جاءِ تي انجو ذڪر اطناب تو سمجهان فقط هڪ ڳالهہ عرض ڪيان تو تہ قادري سلسلي جو سرواڻ سيدنا محبوب سبحاني رضي الله عنه ڪنهن بہ تڪليف جي وقت چڱي طرح وضو ڪري بہ رڪعتون نفل پڙهي پوءِ سؤ ڀيرا درود شريف پڙهندو هو ۾ چوندو هو اغثني يا رسول الله عليڪ الصلوٰة والسلام، پوءِ سرڪار دوعالم صلى الله عليه وسلم جي ذات بابرڪات جي طرف متوجهہ ٿي دل ئي دل ۾ عرض ڪندو هو:

ايدرڪني ضيم و انت ذخيرتي
واظلم في الدنيآ وانت نصيرتي
وعار علىٰ راعي الحمىٰ وهو في الحمى
اذا ضاع في البيداء بعيري

جا مون ڪي ڪا مصيبت پهچي سگهندي جڏهن تو جهڙي ذات

منهنجو ذخيرو هجي ۽ دنيا ۾ مون تي ڪو ظلم ٿيندو ڏڌهن تون منهنجو مددگار هجين هيءَ ڳالهه تہ ڏڻ سنيالينڌڙ لاءِ باعث عار آهي جو انجي هوندي چراگاهه ۾ منهنجو اٺ گم ٿي وڃي.

۽ ان سان گڏ بزرگ رحمۃ اللہ علیہ جو چيل "قصيده مبروره" جيڪو مدينة الرسول ﷺ جي بارگاهه اقدسؔ ۾ چيائون ۽ اتي انجي قبوليت جا واضح آثار ڏٺائون.

اسان جي فاضل اجل مولانا قائم الدين سڪندري صاحب (زيد مجده) انهن ڪتابن جو ترجمو ڪري سنڌي پڑهندڙن تي خاص احسان ڪيو آهي، تہ جيئن اهي صلوٰة شريف جي معنیٰ پڑهي وڏيڪ محبت سان درود شريف جا نذرانہ پيش ڪري سگهن.

دعا آهي تہ شل رب ڪريم جل شانه سندن عمر ۽ عافيت ۾ برڪتون عطا فرمائي ۽ سندن هن سهڻي ڪوشش ڪي پڑهندڙن لاءِ فوائد و برڪات جي حصول جو ذريعو بڻائي.

آمين يا رب العالمين

فقير مفتي محمد رحيم سڪندري

خطيب مسجد درگاه شريف حضرت پير صاحب پاڳاره

و مهتمم جامعہ راشديہ پير جو ڳوٺ

تقريظ

نحمدك يا الله ، و نصلي عليك يا رسول الله

هي ڪتاب، اوراد ۽ وظيفن متعلق حضرت عارف بالله مولانا ميان فقير الله علوي، شڪارفوري قدس الله سره العزيز جن تحرير فرمايو آهي. يقيناً دعائن ۽ وظيفن پڙهندڙن لاءِ ڀلائي آهي. جيڪو بہ طالب هن ڪتاب کي شوق ۽ عقيدت سان پڙهندو، ان شاء الله العزيز فيض حاصل ڪندو. حضرت مولانا قائم الدين سڪندري مد ظله جن ترتيب ۽ ترجمہ جو حق ادا ڪيو آهي. الله تعالىٰ کين جزاءِ خير عطا فرمائي. آمين

فقير عبد الرحيم سڪندري

3 ربيع الثاني 1437هہ

پنهنجي پاران

نَحۡمَدُہٗ وَ نُصَلِّيۡ وَنُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ، اَمَّابَعۡدُ:

صلوٰة شريف (درود شريف) هڪ عظيم عبادت آهي، جنهن جي اهميت ۽ افاديت کان علم ۽ عشق وارا بخوبي واقف آهن. انڪري هر دؤر ۾ سلف صالحين اولياء ڪاملين صلوٰة شريف کي نہ صرف پنهنجي معمولات ۾ رکيو بلڪ پنهنجي معتقدين متوسلين کي بہ انجي پڙهڻ جو تاڪيد فرمايو آهي.

صلواة شريف جي متعلق امام العارفين حضرت پير سائين روزي ڌڻي قدس سره کان روايت آهي: هيڪر پاڻ فرمايائون تہ اسان ظاهري علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ سفر جي تڪليف پاڻ تي سهي ڪوٽڙي واري مدرسي ۾ مخدوم ميان يار محمد رحمة الله عليه وٽ طلب علم لاءِ وياسون، پر پوءِ مسافري جي تڪليف طبيعت تي ڏاڍي سخت لڳي، پوءِ هڪڙي رات هڪ پير تي بيهي پنج هزار دورد شريف پڙهي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان مدد گهري سون تہ يا رسول الله عليڪ الصلوٰة والسلام سفر جي تڪليف جي ملولائي اسان تان دفع ٿئي ۽ علمن مان بہ بهره ياب ٿيون. صلواة شريف جي برڪت جي ڪري اهڙي صفائي حاصل ٿي وئي جو اڻ پڙهيل بہ پڙهيل جهڙو ٿي پيوسون. (ملفوظات شريف، جلد پهريون، باب 1، فصل 3، نقل 4)

اولياء ڪاملين سان محبت اسان اهل سنت (سُنين) جو خاصو آهي، هن احقر کي بہ حضرت پير سائين روزي ڌڻي قدس سره جي استاد ولي ڪامل ، غوث زمان حضرت ميان حاجي فقير الله شاهہ علوي رحمة الله عليه جي مزار شريف جي حاضري جي سعادت گهڻي وقت کان حاصل ٿيل آهي، هڪ دفعي ميان صاحب قدس سره جي عرس مبارڪ ۾ حاضر ٿيس مرحوم ميان امين الله علوي

پنهنجي خطاب ۾ حضرت ميان صاحب جي علمي ڪارنامن کي بيان ڪيو ۽ قصيده مبروره شريف به پيش ڪيو، ٻڌي ڪري روح کي ڏاڍي راحت ملي گڏوگڏ حضرت سائين جي تصنيف ڪيل ڪتابن جي حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو. الله سائين پنهنجي فضل و ڪرم سان اهو شوق ميان تنصير احمد جي هٿان پورو فرمايو.

هڪ دفعي ميان تنصير احمد حڪم ڪيو ته فقير ! اوهان "براهين النجاة" جو ترجمو ڪيو آءٌ چاهيان ٿو ته جيئن سنڌي پاٺڪ به ان مان فائدو حاصل ڪن. سعادت سمجهي اهو ڪم شروع ڪيم، اتفاق سان ان ڪتاب سان گڏ قصيده مبروره شريف به هيو. پهريان ان جو ترجمو ڪيم پوءِ براهين النجاة جو ترجمو ڪيم. اسان سني مسلمان ته هر وقت الله سائين جي بارگاهه ۾ پنهنجي محبوب محمّد ڪريم ﷺ جي وسيلي سان دعائون گهرندا آهيون، درود وسلام جا نذرانا پيش ڪندا آهيون ۽ نبي ڪريم ﷺ کان مدد گهرندا آهيون.

ڇپائي دوران دل ۾ خيال آيو ته ميان صاحب جي ڪتابن مان خاص هن عقيدي تي مختصر جهلڪ پيش ڪجي ته جيئن قارئين ڪرام هن عارف ڪامل جي عقيدي کان باخبر ٿي پنهنجو عقيدو درست بنائي الله ۽ سندن رسول جي خوشنودي حاصل ڪن.

هيءُ عارف ڪامل جيڪو مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جو شاگرد آهي، تنهن پنهنجي دؤر ۾ يا رسول الله جي پڪارڻ جو درس ڏنو، نبي پاڪ جي شفاعت تي يقين رکندي دنيا ۽ آخرت ۾ برحق هجڻ جو يقين رکندي پاڻ به پرين کي سڏڙا ڪيائون ته ٻين کي به درس ڏنائون ته اچو پنهنجي ٻنهي جهانن جي واهر وسيلي محمّد ڪريم ﷺ تي درود سلام پڙهون ۽ پنهنجي پرين کي شفاعت دارين جي لاءِ عرض رکون. قصيده مبروره انجو زنده جاويد مثال آهي. هي قصيدو حضرت ميان صاحب روضهءِ رسول

ﷺ تي حاضري دوران پيش ڪيو. بارگاهه رسالت مان قبولت جي خوشخبري حاصل ڪئي ۽ پنهنجي مريدين متعقدين ۽ هر هڪ ٻني ڪي انجي پڙهڻ جي عام اجازت ڏنائون. (قطب الارشاد)

يقيناً قصيده مبروره شريف بارگاهه رسالت مان مقبول پيل اهل سنت جي عقيدي جو ترجمان آهي. پر پنهنجي ٻئي ڪتاب "وثيقة الاڪابر" جي مقدمي ۾ حضرت ميان صاحب رقمطراز آهن:

"سميتها بوثيقة الاكابر، قيدتها بالقلم الرهين خالصا لوجه رب العالمين، و جعلت ثوابه تحفة الى حبيبه محمّد ﷺ شفيع المذنبين راجيا منه جل مجده التجاوز و الصفح الجميل و الثواب الجزيل، و سائلاً من رسوله صلوٰت الله و سلامه عليه النجاة من النار، و حاشا ان يخيبنا و هو مجير من له استجار بل هو الشافع المشفع في اهل الاوزار، و كيف ينهر السائل خصوصاً العائل و خاطبه الله تعالى : اَمَّا السَّائِلَ فَلَا تَنْهَرْ. اعتصمت بذيله و ارجو الفوز و النجاة في الدارين بطفيله. (شعر)

ما التفت القلب الى الغير و ان تتركني،

هكذا كنت الى الموت و بعد الاجل."

ترجمه : هن ڪتاب جو نالو "وثيقة الاڪابر" رکيو اٿم انکي جهانن جي پالڻهار جي خالص رضا لاءِ لکيو اٿم ۽ انجو ثواب سندن حبيب محمّد ڪريم ﷺ گنهگارن جي شفاعت ڪرڻ واري کي تحفو پيش ڪيو اٿم. الله مجده کان درگذر ۽ سهڻي معافي ۽ وڏي ثواب جي اميد رکان ٿو ۽ الله جي رسول صلوٰت الله و سلامه کان جهنم کان نجات (بچائڻ) جو سوال ڪيان ٿو ۽ ناممڪن آهي جو الله جو

رسول اسان کي خالي موٽائي ڇڏي انڪري جو جنهن صرف الله جي حبيب کان ئي پناهہ گهري آهي تہ پاڻ ڪريمن بہ انکي (ضرور) پناهہ ڏني آهي. بلڪ پاڻ ڪريم تہ شفاعت ڪندڙ آهن گنهگارن جي حق ۾ سندن جي شفاعت قبول پيل آهي. پاڻ ڪريم سوالين کي ڪيئن جهڻڪ ڏيندا؟ خصوصاً خالي هٿين سائل کي. الله سائين پنهنجي حبيب کي خطاب ڪندي فرمايو تہ : وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ﴿۱۰﴾ (پيارا) سوالي کي جهڻڪ نہ ڏجانءِ. مان سندن دامن کي مضبوطي سان ورتو اٿم ۽ سندن جي وسيلي سان ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ۽ ڇوٽڪاري جي اميد رکان ٿو.

(بيت) منهنجي دل ٻين کي نہ تڪيندي توڻي جو اوهان مون کي ڇڏي ڏيو (منهنجي ڪن غلطين جي ڪري) (منهنجي دل کي تہ ائين موت تائين (اوهان جو انتظار رهندو) ۽ مرڻ کان پوءِ بہ (اوهان ڏانهن واجهائيندو رهندس).

حضرت ميان صاحب رحمۃ اللہ علیہ "براهين النجاة" ۾ چنيڙ ۽ سومر جي ورد ۾ پاڻ ڪريمن صلی اللہ علیہ وسلم کي سڏڙا ڪري شفاعت جو عرض رکي ٿو ۽ پڙهڻ وارن کي بہ ٻڌائي ٿو تہ هن وظيفي پڙهڻ وقت اوهان بہ سڏ ڪري شفاعت لاءِ عرض رکو.

قطب الارشاد صہ 630، طريق الارشاد صہ 368 ۽ صہ 376، مڪتوبات شريف صہ 129 ۽ صہ 135 تي پاڻ پنهنجي سلسلي جي پيارن خدا جي ولين کان الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله... الى آخره درود شريف روايت ڪري پاڻ بہ پڙهي ٿو ۽ پنهنجي عقيدتمندن کي بہ پڙهڻ جو امر ڪري ٿو.

ٻنهي ڪتابن جو ترجمو قارئين ڪرام جي آڏو حاضر آهي . اميد تہ پڙهي هن عاجز کي دعائن ۾ ضرور ياد ڪندا. ترجمي ڪرڻ دوران لفظي ترجمي ۽ محاوري کي مد نظر رکي ترجمو

ڪيو ويو آهي. اگر ڪا غلطي نظر اچي تہ از راهِ اصلاح آگاهہ ڪندا تہ جيئن ايندڙ ايڊيشن ۾ درست ڪري سگهجي. هي هن فقير جو پهريون ترجمو آهي ترجمي ڪرڻ وقت ڪجهہ ڏکيائون عمر ۽ طبعي لحاظ کان تہ ڪجهہ وري دنياوي ۽ گهريلو مصروفيتن سبب پيش آيون پر جڏهن ڪمپوزنگ بعد دعائيہ ڪلمات لاءِ پنهنجي محبوب مرشد مربي حرن جي روحاني پيشوا اعلىٰ حضرت پير سائين پاڳاره ادام الله فيوضاتهم جي خدمت اقدس جي حاضري جو موقعو نصيب ٿيو ۽ مٿان دعائن ۽ عنايتن جي پالوٽ ٿي تہ اندر جو آواز ڪجهہ هن طرح ٿي هيو.

"ڏک سکن جي سونهن، گهوريان سک ڏکن تان"

آخر ۾ "مَنْ لَمْ يَشْكُرِ النَّاسَ لَمْ يَشْكُرِ اللهَ" جي مصداق ٿورائتو آهيان قابل صد احترام محترم و مڪرم جناب چيف خليفہ فقير قادر بخش مگريو صاحب جن ۽ قاري محمّد علي سڪندري ۽ محترم جناب حافظ محمّد مريد سڪندري صاحب جو جن پير سائين سردار وٽ حاضري ۾ تعاون ڪيو ۽ حافظ محمّد مريد صاحب جو جنهن هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي. ۽ ميان تنصير احمد علوي صاحب جو جن ترجمي لاءِ هن فقير جو انتخاب ڪيو ۽ آخر تائين ساٿ ڏنو ۽ پروفيسر ميان اسرار احمد علوي صاحب جن جو جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب لاءِ تفصيلي مقدمي لکڻ جي عنايت ڪئي. آخر ۾ مان پنهنجي محسن دوست قاري محمّد صديق ٻرڙو قادري صاحب جيڪي ترجمي دوران مشورن سان نوازيندا رهيا ۽ آخر ۾ شڪر گذار آهيان محقق اهلسنت مفتي محمّد عبد الله فهيمي سنڌي جو جن ڪتاب جي پروف ريڊنگ ڪئي. ۽ پنهنجي پياري شاگرد حافظ محمّد صديق پيو سڪندري جو جنهن جي محنت سان ڪتاب منظر عام تي آيو.

ڏني در دعا آهي تہ مالڪ ڪريم انهن سيني کي جزاءِ خير عطا فرمائي ۽ منهنجي هن قلمي پورهئي کي قبول فرمائي. آءٌ پنهنجي ڪم علمي جو معترف آهيان اگر علماءِ ڪرام جي طرفان اصلاحي تجويز ملي تہ خوشي ٿيندي.

بپوش بینی گر بخطا ورسی و طعنہ مزن

کہ ہیچ نفس بشر خالی از خطا نہ بود

رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ پنهنجي غلطين جي معافي ۽ وڏي ثواب جي اميد رکان ٿو ۽ سندس حبيب ڪريم ﷺ جي شفاعت جو يقين رکان ٿو.

العبد الاحقر

فقير قائم الدين سڪندري

12 رجب المرجب سنہ 1437ھ

براهين النجاة

من مصائب الدنيا والعصاة

يعني

قصيده مبروره شريف

تاليف

غوث المحققين قطب العارفين الحاج حضرت حاجي

فقير الله شاه علوي حنفي شكارپوري رحمة الله عليه

(پيدائش: 1100هـ/ وفات: 1195هـ)

سنڌيڪار

فقير قائم الدين سڪندري

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله نهايت مهربان ۽ ٻاجهاري جي نالي سان شروع

رَبِّ يَسِّرْ وَ لَا تُعَسِّرْ وَ تَمِّمْ بِالْخَيْرِ وَ بِكَ نَسْتَعِيْنُ لَكَ

اي منهنجا پالڻهار! آساني فرماءِ ڏکيائي نہ فرماءِ ۽ پورو فرماءِ ڀلائي سان ۽ تنهنجي ئي مدد گهرون ٿا.

اَلْحَمْدُ يَا مَنْ اَلْهَمَنَا بِالصَّلَاةِ عَلٰى سِرِّكَ الْاَعْظَمِ

تنهنجي ئي ساراهہ آهي اي جو ڏيان ڏيارائيي اسان کي صلات شريف جو پنهنجي عظيم تر راز مٿان

وَ حَبِيْبِكَ الْاَكْرَمِ الَّذِيْ اَقْرَنْتَهٗ لَدَيْكَ وَ اَقْرَبْتَهٗ

۽ پنهنجي حبيب وڏي سخي مٿان جنهن کي تون بلند ڪيو آهي پاڻ وٽ ۽ ويجهو ڪيو آهي ان کي

مِنْ اَوْلِيَائِكَ اِلَيْكَ وَ الصَّلَاةُ وَ السَّلَامُ الْاَتَمَّانِ

پنهنجي دوستن مان پاڻ ڏي ۽ صلاة ۽ سلام تمام پورا ۽

الْاَكْمَلَانِ عَلٰى رَسُوْلِكَ مُحَمَّدٍ سَيِّدِ الْاَوَّلِيْنَ وَ الْاٰخِرِيْنَ وَ

۽ ڪامل ترين تنهنجي رسول محمد مٿان جيڪو اڳين ۽ پوين جو سردار آهي ۽

عَلٰى آلِهٖ وَ صَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ فِيْ كُلِّ وَقْتٍ وَّ حِيْنٍ اَمَّا بَعْدُ!

ان جي سموري آل ۽ سمورن اصحابن مٿان هر وقت ۽ هر زماني ۾. حمد ۽ صلاة کان پوءِ

فَيَقُوْلُ الشَّيْخُ الْكَامِلُ فِي النُّقْصَانِ فَقِيْرُ اللّٰهِ بْنُ

عرض ڪري ٿو ٻانهو جيڪو گهٽڻ کان گهٽ ۾ ڪامل آهي ، فقير الله بن

عَبْدِ الرَّحْمٰنِ الْعَلَوِيُّ الْقُرَشِيُّ الْهَاشِمِيُّ النَّيْكَنْهَارِيُّ

عبد الرحمٰن علوي قريشي هاشمي ننگرهاري

عَامَلَهُ اللهُ الْكَرِيْمُ الْبَارِئُ لَمَّا شَرَعْتُ فِي تَأْلِيْفِ رِسَالَتِيْ

عمل وارو فرمائي ان کي الله ڪريم خلقڻھار تہ جڏهن آءُ پنهنجي ننڍڙي ڪتاب

الْمُسَمَّاةِ بِوَثِيْقَةِ الْاَكَابِرِ اِتَّفَقَ فِيْ آخِرِهَا ظُهُوْرُ بَعْضِ

نالي وثيقة الاڪابر کي ناھڻ شروع ڪيم تہ حسن اتفاق سان ان جي پڇاڙي ۾

صِيَغِ الصَّلٰوةِ عَلٰى خَيْرِ الْبَرِيَّاتِ مِنْ كُنُوْزِ الْغُيُوْبِ

سرور ڪائنات ﷺ مٿان صلواتن جا ڪجھ صيغا انهن غيبي خزانن مان ظاهر ٿيا جيڪي

الْمَشْهُوْدِ لِلْمُحِبِّ وَ الْمَحْبُوْبِ بِوَجْدٍ عَامٍ وَّ ذَوْقٍ تَامٍ كَاَنَّهَا

محب ۽ محبوب لاءِ آڏي حاضر ڪيا ويندا آهن وڏي شوق ۽ پوري ذوق سان، ڄڻ تہ اها

قَاطِعَةُ الْعَلَائِقِ وَ مِرْقَاةٌ اِلٰى حَقِيْقَةِ الْحَقَائِقِ وَ

صلواة شريف دنياوي تعلقاتن کي ڇني اصل حقيقت تائين پهچائيندڙ آهي ۽

مُنْتِجَةُ الْعِرْفَانِ وَ مُكَمِّلَةُ الْاِيْمَانِ ثُمَّ اِذَا فَرَغْتُ

معرفت الهي جو نچوڙ ۽ ايمان کي مڪمل ڪندڙ آهي. پوءِ جڏهن فارغ ٿيم

مِنْ تَأْلِيْفِهَا اُلْهِمَ اِلَيَّ بِتَصَيُّغِ صِيَغٍ اُخْرٰى اِنْدَمَجَتْ

ان ڪتاب جي جوڙڻ کان تہ مون کي ٻيون صلواتون جوڙي پيش ڪرڻ جو الهام ٿيو

فِيْهَا الْاَدْعِيَةُ الْمَاْثُوْرَةُ فِي الصِّحَاحِ غَالِبُهَا مَا تَرَكْتُ مِمَّا

ان ۾ ماثور دعائون بہ شامل ڪيم، جن جي گھڻائي صحاح ستہ مان آهي.اهڙيون

يَنْبَغِيْ لِلدُّعَاءِ فِي السَّرَّاءِ وَ الضَّرَّاءِ وَ غَيْرِ ذَالِكَ وَ

دعائون جو ڏک سک ۽ ٻين حالتن ۾ پڙهڻ جي لاءِ مناسب آهن سي پڻ نہ ڇڏيون اتم ۽

جَعَلۡتُ فِيۡ اَوَّلِهَا الۡعَقَائِدَ وَ الۡاَدۡعِيَةَ الۡمَاۡثُوۡرَةَ وَ صِيَغَ

ڪتاب جي شروع ۾ عقائد، ماثور دعائون ۽ پوءِ صلواة شريف جا اهي صيغا

الصَّلٰوةِ الۡمَرۡوِيَّةَ مِنۡ سَيِّدِ السُّفَرَاءِ فِدَاءٌ عَلَيۡهِ اُمَّهَاتُنَا

جيڪي رسولن جي سردار جن تي اسان جون امڙيون ۽ ابا قربان وڃن

وَ الۡاٰبَاءُ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ سَلَّمَ وَ مِنَ الصَّحَابَةِ وَ التَّابِعِيۡنَ

ﷺ کان روايت ڪيل آهن ۽ پوءِ اهي صيغا جيڪي اصحابن، تابعين ۽

وَ السَّلَفِ الصَّالِحِيۡنَ وَ سَمَّيۡتُهَا بِبَرَاهِيۡنَ النَّجَاةِ مِنۡ

اڳين بزرگن کان مليل آهن. ان جو نالو رکيم (براهين النجاة من مصائب

مَصَائِبِ الدُّنۡيَا وَ الۡعَرَصَاتِ فَاِنۡ تَمَسَّكۡتَ بِهَا قِرَاءَةً وَ

الدنيا) دنيوي اخروي مصيبتن کان بچڻ جو واضح چوٽڪارو، پوءِ جيڪڏهن تون ان

کي پابندي سان پڙهندين ۽

اعۡتَصَمۡتَ بِمَعَانِيۡهَا تَدَبُّرًا تَنَالُ مَنۡزِلَةَ الۡمُحِبِّيۡنَ وَ

ان جي معنائن کي غور ۽ فڪر سان وٺندين تہ عاشقن جي منزل ۽

رُتۡبَةَ الصِّدِّيۡقِيۡنَ وَ يُكۡشَفُ عَنۡكَ غِطَائُكَ وَ تَرٰى

صديقن جو مرتبو ماڻيندين ۽ توکان تنهنجا حجاب هٽايا ويندا ۽ (اڪين سان)

حَقَائِقَ الۡاَشۡيَاءِ وَ تَحۡصُلُ لَكَ مَا فِيۡ خُلۡدِكَ وَ تَفُوۡزُ فَوۡزًا

شين جي حقيقتن کي ڏسندين ۽ توکي تنهنجو دلي مقصد حاصل ٿي پوندو ۽ وڏي ڪاميابي

عَظِيۡمًا اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ تَعَالٰى فَلَا تَنۡسَ هٰذَا الۡعَائِلَ مِنۡ دُعَاءِ الۡخَيۡرِ

ماڻيندين جيڪڏهن الله تعاليٰ گهريو، پوءِ نہ وسارجانءِ هن فقير کي خير جي دعاڪان.

حَسْبِيَ اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيْلُ وَ نِعْمَ الْمَوْلیٰ وَ نِعْمَ

الله مون کي کافي آهي ۽ بهترين کارساز آهي ۽ بهترين مالک آهي ۽ بهترين

النَّصِيْرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ

مددگار آهي ۽ ناهي گناهن کان بچڻ ۽ ناهي نيکي جي طاقت مگر الله بلند ۽ عظمت واري سان.

اَلْحِزْبُ الْاَوَّلُ يَوْمَ الْخَمِيْسِ

پهريون ورد خميس جي ڏينهن جو

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

الله جي پناهه توونان شيطان تڙيل (جي شر) کان

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان شروع

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٢﴾ مٰلِكِ يَوْمِ

سڀ ساراهه الله جهانن جي پالڻهار جي آهي. نهايت مهربان ٻاجهاري. بدلي جي ڏينهن

الدِّيْنِ ﴿٣﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿٤﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ

جي مالڪ جي تنهنجي ئي عبادت ڪيون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون. هلاءِ اسان کي سنئين

الْمُسْتَقِيْمَ ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ

رستي تي. انهن جو رستو جن تي تو انعام فرمايو آهي، نه انهن جو رستو جن تي غضب ٿيل

عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿٧﴾ آمِيْنَ

آهي ۽ نه گمراهن جو رستو. آمين !

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُشْهِدُكَ اَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ

اي الله ! آءٌ توکي شاهد ڪيان ٿو ته تون ئي الله آهين، جو توکان سواءِ ڪو معبود نه آهي، تون

اَحَدًا صَمَدًا لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ

هڪ آهين، بي نياز آهين، نه ڄڻيائين ۽ نه ڄڻيو ويو ۽ ناهي ان جو ڪو به مٽ (ثاني)

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُشْهِدُكَ وَ اُشْهِدُ حَمَلَةَ عَرْشِكَ وَ

اي الله ! آءٌ شاهد ڪيان ٿو توکي ۽ شاهد ڪيان ٿو تنهنجي عرش کڻندڙ ملائڪن کي ۽

مَلَائِكَتَكَ وَ جَمِيْعَ خَلْقِكَ اَنَّكَ اَنْتَ اللّٰهُ لَا اِلٰهَ

ٻين ملائڪن کي ۽ تنهنجي سموري مخلوق کي جو تون ئي الله آهين ناهي ڪو بہ معبود

اِلَّا اَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ

تو کان سواءِ تون اڪيلو آهين، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي ۽ شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ تنهنجو ٻانهو

وَ رَسُوْلُكَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ

۽ تنهنجو رسول آهي. ناهي ڪو بہ معبود الله کان سواءِ. هو اڪيلو آهي ان جو ڪو بہ شريڪ نہ آهي،

لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ لَا حَوْلَ وَ

ان جي ئي بادشاهي آهي ۽ ان جي ئي سڀ ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. ناهي گناهن کان بچڻ ۽

لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا نَعْبُدُ اِلَّا اِيَّاهُ

نہ آهي نيڪي جي طاقت مگر الله جي توفيق سان ۽ اسين نٿا عبادت ڪيون مگر ان جي.

لَهُ النِّعْمَةُ وَ لَهُ الْفَضْلُ وَ لَهُ الثَّنَاءُ الْحَسَنُ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ان جي لاءِ ئي نعمت آهي ۽ احسان آهي ۽ ان جي ئي سهڻي ثنا آهي. ناهي ڪو بہ معبود الله کان سواءِ.

مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَ لَوْ كَرِهَ الْكَافِرُوْنَ رَبَّنَا

خالص ڪندڙ آهيون ان جي لاءِ دين کي، توڙي جو ڪافر پسند نہ ڪن. اي اسان جا پالڻهار!

مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا سُبْحَانَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ

تون هن (جهان) کي بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي، تنهنجي ئي پاڪائي آهي پوءِ اسان کي جهنم جي عذاب کان بچاءِ

آمَنْتُ بِاللّٰهِ وَاجِبِ الْوُجُوْدِ الْوَاحِدِ الْحَيِّ الْعَلِيْمِ الْقَادِرِ

ايمان آندم الله تي جيڪو واجب الوجود آهي، هڪ آهي، زنده آهي، علم وارو آهي، قدرت وارو آهي،

الْمُرِيْدِ الْمُتَكَلِّمِ السَّمِيْعِ الْبَصِيْرِ الصَّانِعِ الْقَدِيْمِ

ارادو ڪندڙ آهي، ڳالهائيندڙ آهي، ٻڌندڙ آهي، ڏسندڙ آهي، ڪاريگر آهي، پنهنجي صفتن

بِصِفَاتِهِ الْمُتَّصِفِ بِصِفَاتِ الْكَمَالِ الْمُنَزَّهِ عَنْ سِمَاتِ

سميت قديم آهي، ڪامل صفتن سان موصوف آهي، نقص ۽ ختم ٿيڻ جي عيب کان

النَّقْصِ وَ الزَّوَالِ الْمُقَدَّسِ عَنِ الْاَشْبَاهِ ذَاتُهٗ الْمُنَزَّهِ عَنْ

پاڪ آهي، مشابهن کان سندس ذات پاڪ آهي، هڪجهڙن جي مشابهت کان

مُشَابَهَةِ الْاَمْثَالِ صِفَاتُهٗ الْوَاحِدِ لَا مِنْ قِلَّةِ الْمَوْجُوْدِ

سندس صفتون پاڪ آهن. اهو هڪ آهي پر توري هئڻ کان نه،

لَا مِنْ عِلَّةِ الْغَنِيِّ عَنِ الظَّهِيْرِ وَ الْمُعِيْنِ الَّذِيْ لَيْسَ لَهٗ ضِدٌّ

پر ڪنهن سبب کان نه. بي نياز آهي، ڪنهن پٺڀرائي ڪرڻ واري ۽ مددگار کان. جنهن جو مقابل ناهي

وَلَا نِدٌّ وَ لَا شِبْهٌ وَ لَا شَرِيْكٌ. لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ وَّ هُوَ

۽ نه ڪو برابر ۽ نه ڪو همسر ۽ نه ڪو شريڪ آهي. ان جي مثل ڪا شيء ناهي ۽ اهو

السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ هُوَ الْاَوَّلُ لَمْ يَكُنْ دُوْنَهٗ شَيْءٌ وَّ هُوَ

ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي. هو اول آهي، جنهن کان اڳ ۾ ڪا شيء نه آهي ۽ اهو

الْاٰخِرُ لَمْ يَكُنْ دُوْنَهٗ شَيْءٌ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ

آخر آهي، جنهن کان سواء ڪا شيء ناهي. هر شيء فاني آهي ان جي ذات کان سواء،

خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّ مُدَبِّرُهَا وَ مُقَدِّرُهَا مَا شَآءَ كَانَ وَمَا

هر شيء جو خالق ۽ انهن جي تدبير ڪرڻ وارو ۽ انهن جي تقدير جوڙيندڙ. جيڪي چاهي سو ٿئي

لَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّ اِلَيْهِ

۽ جيڪي نہ چاهي سو نہ ٿئي. ان جي هٿ آهي هر شيءِ جي بادشاهي ۽ ان جي طرف

تُرْجَعُوْنَ وَ آمَنْتُ بِمَلَائِكَتِهٖ ذِيْ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَ ثُلٰثَ

توهان موٽايا ويندؤ ۽ ايمان آندم ان جي ملائڪن تي جيڪي ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن

وَ رُبَاعَ مِنْهُمْ جِبْرَئِيْلُ وَ مِيْكَائِيْلُ وَ اِسْرَافِيْلُ وَ عِزْرَائِيْلُ

۽ چئن چئن پرن وارا آهن . انهن مان جبرائيل ۽ ميڪائيل ۽ اسرافيل ۽ عزرائيل آهن

لِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمْ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ وَ يَفْعَلُوْنَ

۽ انهن مان هر هڪ جي لاءِ مقرر مقام آهي. اهي الله جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي ڪين حڪم ڏنا

مَا يُؤْمَرُوْنَ . وَ كُتُبِهِ الَّتِيْ اَنْزَلَهَا عَلٰى رُسُلِهٖ

تا وڃن ، سو پورو ڪن ٿا ۽ (ايمان آندو) ان جي ڪتابن تي جيڪي نازل ڪيائين پنهنجي رسولن تي،

مِنْهَا التَّوْرَاةُ وَ الْاِنْجِيْلُ وَ الزَّبُوْرُ وَ الْقُرْآنُ الْعَظِيْمُ .

انهن مان آهي توريت ۽ انجيل ۽ زبور ۽ عظمت وارو قرآن

وَ رُسُلِهٖ اَوَّلُهُمْ آدَمُ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَ آخِرُهُمْ

۽ (ايمان آندم) ان جي رسولن تي انهن مان پهريون نبي آدم عليہ السلام آهي ۽ انهن ۾ آخري

مُحَمَّدٌ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَ هُوَ اَفْضَلُ الْخَلِيْقَةِ كُلِّهِمْ وَ مَبْعُوْثٌ اِلٰى

نبي محمّد صلى الله عليه وسلم آهي. ۽ اهو ئي سموري مخلوق ڪلن زوريلو آهي ۽ سموري مخلوق ڏانهن موڪليل

كَآفَّةِ الْخَلْقِ وَ مُسْرًى فِي الْيَقْظَةِ بِشَخْصِهِ اِلَى السَّمَآءِ

نبي آهي. ۽ جاڳندي جسم پاڪ سان آسمان جو (سندس ڪي) سير ڪرايو ويو آهي

ثُمَّ اِلٰى مَا شَآءَ اللهُ مِنَ الْاِنْتِهَاءِ وَ صَاحِبُ الْبُرْهَانِ وَ

پوءِ اتان ڪان جيستائين الله چاهيو آخري حد تائين ۽ روشن دليل وارو آهي ۽

نَاسِخُ جَمِيْعِ الْاَدْيَانِ اَللّٰهُمَّ اَحْسِنْ اِلَيَّ مَا اَحْسَنَهُ

سين (اڳين) شريعتن کي ميٽيندڙ آهي. اي الله ! پسند ڪراءِ مون کي اها شيءِ جنهن کي شريعت

الشَّرْعُ وَ اَقْبِحْ اِلَيَّ مَا قَبَّحَهُ الشَّرْعُ رَضِيْتُ بِاللهِ رَبًّا

پسند ڪيو آهي ۽ خراب ڪر منهنجي نظر ۾ اها شيءِ جنهن کي شريعت خراب چيو آهي. راضي تيس آءٌ الله جي پالڻهار هجڻ

وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَبِيًّا وَّ رَسُوْلًا وَّ

۽ اسلام جي دين هجڻ ۽ محمد عليه السلام جي نبي ۽ رسول هجڻ تي ۽

بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا وَّ بِالْكَعْبَةِ قِبْلَةً وَّ بِالصَّلَاةِ فَرِيْضَةً وَّ

قرآن جي اڳواڻ هجڻ تي ۽ ڪعبي جي قبلہ هجڻ تي ۽ نماز جي فرض هجڻ تي ۽

بِالْمُؤْمِنِيْنَ اِخْوَانًا وَّ بِالصِّدِّيْقِ وَ الْفَارُوْقِ وَ ذِي النُّوْرَيْنِ

ايمان وارن جي (پاڻ ۾) ڀائر هجڻ تي ۽ صديق ۽ فاروق ۽ ذو النورين

وَ الْمُرْتَضٰى اَئِمَّةً رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَ اَللّٰهُمَّ

۽ مرتضيٰ جي امام ۽ اڳواڻ هجڻ تي . الله جو رضامندو هجي شال انهن سيني تي. اي الله !

لَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ قَيِّمُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَنْ فِيْهِنَّ وَ

تنهنجي ئي ساراهه آهي، تون ئي قائم رکندڙ آهين آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي منجهن آهي ۽

لَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ نُورُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَنْ فِيهِنَّ

تنهنجي ئي ساراهه آهي، تون ئي آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي تنهن سڀ جو نور آهين

وَ لَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ مَلِكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَنْ فِيهِنَّ

۽ تنهنجي ئي ساراهه آهي، تون ئي آسمانن ۽ زمين جو بادشاهه آهين ۽ جيڪي منجهن آهي تن جو به

وَ لَكَ الْحَمْدُ اَنْتَ الْحَقُّ وَ وَعْدُكَ الْحَقُّ وَ لِقَاؤُكَ حَقٌّ

۽ تنهنجي ئي ساراهه آهي، تون حق آهين ۽ تنهنجو واعدو سچو آهي ۽ توسان ملڻ حق آهي

وَ قَوْلُكَ حَقٌّ وَ سُؤَالُ مُنْكَرٍ وَ نَكِيرٍ حَقٌّ وَ الْبَعْثُ بَعْدَ

۽ تنهنجو فرمان سچو آهي ۽ منڪر نڪير جي (قبر ۾) پڇا حق آهي ۽ مرڻ کان پوء

الْمَوْتِ حَقٌّ وَ الْوَزْنُ حَقٌّ وَ الْكِتَابُ حَقٌّ وَ الْحِسَابُ وَ

جيئرو ٿي اٿڻ حق آهي ۽ (عملن جي) تور حق آهي ۽ (عملن جي) لکت حق آهي ۽ حساب ۽

السُّؤَالُ فِي فِيَافِي الْقِيَامَةِ حَقٌّ وَ الْحَوْضُ حَقٌّ وَ الصِّرَاطُ

پڇا قيامت جي ميدان ۾ حق آهي ۽ حوض ڪوثر حق آهي ۽ پل صراط

حَقٌّ وَ الشَّفَاعَةُ حَقٌّ وَ الْجَنَّةُ حَقٌّ وَ النَّارُ حَقٌّ . اَللّٰهُمَّ

حق آهي ۽ شفاعت حق آهي ۽ بهشت حق آهي ۽ دوزخ حق آهي. اي الله !

لَكَ اَسْلَمْتُ وَ بِكَ آمَنْتُ وَ عَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ وَ اِلَيْكَ

تنهنجي ئي اڳيان مون ڪنڌ جهڪايم ۽ توتي ئي ايمان آندم ۽ توتي ئي ڀروسو ڪيم ۽ تنهنجي ئي آڏو

اَنَبْتُ وَ بِكَ خَاصَمْتُ وَ اِلَيْكَ حَاكَمْتُ فَاغْفِرْلِي

جهڪيم ۽ تنهنجي ئي مدد سان وڙهيس ۽ تو وٽ ئي فيصلو آندم. پوء مون کي بخش

مَا قَدَّمْتُ وَ مَا اَخَّرْتُ وَ مَا اَسْرَرْتُ وَ مَا اَعْلَنْتُ

جيڪي اڳي ڪيم ۽ جيڪي پوءِ ڪيم ۽ جيڪي لڪي ڪيم ۽ جيڪي ظاهر (۾) ڪيم

وَمَا اَنْتَ اَعْلَمُ بِهٖ مِنِّيْ اَنْتَ الْمُقَدِّمُ وَ اَنْتَ الْمُؤَخِّرُ

۽ جيڪي تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو مون کان. تون ئي اڳي ڪندڙ آهين ۽ تون ئي پوئتي ڪندڙ آهين.

لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ وَ لَا اِلٰهَ غَيْرُكَ آمَنْتُ بِاللّٰهِ وَ بِمَا جَاءَ مِنْ

ناهي ڪو بہ معبود تو کان سواءِ ۽ تو کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، ايمان آندم الله تي ۽ ان تي جو آيو

عِنْدِ اللّٰهِ عَلٰى مُرَادِ اللّٰهِ وَ آمَنْتُ بِرَسُوْلِ اللّٰهِ وَ بِمَا جَاءَ

الله وٽان الله جي مراد مطابق ۽ ايمان آندم الله جي رسول تي ۽ ان تي جو آيو

مِنْ عِنْدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ عَلٰى مُرَادِ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَ تَبَرَّاْتُ مِنْ

الله جي رسول وٽان الله جي رسول جي مراد مطابق ۽ بيزار ٿيم (باقي بين)

جَمِيْعِ الْاَدْيَانِ وَ جَمِيْعِ الْعِصْيَانِ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

سڀني دينن کان ۽ سڀني نافرمانين کان ۽ شاهدي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي

وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُوْلُهٗ ❁ اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ

۽ شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي. معافي گهران ٿو الله کان

الَّذِيْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ وَ اَتُوْبُ اِلَيْهِ ❁

(هيءَ دعا ٽي يا پنج ڀيرا پڙهڻ گهرجي)

جنهن کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. زنده پاڻ قائم ٻين کي قائم رکڻ وارو ۽ ان جي حضور ۾ توبہ ڪريان ٿو.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّيْ لَا اِلٰهَ اَنْتَ خَلَقْتَنِيْ وَ اَنَا

اي الله ! تون منهنجو پالڻهار آهين، تو کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، تو مون کي پيدا ڪيو، ان حال ۾

عَبۡدُكَ وَ اَنَا عَلٰی عَهۡدِكَ وَ وَعۡدِكَ مَا اسۡتَطَعۡتُ

جو مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ مان توسان ڪيل عهد ۽ واعدي تي (قائم) آهيان پنهنجي وس آهر.

اَعُوۡذُبِكَ مِنۡ شَرِّ مَا صَنَعۡتُ اَبُوۡءُ لَكَ بِنِعۡمَتِكَ

مان تنهنجي پناهه وٺان ٿو پنهنجي ڪيل (برائين) جي شر کان ، مان اقرار ڪيان ٿو تنهنجي نعمتن جو.

عَلَيَّ وَ اَبُوۡءُ بِذَنۡبِيۡ فَاغۡفِرۡلِيۡ فَاِنَّهٗ لَا يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ

جي مون تي آهن ۽ اقرار ڪيان ٿو پنهنجي گناهن جو ، سي مون کي بخش، ڇو ته تو کان سواءِ گناهن جي

اِلَّا اَنۡتَ سُبۡحَانَ اللّٰهِ (ٽيٽيهه يا سؤ ڀيرا پڙهڻ گهرجي)

معاف ڪرڻ وارو ڪو ٻـ نـ آهي. الله جي پاڪائي آهي (33 يا 100 ڀيرا)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ (ٽيٽيهه يا سؤ ڀيرا پڙهڻ گهرجي) وَ اللّٰهُ اَكۡبَرُ (ٽيٽيهه

سڀ ساراهه الله جي آهي (33 يا 100 ڀيرا) الله سڀ کان وڏو آهي (33

يا سؤ ڀيرا پڙهڻ گهرجي) لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ

يا 100 ڀيرا) ناهي ڪو معبود الله کان سواءِ ، هو اڪيلو آهي، ان جو

لَا شَرِيۡكَ لَهٗ لَهُ الۡمُلۡكُ وَ لَهُ الۡحَمۡدُ وَ هُوَ عَلٰی كُلِّ شَيۡءٍ

ڪو شريڪ نه آهي، ان جي ئي بادشاهي آهي، ان جي ئي ساراهه آهي ۽ هو هر شيءِ تي

قَدِيۡرٌ * (ڏهه ڀيرا پڙهڻ گهرجي) اَمۡسَيۡنَا وَ اَمۡسَی الۡمُلۡكُ لِلّٰهِ

قادر آهي. (اِهيَن دعا صرف شام جو پڙهجي) شام ڪئي اسان ۽ شام ڪئي سموري ملڪ الله جي لاءِ

اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ الَّذِيۡ يُمۡسِكُ السَّمَاءَ اَنۡ تَقَعَ عَلَی الۡاَرۡضِ

پناهه وٺان ٿو الله جي جيڪو روڪي ٿو آسمان کي ڌرتيءَ تي ڪِرڻ کان مگر سندس

اِلَّا بِاِذْنِهٖ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ وَ ذَرَءَ وَ بَرَءَ ❁ اَصْبَحْنَا وَ

حڪم سان، ان جي شر کان جيڪي خلقيائين ۽ ڦهلايائين ۽ جوڙيائين. (اڳين دعا صرف صبح جو پڙهي) صبح ڪئي سين اسان ۽ صبح

اَصْبَحَ الْمُلْكُ لِلّٰهِ وَ الْكِبْرِيَاءُ وَ الْعَظْمَةُ وَ الْخَلْقُ وَ الْاَمْرُ وَ

ڪئي سموري ملڪ الله جي لاءِ ۽ وڏائي ۽ عظمت آهي (سندس لاءِ) ۽ سموري مخلوق ۽ حڪم

اللَّيْلُ وَ النَّهَارُ وَ مَا يُضْحِيْ فِيْهَا لِلّٰهِ وَحْدَهٗ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ

۽ رات ۽ ڏينهن ۽ ڏينهن ۾ روشن ٿيڻ واريون شيون الله اڪيلي جي لاءِ آهن. اي الله ! هن

اَوَّلَ هٰذَا النَّهَارِ صَلَاحًا وَّ اَوْسَطَهٗ فَلَاحًا وَّ آخِرَهٗ نَجَاحًا

ڏينهن جي منڍ کي سٺو بڻاءِ ۽ ان جي وچ کي ڪاميابي ۽ ان جي پڇاڙي کي باامید (بڻاءِ).

اَسْئَلُكَ خَيْرَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

توکان گهران ٿو دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائيندڙ !

لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ وَسَعْدَيْكَ وَ الْخَيْرُ فِيْ

حاضر آهيان مان اي الله ! حاضر آهيان، تنهنجي فرمانبرداري لاءِ تيار آهيان ۽ ڀلائي تنهنجي

يَدَيْكَ وَ مِنْكَ وَ اِلَيْكَ ❁ اَللّٰهُمَّ مَا قُلْتُ مِنْ قَوْلٍ اَوْ

هٿن ۾ آهي ۽ تنهنجي طرفان ۽ تو ڏانهن آهي. اي الله ! جيڪي مون ڳالهايو ، يا

حَلَفْتُ مِنْ حَلْفٍ اَوْ نَذَرْتُ مِنْ نَذْرٍ فَمَشِيَّتُكَ بَيْنَ

مون ڪو قسم ڪنيو، يا مون ڪا باس باسي ، پوءِ تنهنجو ئي ارادو آهي انهن

يَدَيْ ذٰلِكَ كُلِّهٖ مَا شِئْتَ كَانَ وَمَا لَمْ تَشَاْ لَا يَكُوْنُ وَ لَا

سڀني جي آڏو جيڪي تون چاهيندين سو ٿيندو، جيڪي نه چاهيندين سو نه ٿيندو ۽ ناهي

حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِكَ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

گناهن کان بچڻ ۽ نيڪي ڪرڻ جي طاقت مگر تنهنجي توفيق سان، بيشڪ تون ئي هر شيءِ تي قادر آهين.

اَللّٰهُمَّ مَا صَلَّيْتُ مِنْ صَلَاةٍ فَعَلٰى مَنْ صَلَّيْتَ

اي الله! جيڪي مون رحمت جي دعا گهري، اها انهيءَ لاءِ هجي جنهن تي تو رحمت فرمائي آهي

وَمَا لَعَنْتُ مِنْ لَعْنٍ فَعَلٰى مَنْ لَعَنْتَ اَنْتَ وَلِيِّ

۽ جنهن تي مون لعنت ڪئي اها ان تي هجي جنهن تي تو لعنت ڪئي، تون ئي منهنجو ڪارساز آهين

فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصَّالِحِيْنَ ۞

دنيا ۽ آخرت ۾. مون کي مسلمان ڪري مار ۽ ملاءِ مون کي صالحين سان.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ الرِّضَاءَ بَعْدَ الْقَضَاءِ وَبَرْدَ الْعَيْشِ بَعْدَ

اي الله ! آءٌ سوال ڪيان ٿو توکان تقدير تي راضي رهڻ جو ۽ مرڻ کان پوءِ يلي زندگي

الْمَوْتِ وَلَذَّةَ النَّظَرِ اِلٰى وَجْهِكَ وَشَوْقًا اِلٰى لِقَائِكَ فِيْ غَيْرِ

جو ۽ تنهنجي ديدار جي لذت جو ۽ تنهنجي ملاقات جي شوق جو بغير ڪنهن

ضَرَّاءَ مُضِرَّةٍ وَلَا فِتْنَةٍ مُضِلَّةٍ وَّ اَعُوْذُ بِكَ

تڪليف پهچائيندڙ نقصان جي ۽ بغير ٿيڙيندڙ آزمائش جي ۽ تنهنجي پناهه ٿو گهران

اَنْ اَظْلِمَ اَوْ اُظْلَمَ اَوْ اَعْتَدِيَ اَوْ يُعْتَدٰى عَلَيَّ

هن کان جو ظلم ڪيان يا مظلوم بڻجان يا ڪنهن تي ڪا زيادتي ڪيان يا مون تي ڪا زيادتي ڪئي وڃي

اَوْ اَكْسِبَ خَطِيْئَةً اَوْ ذَنْبًا لَّا تَغْفِرُهٗ، اَللّٰهُمَّ

يا ڪا اهڙي خطا ڪيان يا گناهه ڪيان، جنهن کي تون معاف نه فرمائين. اي الله !

فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَ الاَرْضِ، عَالِمَ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ،

آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ ! غيب ۽ ظاهر کي ڄاڻيندڙ !

ذَا الْجَلَالِ وَالاِكْرَامِ، فَاِنِّيْ اَعْهَدُ اِلَيْكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

بزرگي ۽ ڀلائي وارا !آءٌ عهد ٿو ڪريان تو سان هن دنيا جي حياتي ۾

وَ اُشْهِدُكَ، وَ كَفٰى بِكَ شَهِيْدًا، اَنِّيْ اَشْهَدُ اَنْ لَا اِلٰهَ اِلَّا

۽ تو کي شاهد ٿو ڪيان ۽ تون ئي ڪافي شاهد آهين هن ڳالهه جو تہ مان شاهدي ڏيان ٿو تہ تو کان سواءِ

اَنْتَ وَحْدَكَ، لَا شَرِيْكَ لَكَ، لَكَ الْمُلْكُ، وَ لَكَ

ڪو بہ معبود ناهي، تون اڪيلو آهين تنهنجو ڪو شريڪ نہ آهي، تنهنجي ئي بادشاهي آهي ۽ تنهنجي

الْحَمْدُ، وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ، وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا

ئي ساراهہ آهي ۽ تون ئي هر شيءِ تي قادر آهين ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد ﷺ

عَبْدُكَ وَ رَسُوْلُكَ، وَاَشْهَدُ اَنَّ وَعْدَكَ حَقٌّ، وَلِقَآءَكَ

تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو رسول آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ تنهنجو واعدو سچو آهي ۽ توسان ملڻ

حَقٌّ، وَالسَّاعَةَ آتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا، وَاَنَّكَ تَبْعَثُ مَنْ فِي

حق آهي ۽ قيامت اچڻي آهي ، جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي ۽ بيشڪ تون اٿاريندين قبرن

الْقُبُوْرِ، وَ اَنَّكَ اِنْ تَكِلْنِيْ اِلٰى نَفْسِيْ تَكِلْنِيْ اِلٰى ضُعْفٍ وَّ

وارن کي ۽ بيشڪ تون جيڪڏهن مون کي منهنجي نفس جي حوالي ڪيو تہ ڪمزوري ۽

عَوْرَةٍ وَّ ذَنْبٍ وَّ خَطِيْئَةٍ، وَاَنِّيْ لَا اَثِقُ اِلَّا بِرَحْمَتِكَ،

بي پردگي ۽ گناهہ ۽ خطا جي حوالي ڪيو ۽ بيشڪ آءٌ ڀروسو نہ ٿو ڪيان مگر تنهنجي رحمت جو.

فَاغْفِرْ لِيْ ذُنُوْبِيْ كُلَّهَا، اِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ،

پوءِ معاف ڪر منهنجا سڀ گناهه. بيشڪ گناهه نه تو بخشي سگهي تو کان سواءِ ڪو به ۽

وَتُبْ عَلَيَّ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ۞

منهنجي توبهه قبول ڪر. بيشڪ تون گهڻو توبهه قبول ڪندڙ ۽ ٻاجهارو آهين.

اَلْحِزْبُ الثَّانِيْ يَوْمَ الْجُمُعَةِ

بيون ورد جمعي جي ڏينهن جو

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُشْهِدُكَ وَكَفٰى بِكَ شَهِيْدًا، اَنِّيْ اَشْهَدُ اَنْ لَّا

اي الله ! آءُ توکي شاهد ٿو کيان ۽ تون ئي ڪافي شاهد آهين ان ڳالهه جو ته آءُ شاهدي ٿو ڏيان ته تو کان

اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ وَحْدَكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ شَهَادَةً تَكُوْنُ لِلنَّجَاةِ

سواءِ ڪو به معبود نه آهي، تون اڪيلو آهين، تنهنجو ڪو به شريڪ نه آهي، اهڙي شاهدي، جيڪا نجات

وَسِيْلَةً وَّلِرَفْعِ الدَّرَجَاتِ كَفِيْلَةً وَّ اَشْهَدُ اَنَّ سَيِّدَنَا

جو وسيلو بڻجي ۽ درجن جي بلندي جو ضامن بڻجي ۽ شاهدي ڏيان ٿو ته اسان جو سردار

مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَ رَسُوْلُكَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ عَلٰى آلِهٖ وَ

محمّد ڪريم ﷺ تنهنجو ٻانهو ۽ تنهنجو رسول آهي. صلواة موڪلي الله ان تي ۽ ان جي آل تي ۽

صَحْبِهٖ وَ سَلَّمَ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ

ان جي اصحابن تي ۽ سلام موڪلي. اي الله ! صلواة موڪل اسان جي سردار محمّد ڪريم ۽ اسان جي سردار محمّدجي آل تي

كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ ، وَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ

جيئن صلواة موڪلي تون ابراهيم تي ۽ ابراهيم جي آل تي، بيشڪ تون

حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ، اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ

ساراهيل بزرگي وارو آهين. اي الله ! برڪتون موڪل اسان جي سردار محمّد ﷺ تي ۽ اسان جي سردار محمّد جي آل تي

كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ

جيئن تو بركتون ڏنيون ابراهيمتي ۽ ابراهيم جي آل کي، بيشڪ تون

حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَزْوَاجِهٖ وَ

ساراهيل بزرگي وارو آهين. اي الله ! صلواة موڪل محمّد ڪريم تي ۽ سندن گهروارين تي ۽

ذُرِّيَّتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ ، وَبَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ

سندن اولادتي جيئن تون صلواة موڪلي ابراهيم تي ۽ برڪتون نازل فرماءِ محمّد ڪريم ﷺ تي،

وَّاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ

۽ سندن گهروارين تي ۽ سندن اولاد تي جيئن تون برڪتون نازل فرمايون ابراهيم تي بيشڪ تون

حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ ، وَ

ساراهيل بزرگي وارو آهين. اي الله ! صلاة موڪل محمّد ڪريم نبي امي تي ۽

اَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا

سندن گهروارين مؤمنن جي مائرن تي ۽ سندن اولاد تي ۽ سندن اهل بيت تي، جيئن تون

صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَجِيْدٌ. اَللّٰهُمَّ آتِ

صلواة موڪلي ابراهيم تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين. اي الله ! عطا ڪر تون

مُحَمَّدَ نِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَ ابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدَ

محمّد ڪريم کي وسيلو ۽ عزت ۽ موڪل ان کي مقام محمود تي

نِ الَّذِيْ وَعَدْتَّهٗ، اَللّٰهُمَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ

جنهن جو تو ان سان واعدو فرمايو آهي. اي الله آڻ ان کي قيامت جي ڏينهن ان جاءِ تي جيڪا تو

يَوْمَ الْقِيَامَةِ . اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَ

وٺ ويجهي آهي. اي الله ! صلواة موڪل محمّد ڪريم تي ۽ ان جي آل تي ۽

اَصْحَابِهٖ وَ اَوْلَادِهٖ وَ اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَ

ان جي اصحابن تي ۽ ان جي اولاد تي ۽ ان جي گهروارين ۽ ان جي خاندان ۽ سندس اهل بيت تي ۽

اَصْهَارِهٖ وَ اَنْصَارِهٖ وَ اَشْيَاعِهٖ وَ مُحِبِّيْهِ وَ اُمَّتِهٖ وَ عَلَيْنَا

ان جي ساهرن تي ۽ سندس مدد گارن تي ۽ جماعتين تي ۽ سندس عاشقن تي ۽ سندس امت تي ۽ اسان تي

مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى

انهن سمورن سان گڏ اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائيندڙ. اي الله ! صلواة موڪل

سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ صَلَاةً تُنْجِيْنَا بِهَا

اسان جي سردار محمّد ڪريم تي ۽ ان جي آل تي ۽ سندس اصحابن تي اهڙي صلواة جيئن بچائين تون

مِنْ جَمِيْعِ الْاَهْوَالِ وَ الْاٰفَاتِ وَ تَقْضِيْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ

اسان کي ان جي صدقي سيني خطرن ۽ آفتن کان ۽ پوريون فرمائين تون انجي صدقي اسان جو ن سڀ

الْحَاجَاتِ وَ تُطَهِّرُنَا بِهَا مِنْ جَمِيْعِ السَّيِّئَاتِ وَ تَرْفَعُنَا

ضرورتون ۽ پاڪ ڪرين تون اسان کي ان جي صدقي سيني برائين کان ۽ عطا ڪرين تون اسان کي

بِهَا عِنْدَكَ اَعْلَى الدَّرَجَاتِ وَ تُبَلِّغُنَا بِهَا اَقْصَى الْغَايَاتِ

ان سان پاڻ وٽ بلند درجا ۽ پهچائين تون اسان کي ان جي طفيل اعليٰ مقصدن تي

مِنْ جَمِيْعِ الْخَيْرَاتِ فِي الْحَيٰوةِ وَ بَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّكَ عَلٰى

سين ڀلائين مان هن حياتي جون توڙي مرڻ کان پوءِ جون ، بيشڪ تون

كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ.

هر شيءِ تي قادر آهين. صلواة موڪلي الله ! نبي امي تي ۽ ان جي آل تي ۽ سلام موڪلي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ كَمَا اَمَرْتَنَا اَنْ نُّصَلِّيَ عَلَيْهِ.

اي الله ! صلواة موڪل محمّد (ڪريم) تي جيئن تون حڪم ڪيو آهي اسان کي ان جي مٿان صلواة موڪلڻ جو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا هُوَ اَهْلُهٗ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ

اي الله ! صلواة موڪل محمّد (ڪريم) تي جنهن جي هو لائق آهي. اي الله ! صلواة موڪل محمّد (ڪريم) تي

كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ اَنْ يُّصَلّٰى عَلَيْهِ . اَللّٰهُمَّ

جيئن تون پسند ڪرين سندن جي لاءِ ۽ راضي ٿئين ان جي لاءِ ان جي مٿان صلواة پڙهڻ تي. اي الله !

صَلِّ عَلٰى رُوْحِ مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ وَ صَلِّ عَلٰى جَسَدِ مُحَمَّدٍ

صلواة موڪل محمّد (ڪريم) جي روح جي مٿان روحن ۾ ۽ صلواة موڪل محمّد (ڪريم) جي جسم مٿان

فِي الْاَجْسَادِ وَ صَلِّ عَلٰى قَبْرِ مُحَمَّدٍ فِي الْقُبُوْرِ. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ

جسمن ۾ ۽ صلواة موڪل محمّد (ڪريم) جي مزار انور تي مزارن ۾. اي الله ! آءٌ تو کان

اَسْئَلُكَ بِجَلَالِ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ اَنْ تُرِيَنِيْ فِيْ مَنَامِيْ

سوال تو ڪيان تنهنجي ذات ڪريم جي عزت جي وسيلي سان تہ ديدار ڪراءِ مون کي خواب ۾

وَجْهَ نَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ سَلَّمَ رُؤْيَةً تُقِرُّ بِهَا

پنهنجي نبي محمّد ڪريم ﷺ جي چهري پاڪ جو. اهڙو ديدار جو ٺارين تون ان سان

عَيْنِيْ وَ تَشْرَحُ بِهَا صَدْرِيْ وَ تَجْمَعُ بِهَا شَمْلِيْ وَ تُفَرِّجُ

منهنجي اکين کي ۽ کولين تون ان سان منهنجو سينو ۽ هڪ ڪرين تون ان سان منهنجي جدارن ڪمن کي ۽ ٺارين تون

بِهَا كَرْبِي وَ تَجْمَعُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي الدَّرَجَاتِ

ان سان اسان جون مصيبتون ۽ ڳڻ ڪرين تون مون ڪي ان محبوب سان قيامت جي ڏينهن

الْعُلٰى ثُمَّ لَا تُفَرِّقُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَهٗ اَبَدًا يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ.

بلند درجن ۾، پوءِ مون ۽ ان محبوب جي وچ ۾ جدائي نه ڪر ڪڏهن به اي سڀني کان وڌيڪ رحم ڪندڙ.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ

اي الله ! تون صلواة موڪل محمد (ڪريم) پنهنجي ٻانهي ۽ پنهنجي رسول

النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ، وَ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ وَّاَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ

نبي اُمي تي ۽ محمد (ڪريم) جي آل تي ۽ سندس ٻيبين مؤمنن جي مائرن تي

وَ ذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ

۽ سندس اولاد ۽ سندس اهل بيت تي جيئن صلواة موڪلي تو ابراهيم تي

وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ فِي الْعَالَمِيْنَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ.

۽ ابراهيم جي آل تي جهانن ۾، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين

وَ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

۽ برڪتون نازل فرماءِ پنهنجي ٻانهي رسول نبي امي محمد (ڪريم) تي

وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ وَّاَزْوَاجِهٖ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ ذُرِّيَّتِهٖ

۽ محمد ڪريم جي آل تي ۽ سندس ٻيبين مؤمنن جي مائرن تي ۽ سندس اولاد تي

وَاَهْلِ بَيْتِهٖ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَعَلٰى آلِ اِبْرَاهِيْمَ

۽ سندس اهل بيت تي جيئن تو برڪتون نازل فرمايون ابراهيم تي ۽ ابراهيم جي آل تي

فِي الْعَالَمِينَ اِنَّكَ حَمِيدٌ مَجِيدٌ. وَ كَمَا يَلِيقُ بِعَظْمِ

جهان وارن ۾، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين ۽ جيئن سندن عظيم مرتبي

شَرْفِهٖ وَ كَمَالِهٖ وَ رِضَاكَ عَنْهُ وَ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

۽ ڪمال جي لائق آهي ۽ جيترو تون راضي آهين ان کان ۽ جيئن تون پسند ڪرين ۽ راضي ٿئين سندن لاءِ

عَدَدَ مَعْلُوْمَاتِكَ وَ مِدَادَ كَلِمَاتِكَ وَ رِضٰى نَفْسِكَ

تنهنجي معلومات جي تعداد برابر ۽ تنهنجي ڪلمن جي مس جي برابر ۽ تنهنجي رضا جي برابر

وَ زِنَةَ عَرْشِكَ اَفْضَلَ صَلٰوةٍ وَّ اَكْمَلَهَا وَ اَتَمَّهَا كُلَّمَا

۽ تنهنجي عرش جي وزن برابر بهترين صلواة ۽ وڌيڪ ڪامل ۽ وڌيڪ مڪمل جڏهن

ذَكَرَكَ الذَّاكِرُوْنَ وَ غَفَلَ عَنْ ذِكْرِكَ الْغَافِلُوْنَ وَ سَلِّمْ

تنهنجو ذڪر ڪن ذڪر ڪرڻ وارا ۽ غافل ٿين تنهنجي ذڪر کان غفلت وارا ۽ پورا پورا اسلام موڪل

تَسْلِيْمًا كَذٰلِكَ وَ عَلَيْنَا مَعَهُمْ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ اَبَدًا اَفْضَلَ

انهيءَ وانگر ۽ اسان تي به انهن سان گڏ. اي الله! صلواة موڪل هميشه پنهنجي بهترين

صَلَوٰتِكَ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَ نَبِيِّكَ وَرَسُوْلِكَ

صلواة اسان جي آقا محمّد تي پنهنجي ٻانهي ۽ پنهنجي نبي ۽ پنهنجي رسول

مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَ سَلِّمْ تَسْلِيْمًا وَّ زِدْهُ تَشْرِيْفًا وَّ

محمّد ۽ ان جي آل تي ۽ پورا پورا اسلام موڪل ۽ ان جي عزت ۽ ڪرامت ۾ (اڃا به) واڌارو

تَكْرِيْمًا وَّ الْمَنْزِلَ الْمُقَرَّبَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ

فرماءِ ۽ ڪيس مقرب مقام عطا ڪر (پاڻ وٽ) قيامت جي ڏينهن. اي الله! صلواة موڪل

عَلٰى مُحَمَّدٍ فِى الْاَوَّلِيْنَ وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِى الْآخِرِيْنَ وَ

محمّد ڪريم مٿان پهرين ۾ ۽ صلواة موڪل محمّد ڪريم مٿان پوين ۾ ۽

صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي النَّبِيِّيْنَ وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي الْمُرْسَلِيْنَ

صلواة موڪل محمّد ڪريم تي نبين ۾ ۽ صلواة موڪل محمّد ڪريم تي رسولن ۾

وَ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ فِي الْمَلَاءِ الْاَعْلٰى اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ.

۽ صلواة موڪل محمّد ڪريم تي ملاء الاعلىٰ وارن ملائڪن جي جماعت ۾ قيامت جي ڏينهن تائين.

اَللّٰهُمَّ اَعْطِ مُحَمَّدَ نِ الْوَسِيْلَةَ وَ الْفَضِيْلَةَ، وَ الشَّرَفَ وَ

اي الله ! عطا ڪر محمّد (ڪريم) کي وسيلو ۽ گهڻي ڀلائي ۽ عزت ۽

الدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَةَ. اَللّٰهُمَّ آمَنْتُ بِمُحَمَّدٍ وَّلَمْ اَرَهٗ فَلَا

بلند درجو. اي الله ! مون ايمان آندو محمّد ڪريم تي ۽ جڏهن ته مون سندن زيارت نه ڪئي آهي،

تَحْرِمْنِيْ فِي الْجِنَانِ رُؤْيَتَهٗ وَ ارْزُقْنِيْ مَحَبَّتَهٗ وَ

پوءِ اي الله مون کي بهشت ۾ سندن زيارت کان محروم نه ڪجانءِ ۽ مون کي سندن جي محبت عطا ڪر ۽

تَوَفَّنِيْ عَلٰى مِلَّتِهٖ وَ اسْقِنِيْ مِنْ حَوْضِهٖ شَرَابًا مَّرِيْئًا سَائِغًا

مون کي سندن جي دين تي موت عطا ڪجانءِ ۽ مون کي سندن حوض ڪوثر مان پيار ڏۀ تي فرحت سان

هَنِيْئًا لَّا اَظْمَأُ بَعْدَهٗ اَبَدًا اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ.

بابرڪت ان جي پيئڻ کان پوءِ ڪڏهن به اڃارو نه ٿيان. بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين.

اَللّٰهُمَّ بَلِّغْ رُوْحَ مُحَمَّدٍ وَّ آلِهٖ مِنَّا تَحِيَّةً وَّ سَلَامًا.

اي الله ! پهچاءِ محمّد ڪريم جي روح کي ۽ سندس آل کي اسان جي طرفان تحفا ۽ سلام.

اَللّٰهُمَّ كَمَا آمَنْتُ بِهٖ وَ لَمْ اَرَهٗ فَلَا تَحْرِمْنِيْ فِي الْجِنَانِ

اي الله جيئن مون مٿن ايمان آندو آهي ۽ پر سندس زيارت نہ ڪئي آهي، پوءِ مون کي بهشت ۾

رُؤْيَتَهٗ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ مَّعْدِنِ الْجُوْدِ وَ الْكَرَمِ وَ مَنْبَعِ

سندن زيارت کان محروم نہ ڪجاءِ. اي الله ! صلواة موڪل محمد ڪريم تي جيڪو سخا ۽ ڀلائي جي کاڻ آهي

الْعِلْمِ وَ الْحِكَمِ وَ عَلٰى آلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ وَ سَلِّمْ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى

۽ علم ۽ حڪمتن جو سر چشمو آهي ۽ سندن آل تي ۽ سندن صحابن تي ۽ سلام موڪل.

سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ

اي الله ! صلواة موڪل اسان جي آقا محمد تي ۽ اسان جي آقا محمد جي آل تي ، جيڪو امي نبي آهي،

اَرْسَلْتَهٗ رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ وَ اصْطَفَيْتَهٗ عَلَى الْخَلَائِقِ

جنهن کي تون موڪليو سمورن جهانن لاءِ رحمت ڪندڙ بنائي ۽ تون ان کي چونڊيو سموري

اَجْمَعِيْنَ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِكَ وَ مِلَاَ مَا فِيْ عِلْمِكَ وَزِنَةَ مَا فِيْ

مخلوق مٿان پنهنجي علم جي انگ جيتري ۽ انهن شين جي ڀرجڻ جيتري جيڪي

تنهنجي علم ۾ آهن ۽ انهن شين جي وزن جيتري جيڪي

عِلْمِكَ وَ عَدَدَ خَلْقِكَ وَ عَدَدَ كُلِّ ذَرَّةٍ اَضْعَافًا مُّضَاعَفَةً

تنهنجي علم ۾ آهن ۽ پنهنجي مخلوق جي عدد برابر سڀين ذرن برابر، ٻيڻاٻين چوڻاٽين سان انهيءَ ۾

فِيْ ذٰلِكَ اَلْفَ مَرَّةٍ فِيْ كُلِّ نَفَسٍ وَّ لَمْحَةٍ وَّ لَحْظَةٍ وَّ طَرْفَةٍ

هزار ڀيرا هر هڪ پساهہ ۾ ۽ هر گهڙي ۽ هر لحظي ۾ ۽ جيتر ڀيرا اکيون ڇنڀينديا رهن

يَطْرِفُ بِهَا اَهْلُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ عَلٰى آلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَ سَلِّمْ.

آسمانن ۽ زمين وارا ۽ سندن جي آل تي ۽ سندن صحابن تي ۽ سلام موڪل.

اَللّٰهُمَّ اَعْطِ مُحَمَّدًا اَفْضَلَ مَا اَنْتَ مَسْئُوْلٌ لَّهٗ

اي الله ! عطا ڪر محمد ڪريم کي وتيڪ پلو ان کان بهترين (مقام) جنهن جو تو کان سندن لاءِ سوال ڪيو وڃي تو

اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ مَا اخْتَلَفَ

قيامت جي ڏينهن تائين. اي الله ! صلواة موڪل محمد ڪريم تي جيستائين

الْمَلَوَانِ وَ تَعَاقَبَ الْعَصْرَانِ وَ تَكَرَّرَ الْجَدِيْدَانِ وَ

رات ۽ ڏينهن مٽبا رهن ۽ هڪ ٻئي جي پٺيان ايندا رهن ۽ وري وري نوان ٿيندا رهن ۽ جيستائين

اسْتَصْحَبَ الْفَرْقَدَانِ وَ اَضَاءَ الْقَمَرَانِ وَ بَلِّغْ رُوْحَهٗ وَ

ٻئي فرقد (ستاره) پاڻ ۾ ساٿي رهن ۽ جيستائين سج ۽ چنڊ روشن رهن ۽ پهچائج سندن روح کي ۽

اَرْوَاحَ اَهْلِ بَيْتِهٖ مِنَّا التَّحِيَّةَ وَ السَّلَامَ [مبدء صيغ

سندن اهل بيت جي روحن کي اسان جون سو ڪڙيون ۽ سلام. انهن صلواتن جي شروعات

الصلوة على الخير البريات صلى الله عليه و سلم .التي

جيڪي (حضرت حبيب ڪائنات) ساري مخلوقات جي پلاري عليه السلام جي مٿان موڪلڻ جي لاءِ

انشاء الشيخ رحمه الله تعالى] اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَ سَلِّمْ

بزرگ (حاجي فقير الله رحمة الله عليه) پاڻ ٺاهي پيش ڪيون. اي الله ! صلواة ۽ سلام موڪل

عَلَى السَّيِّدِ الْهَاشِمِيِّ خَيْرِ الْوَرٰى وَ حَبِيْبِكَ الْمُجْتَبٰى

سردار هاشمي ساري مخلوق کان بهتر جي مٿان ۽ پنهنجي حبيب برگزيده

مُحَمَّدِ نِ الْمُصْطَفٰى عَدَدَ مَا كَانَ وَ يَكُوْنُ وَ مَعْلُوْمَاتِكَ وَ

محمد مصطفيٰ (جي مٿان) جيڪي ٿيو آهي ۽ ٿيندو ان جي تعداد برابر ۽ پنهنجي معلومات

عَدَدَ مَا ذُكِرَ اَلْفَ اَلْفَ مَرَّةٍ وَّكُلُّ ذَالِكَ مَضْرُوْبٌ فِيْ

(جي شمار برابر) ۽ جيڪي ذڪر ڪيو ويو آهي ان جي تعداد برابر هزارين ڀيرا ۽ وري سيئي پاڻ ۾ ايترا

نَفْسِهَا كَذَالِكَ فِيْ كُلِّ لَمْحَةٍ وَّآنٍ وَّ لَحْظَةٍ وَّ زَمَانٍ اِلٰى

ئي ڀيرا ضرب ڏنل هجن. هر گھڙي ۽ هر وقت ۽ هر لحظي ۽ هر زماني ۾ قيامت جي

يَوْمِ الدِّيْنِ كُلَّمَا ذَكَرَكَ الذَّاكِرُوْنَ وَغَفَلَ عَنْ ذِكْرِكَ

ڏينهن تائين. جڏهن تنهنجي ذڪر ڪرڻ وارا تنهنجو ذڪر ڪن ۽ غافل تنهنجي ذڪر کان

الْغَافِلُوْنَ فِيْ كُلِّ وَقْتٍ وَّحِيْنٍ صَلٰوةً وَّ سَلَامًا تُنْجِيْنَا بِهَا

غافل ٿين هر وقت ۽ هر حال ۾ اهڙي صلواة ۽ اهڙو سلام جنهن سان تون اسان کي نجات ڏين

مِنْ جَمِيْعِ اَهْوَالِ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَسُوْءِ الْخَاتِمَةِ وَ

دنيا ۽ آخرت جي مصيبتن کان ۽ بري خاتمي کان ۽

تُبَرِّدُ عَلَيْنَا بِهِمَا النَّارَ الْحَاطِمَةَ وَ تُمَيِّزُنَا بِهِمَا

ٺاري ڇڏين اسان تي انهن ٻنهن سان تيز باھ کي ۽ عزت بخشين اسان کي انهن ٻنهي جي طفيل

بِالرَّحْمَةِ يَوْمَ الرَّافِشَةِ وَ تُبَلِّغُنَا بِهِمَا اِلَى الْجَنَّاتِ

پنهنجي رحمت سان سينگار واري ڏينهن ۽ پهچاءِ اسان کي ٻنهي انهن جي طفيل بهشت ۾

مِنْ غَيْرِ الْمُنَاقَشَةِ وَ تُقِرُّ بِهِمَا عُيُوْنَنَا بِلِقَائِكَ يَوْمَ الْبَيَانِ

ڪنهن حساب ڪتاب کان سواءِ ۽ ٺار اکيون اسان جون انهن ٻنهي جي طفيل پنهنجي ديدار سان بيان واري ڏينهن

فِي الْجِنَانِ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ يَا لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ

بهشت ۾ اي زنده، اي سڀ کي زنده رکندڙ، اي جو تو کان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي،

سُبۡحَانَكَ اِنِّيۡ كُنۡتُ مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ يَا اَرۡحَمَ الرّٰحِمِيۡنَ.

تنهنجي پاڪائي آهي، بيشڪ آءٌ ظالمن مان آهيان اي سيني کان ٻاجهارا !

اَلْحِزْبُ الثَّالِثُ يَوْمَ السَّبْتِ

ٽيون ورد ڇنڇر جي ڏينهن جو

رَبِّ بِنُوْرِ وَجْهِكَ وَ اَسْمَائِكَ وَ اَنْبِيَائِكَ وَ اَصْفِيَائِكَ وَ

اي پالڻهار ! پنهنجي ذات جي نور جي صدقي ۽ پنهنجن نالن جي طفيل ۽ پنهنجي نبين جي طفيل ۽ پنهنجي چونڊيل ٻانهن جي طفيل ۽

اَوْلِيَائِكَ وَ بِمَنْ اَكْرَمْتَهٗ لَدَيْكَ وَ بِمَنْ لَّهٗ طَرِيْقٌ اِلَيْكَ

پنهنجن ولين جي طفيل ۽ انهن جي طفيل، جن کي تون پاڻ وٽ عزت وارو بڻايو آهي ۽ انهن جي مهابي جن کي توڏي راهه آهي.

صَلِّ وَ سَلِّمْ عَلٰى طِرَازِ مُلْكِكَ وَ اَمِيْنِ مَمْلَكَتِكَ وَ

صلواة ۽ سلام موڪل پنهنجي ملڪ جي سينگار مٿان ۽ پنهنجي بادشاهي جي امين مٿان ۽

سِرِّكَ الْاَعْظَمِ وَ مَظْهَرِكَ الْاَفْخَمِ وَ مُجْلَى بِجَمِيْعِ صِفَاتِ

پنهنجي عظيم تر راز تي ۽ پنهنجي عظيم مرتبي واري مظهر جي مٿان ۽ سين ڪامل

الْكَمَالِ وَ مُدْنِى اِلٰى ذِرْوَةِ الْوِصَالِ وَ عَيْنِ اَعْيَانِ الْاَكْوَانِ وَ

صفتن سان(سينگاري)ظاهر ڪيل مٿان ۽ وصال جي بلندي تي پهچايل جي مٿان ۽ سيني

اِنْسَانِ عَيْنِ اُمِّ الْاِمْكَانِ وَ هُيُوْلَى الْحُرُوْفِ الْعَالِيَاتِ وَ

جهانن جي خاص الخاص تي ۽ عالم امڪان جي اکين جي نور ۽ بلند حرفن ۽ روحن جي

الْاَرْوَاحِ وَ نُوْرِ الْحُرُوْفِ السَّافِلَاتِ وَ الْاَشْبَاحِ وَ سِرِّ الْاَسْرَارِ

اصل تي ۽ هيٺين حرفن ۽ جسمن جي نور تي ۽ رازن جي راز تي

وَ مَشْرِقِ الْاَنْوَارِ وَ فَارِسِ بَيْدَاءِ الْهَاهُوْتِيَّةِ وَ سَيَّاحِ

۽ انوار جي ظهور جي جاءِ عالم هاهوت جي شهسوار تي ۽

بَحْرِ اللَّاهُوْتِيَّةِ وَ سَيَّاحِ سِكَكِ الْجَبَرُوْتِيَّةِ وَ زَيِّنِ قَدمِ

بحر لاهوت جي سير ڪرڻ واري تي ۽ عالم جبروت جي راهن جي گهمڻ واري تي

الْمَلَكُوْتِيَّةِ وَ وَالِيْ وِلَايَةِ النَّاسُوْتِيَّةِ وَ بِسْمِلَةِ كِتَابِ الْوُجُوْدِ

۽ عالم ملكوت ۾ اچڻ وارن جي سينگار تي ۽ عالم ناسوت جي ولايت جي واليَ تي ، وجود جي ڪتاب جي بسم الله ابتدا تي

وَ شَرْطِ وُجُوْدِ الْمَوْجُوْدِ وَ نُقْطَةِ الْجُمْلَةِ الْبَائِيَّةِ

۽ موجودات جي وجود جي شرط ۽ بائي جملي (بسم الله الرحمٰن الرحيم جي ب) جي نقطي تي

وَ مُبَرْقَعٍ بِالْبُرْقَعَةِ الْعَمَائِيَّةِ وَ سَيَّارِ سُوْقِ الْاَنْفُسِ وَ

۽ رازداني ۽ گهرائيءَ جي برقعي اوڍيندڙ تي ۽ في انفسكم ۽ في الآفاق جي بازار جي

الْآفَاقِ وَ اَنِيْسِ دَائِرَةِ الْقَيْدِ وَ الْاِطْلَاقِ وَ مَرْكَزِ دَائِرَةِ

سير ڪندڙ تي ۽ قيد ۽ آزادي جي حدود کان واقفڪار تي ۽ وجود جي سرحد جي مرڪز

الْوُجُوْدِ بَلْ مَادَّةِ وُجُوْدِ الْمَوْجُوْدِ وَ سِرِّ الشَّاهِدِ وَ

تي بلڪ موجودات جي وجود جي اصل تي ۽ محبوب ۽ محب جي راز تي

الْمَشْهُوْدِ وَ صَاحِبِ الْمَقَامِ الْمَحْمُوْدِ وَ لِوَاءِ الْحَمْدِ

۽ مقام محمود جي صاحب تي ۽ واعدو ڪيل حمد واري جهنڊي جي صاحب تي،

الْمَعْقُوْدِ سَيِّدِنَا وَ شَفِيْعِنَا مُحَمَّدٍ خَيْرِ الْخَلَائِقِ كَنْزِ

اسان جي آقا ۽ اسان جي شفاعت ڪندڙ محمّد ڪريم ساري خلقت مان ڀلي،

الْحَقَائِقِ عَارِفِ الدَّقَائِقِ صَاحِبِ الْحَدَائِقِ رَحْمَةٍ

حقيقتن جي خزاني، مخفي رازن جي عارف، جنتي باغيچن جي صاحب، سموري جهانن لاءِ رحمت،

لِّلْعَالَمِيْنَ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَشْرَفِ الْاَنْبِيَاءِ اَصْفَى الْاَصْفِيَاءِ

رسولن جي سردار، سيني نبين کان يلي، سڀ برگزيدن مان برگزيده ،

اَتْقَى الْاَتْقِيَاءِ مَعْدَنِ الْحِلْمِ وَ الْحَيَاءِ عَدَدَ مَا ذُكِرَ

سيني پرهيزگارن جي زور پرهيزگار، حوصلي ۽ حياء جي کاڻ تي ذڪر ڪيل شين جي تعداد جيترو

وَ كُلُّ ذٰلِكَ مَضْرُوْبٌ فِيْهَا اَلْفَ اَلْفَ مَرَّةٍ وَّ كَمَا تُحِبُّ وَ

۽ وري اهي سڀ ضرب ڏنا وڃن هزارين ڀيرا ۽ جيئن تون پسند ڪرين ۽

تَرْضٰى بِهِمَا مِنَّا وَ تُرْضِيْهِ عَنَّا وَ تُلْحِقُنَا بِهٖ يَوْمَ

راضي ٿئين انهن ٻنهي صلواة ۽ سلام سان اسان کان ۽ خوش ڪرين تون ڪين اسان کان ۽ ملائين تون اسان کي

الْقِيَامَةِ وَ تَدْفَعُ عَنَّا شَرَّ الظَّالِمِيْنَ وَ تَقْضِيْ لَنَا جَمِيْعَ

ان سان قيامت جي ڏينهن ۽ دفع ڪرين اسان کان ظالمن جي شر کي ۽ اسان جو سڀ

حَوَائِجِنَا يَا اِلٰهَ الْعَالَمِيْنَ: اَللّٰهُمَّ اَنْتَ الْمَلِكُ الْحَقُّ

ضرور تون پوريون فرمائين اي جهانن جا معبود ! اي الله ! تون ئي سچو بادشاهه آهين

الَّذِيْ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ يَا مَالِكُ

جو توکان سواءِ ڪو به معبود ناهي، اي الله ! اي رحمٰن ، اي رحيم، اي مالڪ،

يَا مَلِكُ يَا قُدُّوْسُ يَا سَلَامُ يَا مُؤْمِنُ يَا مُهَيْمِنُ

اي بادشاهه، اي نهايت پاڪ، اي هر عيب ۽ نقص کان پاڪ، اي بي خوف ۽ امن ڏيندڙ، اي نگهبان،

يَا عَزِيْزُ يَا جَبَّارُ يَا مُتَكَبِّرُ يَا خَالِقُ يَا بَارِئُ

اي غالب ، اي پورائي ڪندڙ، اي وڏائي وارا، اي خلقيندڙ، اي پيدا فرمائيندڙ،

يَا مُصَوِّرُ يَا غَفَّارُ يَا قَهَّارُ يَا وَهَّابُ يَا رَزَّاقُ

اي صورتون جوڙيندڙ، اي زور بخشيندڙ، اي زبردست، اي گھڻو عطا ڪندڙ، اي گھڻو رزق ڏيندڙ،

يَا فَتَّاحُ يَا عَلِيْمُ يَا قَابِضُ يَا بَاسِطُ يَا خَافِضُ

اي هر مشڪل ڪي حل ڪندڙ، اي علم وارا، اي قبض(تنگي) فرمائيندڙ اي ڪشادگي ڪندڙ اي هيٺ ڪندڙ

يَا رَافِعُ يَا مُعِزُّ يَا مُذِلُّ يَا سَمِيْعُ يَا بَصِيْرُ

اي بلند ڪندڙ، اي عزت ڏيندڙ، اي ذلت ڏيندڙ، اي ٻڌي قبول فرمائيندڙ، اي ڏسندڙ،

يَا حَكَمُ يَا عَدَلُ يَا لَطِيْفُ يَا خَبِيْرُ يَا حَلِيْمُ يَا عَظِيْمُ

اي فيصلو ڪندڙ، اي انصاف وارا، اي مهربان، اي خبر رکندڙ، اي بردبار، اي عظمت وارا،

يَا غَفُوْرُ يَا شَكُوْرُ يَا عَلِيُّ يَا كَبِيْرُ يَا حَفِيْظُ

اي گھڻو بخشيندڙ، اي شڪر قبول ڪري انعام ڏيندڙ، اي بلند تر، اي وڏائي وارا، اي حفاظت فرمائيندڙ

يَا مُقِيْتُ يَا حَسِيْبُ يَا جَلِيْلُ يَا رَقِيْبُ يَا مُجِيْبُ

اي وڏي طاقت وارا، اي ڪافي ٿيندڙ، اي بزرگي وارا، اي نگهبان، اي دعائن ڪي قبول ڪندڙ،

يَاوَاسِعُ يَاحَكِيْمُ يَاوَدُوْدُ يَامَجِيْدُ

اي وسيع علم ۽ قدرت وارا، اي حڪمت وارا، اي (پنهنجي ٻانهن سان) پيار فرمائڻ وارا، اي بزرگي وارا

يَا بَاعِثُ يَا شَهِيْدُ يَا حَقُّ يَا وَكِيْلُ يَا قَوِيُّ يَا مَتِيْنُ يَا وَلِيُّ

اي مئن ڪي اٿاريندڙ، اي حاضر، اي حق، اي ڪارساز، اي طاقت وارا، اي مضبوط، اي مددگار،

يَا حَمِيْدُ يَا مُحْصِيْ يَا مُبْدِئُ يَا مُحْيِيْ

اي ساراهيل، اي هر شيءِ کي پنهنجي علم سان گهيريندڙ، اي شروع ۾ پيدا ڪندڙ، اي زنده ڪرڻ وارا،

يَا مُمِيْتُ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ يَا وَاجِدُ يَا مَاجِدُ يَا وَاحِدُ

اي ماريندڙ، اي زنده، اي ٻين کي قائم رکڻ وارا، اي وجود ڏيندڙ، اي بزرگي وارا، اي اڪيلا

يَا اَحَدُ يَا صَمَدُ يَا قَادِرُ يَا مُقْتَدِرُ يَا مُقَدِّمُ يَا مُؤَخِّرُ

اي يڪتا، اي بي نياز، اي قدرت وارا، اي اقتدار وارا، اي اڳتي ڪندڙ، اي پٺتي ڪندڙ

يَا اَوَّلُ يَا آخِرُ يَا ظَاهِرُ يَا بَاطِنُ يَا وَالِيُ يَا مُتَعَالِيُ

اي اول ، اي آخر، اي ظاهر، اي باطن، اي ڪارساز، اي برتر

يَا بَرُّ يَا تَوَّابُ يَا مُنْعِمُ يَا مُنْتَقِمُ يَا عَفُوُّ

اي چڱائي فرمائيندڙ ، اي توبهه قبول ڪندڙ، اي انعام ڪندڙ، اي بدلو وٺندڙ، اي معاف ڪندڙ

يَا رَؤُوْفُ يَا مَالِكَ الْمُلْكِ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ يَا رَبُّ

اي مهربان، اي ملڪ جا مالڪ ، اي بزرگي ۽ عزت جا مالڪ، اي پالڻهار

يَا مُقْسِطُ يَا جَامِعُ يَا غَنِيُّ يَا مُغْنِيُ يَا مَانِعُ

اي انصاف فرمائڻ وارا، اي گڏ ڪندڙ، اي بي نيازي وارا، اي بي نياز بڻائيندڙ، اي روڪيندڙ

يَا ضَارُّ يَا نَافِعُ يَا نُوْرُ يَا هَادِيُ يَا بَدِيْعُ يَا بَاقِيُ

اي نقصان رسائيندڙ، اي نفعو پهچائيندڙ، اي نور، اي هدايت فرمائڻ وارا،
اي بغير ڪنهن مادي جي نئون پيدا فرمائيندڙ، اي باقي ۽ هميشه رهندڙ،

يَا وَارِثُ يَا رَشِيْدُ يَا صَبُوْرُ بِوَجْهِكَ الْكَرِيْمِ وَ

اي سڀن جا وارث، اي سمجهه ڏيندڙ، اي وڏي تحمل وارا پنهنجي ذات پاڪ جي وسيلي سان ۽

صِفَاتِكَ الْقَدِيْمِ وَ اَنْبِيَائِكَ الْمَعْصُوْمِيْنَ وَ اَوْلِيَائِكَ

پنهنجي قديم صفتن جي وسيلي سان ۽ پنهنجي معصوم نبين جي صدقي ۽ گناهن کان

الْمَاْمُوْمِيْنَ صَلِّ عَلٰى نَبِيِّكَ الْاَمِيْنِ وَ مَظْهَرِ اَسْمَائِكَ

محفوظ ولين جي صدقي صلواة موڪل پنهنجي امانتدار نبي تي ۽ پنهنجي

التِّسْعَةِ وَ التِّسْعِيْنَ وَ مَنْشَاءِ الْبُرُوْزِ وَ مَحْتَدِ الْكُنُوْزِ وَ

نوانوي نالن جي مظهر تي ۽ (جهان جي) ظهور جي مقصد تي ۽ خزانن جي بنياد تي ۽ سڀ کان

الْقَابِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَ سَاكِنِ ذِرْوَةِ اَوْ اَدْنٰى اَبِ الْاَكْوَانِ وَ اُمِّ

پهرين ڪيفيت تي ۽ او ادنيٰ (قرب خداوندي) جي بلنديءَ جي رهندڙ تي ۽ ڪائنات جي بنياد تي ۽ عالم

الْاِمْكَانِ وَ جَدِّ الْاَجْدَادِ فِي الْمَبْدَءِ وَ مَهْجَةِ

امڪان جي اصل مبدء ۽ معاد جي اصل الاصول تي پنهي

الْكَوْنَيْنِ وَ بَهْجَةِ الثَّقَلَيْنِ وَ قَائِدِ الْقُفُوْلِ

جهانن جي روح، جنن ۽ انسانن جي سونهن تي

وَ مِرْقَاةِ الْوُصُوْلِ سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا وَ شَفِيْعِنَا مُحَمَّدٍ

قافلن جي قائد تي ۽ (الله تعاليٰ جي) ملڻ جي وسيلي تي، اسان جي آقا

۽ اسان جي سائينءَ اسان جي شفاعت ڪندڙ محمد ڪريم تي

خَيْرِ الْبَرِيَّةِ وَ مَهْدِيْنَا اِلٰى مَحَجَّةِ الشَّرِيْعَةِ وَ بَحْرِ اَنْوَارِكَ

پوري مخلوق مان برتر ۽ شريعت جي ڏگ تائين اسان جي رهنمائي ڪندڙ تي، پنهنجي انوار جي سمنڊ

وَ مَعْدَنِ اَسْرَارِكَ وَ لِسَانِ حُجَّتِكَ وَ عَرُوْسِ مَمْلَكَتِكَ

۽ پنهنجي رازن جي کاڻ تي ۽ پنهنجي روشن دليل جي زبان تي ۽ پنهنجي بادشاهي جي گهوٽ تي

وَ اِمَامِ حَضۡرَتِكَ وَ طَرِيۡقِ شَرِيۡعَتِكَ الۡمُتَلَذِّذِ بِتَوۡحِيۡدِكَ

۽ پنهنجي بارگاهه (جي حاضرين) جي اڳواڻ ۽ پنهنجي شريعت جي راهه جي سرواڻ تي جيڪو تنهنجي توحيد سان مزو حاصل ڪندڙ آهي

اِنۡسَانِ عَيۡنِ الۡوُجُوۡدِ وَ السَّبَبِ فِيۡ كُلِّ مَوۡجُوۡدٍ عَيۡنِ

موجودات عالم جي اکين جي نور تي ۽ سڀ موجودات جي پيدائش جي سبب تي ۽ پنهنجي

اَعۡيَانِ خَلۡقِكَ الۡمُتَقَدِّمِ مِنۡ نُوۡرِ ضِيَائِكَ

مخلوق جي خاص الخاص تي، پنهنجي ذات جي نور جي جلوي جي روشني مان ظاهر ٿيندڙ تي

صَلٰوةً نَّاشِيَةً مِّنۡ سِرِّكَ الۡمَكۡنُوۡنِ الۡمَخۡزُوۡنِ عِنۡدَكَ

اهڙا صلواة جيڪا ظاهر ٿيندڙ تنهنجي مخفي رازن مان جو تو وٽ خزانو ٿيل آهي جيڪا

دَائِمَةً بِّدَوَامِكَ بَاقِيَةً بِّبَقَائِكَ لَا مُنۡتَهٰى لَهَا

تنهنجي هميشگي سان هميشه هجي، تنهنجي بقا سان باقي هجي، جنهن جي انتها نه هجي

دُوۡنَ عِلۡمِكَ عَدَدَ خَلۡقِكَ وَ رِضَاءَ نَفۡسِكَ وَ زِنَةَ

تنهنجي علم کان سواءِ تنهنجي مخلوق جي شمار جيتري ۽ تنهنجي رضا جيتري ۽ تنهنجي

عَرۡشِكَ وَ مِدَادَ كَلِمَاتِكَ وَ عَدَدَ مَا ذَكَرَكَ بِهٖ خَلۡقُكَ فِيۡمَا

عرش جي وزن جيتري ۽ تنهنجي ڪلمن جي مس جيتري ۽ جيترو تنهنجي مخلوق تنهنجو ذڪر ڪيو

مَضٰى وَ عَدَدَ مَا هُمۡ ذَاكِرُوۡنَكَ فِيۡمَا بَقِيَ اَلۡفَ اَلۡفَ مَرَّةٍ

گذريل زماني ۾ ۽ جيترو تنهنجو ذڪر ڪندا رهيل زماني ۾ هزارين ڀيرا اهڙي

صَلٰوةً تُرۡضِيۡكَ وَ تُرۡضِيۡهِ وَ تَرۡضٰى بِهَا عَنَّا

صلواة جيڪا تو کي راضي ڪري ۽ پاڻ ڪريمن کي راضي ڪري، ۽ جنهن سان تون اسان کان راضي ٿي پوين

وَعَلٰى قَدْرِ عِنَايَتِكَ بِهٖ وَمَرْتَبَتِهٖ وَمَنْزِلَتِهٖ لَدَيْكَ فِيْ كُلِّ

۽ جيتري تنهنجي ساڻن عنايت آهي ۽ تنهنجي بارگاهه ۾ سندن شان ۽ مرتبي جيتري هر

سَنَةٍ وَّشَهْرٍ وَّجُمُعَةٍ وَّيَوْمٍ وَّلَيْلَةٍ وَّلَمْحَةٍ مِّنَ الْاَبَدِ اِلٰى

سال ۽ هر مهيني ۽ هر جمعي ۽ هر ڏينهن ۽ هر رات ۽ هر گهڙي ۾ هميشه آخري

مُنْتَهَاهُ وَ اٰبَادِ الدُّنْيَا وَ اٰبَادِ الْاٰخِرَةِ وَ اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ

زماني تائين ۽ دنيا جي رهڻ تائين ۽ آخرت ۾ هميشه تائين ۽ انهن کان وڌيڪ

عَدَدًا لَا يَنْقَطِعُ وَ لَا يَفْنٰى اٰخِرُهٗ رَبِّ بِوَجْهِكَ الْاَعْلٰى وَ

ايترو عدد جو ڪڏهن بند نه ٿئي ۽ نه ختم ٿئي. اي پالڻهار! پنهنجي بلند ذات جي طفيل ۽

اَسْمَائِكَ الْحُسْنٰى وَ حَبِيْبِكَ الْمُجْتَبٰى وَ مَنْزِلَتِهِ الْاَسْنٰى

پنهنجن سهڻن نالن جي صدقي ۽ پنهنجي چونڊيل حبيب ۽ سندس بلند شان جي وسيلي ۽ سندس

وَ بِالصَّلٰوةِ عَلَيْهِ اَعِذْنَا مِنْ شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا وَ اَسْمَاعِنَا وَ

مٿان صلواة (پڙهڻ) جي صدقي اسان کي پناهه ڏي اسان جي نفسن جي برائين کان ۽ اسان جي ڪنن جي

اَبْصَارِنَا وَ اَلْسِنَتِنَا وَ قُلُوْبِنَا وَ مَنِيَّاتِنَا وَ مِنْ سَيِّئَاتِ اَعْمَالِنَا

برائين کان ۽ اسان جي اکين جي براين کان ۽ اسان جي زبانن جي برائين کان ۽ اسان جيدلين جي برائين کان ۽ اسان جي خواهشات جي براين کان

وَ مِنْ عِلْمٍ لَّا يَنْفَعُ وَ مِنْ دُعَاءٍ لَّا يُسْمَعُ وَ مِنَ

۽ پناهه ڏي اسان کي اسان جي عملن جي برائي کان ۽ علم کان جنهن جو ڪو نفعو نه ملي ۽ نه قبول پيل دعا کان ۽

الشِّقَاقِ وَ النِّفَاقِ وَ سُوْءِ الْاَخْلَاقِ وَ مُنْكَرَاتِهَا وَ

(حق جي) مخالفت ۽ منافقت ۽ برين عادتن ۽ برن ڪمن کان ۽

الْجُوْعِ فَاِنَّهَا بِئْسَ الضَّجِيْعُ وَ الْخِيَانَةِ فَاِنَّهَا بِئْسَتِ

بک کان ، پوءِ بيشڪ بک برو ساٿي آهي ۽ خيانت کان پوءِ بيشڪ خيانت بري

الْبِطَانَةُ وَ الْبَرَصِ وَ الْجُذَامِ وَ الْجُنُوْنِ وَ الْعَيْنِ وَ

پيٽ ۾ لڪيل شيءِ آهي ۽ چٽيءَ (بگ) ۽ ڪوڙهه ۽ چريائپ ۽ بري نظر ۽

الْحُمّٰى وَ مِنْ سَيِّءِ الْاَسْقَامِ وَ التَّرَدِّىْ وَ الْحَرَقِ وَ

بخار کان ۽ برين بيمارين کان ۽ هلاڪ ٿيڻ کان ۽ سڙڻ کان ۽

الْغَرَقِ وَ الْهَرَمِ وَ الْهَدَمِ وَ الْفَقْرِ وَ الْكُفْرِ وَ الْقِلَّةِ وَ

ٻڏڻ کان ۽ ڪمزوري ۽ جهورائپ کان ۽ سُڃائي کان ۽ ڪفر کان ۽ ٿوٽ کان ۽

الذِّلَّةِ وَ الْهَمِّ وَ الْحُزْنِ وَ الْعِجْزِ وَ الْكَسْلِ وَ الْبُخْلِ وَ

خواري کان ۽ غم کان ۽ مونجهه کان ۽ عاجزي کان ۽ سستي کان ۽ بخيلي کان ۽

الْجُبْنِ وَ مِنْ غَلَبَةِ الدَّيْنِ وَ قَهْرِ الرِّجَالِ وَ غَضَبِكَ وَ

بزدلي کان ۽ قرض جي غلبي کان ۽ ماڻهن جي ڏاڍ کان ۽ تنهنجي ناراضگي کان ۽

عِقَابِكَ وَ شَرِّ عِبَادِكَ وَ مِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِيْنِ وَ اَنْ

تنهنجي عذاب کان ۽ تنهنجي ٻانهن جي شر کان ۽ شيطانن جي اثرن کان ۽ هن کان جو

يَّحْضُرُوْنَا وَ مِنْ اَنْ نَّظْلِمَ اَوْ نُظْلَمَ اَوْ نَجْهَلَ اَوْ

اُهي اسان وٽ اچن ۽ هن کان جو اسان ظلم ڪيون يا اسان تي ظلم ڪيو وڃي يا اسان جهالت ڪيون يا

يُجْهَلَ عَلَيْنَا وَ اَنْ يَّتَخَبَّطَنَا الشَّيْطَانُ عِنْدَ الْمَوْتِ

اسان تي جهالت ڪئي وڃي ۽ هن کان جو موت جي وقت شيطان اسان کي بي عقل بڻائي

وَمِنْ اَنْ نَّمُوْتَ لَدِيْغِيْنَ وَاكْفِنَا بِحَلَالِكَ عَنْ حَرَامِكَ

۽ هن کان جو اسان ڏنگجي مرون ۽ اسان جي پورائي فرماءِ پنهنجي حلال شين سان جيئن حرام کان بچون

وَاَغْنِنَا بِفَضْلِكَ عَمَّنْ سِوَاكَ وَاسْتُرْ عَوْرَاتِنَا وَ

۽ اسان کي بچاءِ پنهنجي فضل سان ٻين جي محتاجي کان ۽ اسان جي عيبن کي ڍڪ ۽

آمِنْ رَوْعَاتِنَا وَاَلْهِمْنَا رُشْدَنَا وَاقْسِمْ لَنَا مِنْ خَشْيَتِكَ

امن ڏي اسان کي خوفن کان ۽ اسان کي عطا کر حق تي مضبوطي ۽ ونڊ ڏي اسان کي پنهنجي خوف جو

مَا تَحُوْلُ بِهٖ بَيْنَنَا وَبَيْنَ مَعَاصِيْكَ وَمِنْ طَاعَتِكَ

ايترو جو رڪاوٽ بڻجي اسان ۾ ۽ تنهنجي نافرمانين (ڪرڻ) ۾ ۽ ونڊ ڏي اسان کي پنهنجي فرمانبرداري جو

مَا تُبَلِّغُنَا بِهٖ جَنَّتَكَ وَمِنَ الْيَقِيْنِ مَا تُهَوِّنُ بِهٖ عَلَيْنَا

جنهن سان پهچائين تون اسان کي پنهنجي جنت ۾ ۽ يقين جو ونڊ ڏي جنهن سان آسان ڪرين اسان تي

مِنْ مُّصِيْبَاتِ الدُّنْيَا وَمَتِّعْنَا بِاَسْمَاعِنَا وَاَبْصَارِنَا وَ

دنيا جون مصيبتون ۽ فائدو ڏي اسان کي اسان جي ڪنن ۽ اسان جي اکين ۽

قُوَّتِنَا مَا اَحْيَيْتَنَا وَاجْعَلْهُ الْوَارِثَ مِنَّا وَاجْعَلْ ثَارَنَا

اسان جي ٻين قوتن سان جيستائين اسان کي جيارين ۽ ڪر ان کي اسان جو وارث ۽ ڪر اسان جي مدد

عَلٰى مَنْ ظَلَمَنَا وَانْصُرْنَا عَلٰى مَنْ عَادَانَا وَلَا تَجْعَلْ

اسان سان ظلم ڪندڙ تي ۽ اسان جي مدد ڪر اسان جي دشمنن تي ۽ نه بڻاءِ

مُصِيْبَتَنَا فِيْ دِيْنِنَا وَلَا تَجْعَلِ الدُّنْيَا اَكْبَرَ هَمِّنَا وَلَا

اسان جي مصيبت اسان جي دين ۾ ۽ نه بڻاءِ دنيا کي اسان جو وڏو مقصد ۽ نه

مَبۡلَغَ عِلۡمِنَا وَ لَا تُسَلِّطۡ عَلَيۡنَا مَنۡ لَّا يَرۡحَمُنَا وَ زِدۡنَا

اسان جي علم جي انتها ۽ نہ مسلط ڪر اسان تي اهڙن ڪي جو اسان تي رحم نہ ڪن ۽ اسان ڪي وڌاءِ

وَ لَا تَنۡقُصۡنَا وَ اَكۡرِمۡنَا وَ لَا تُهِنَّا وَ اَعۡطِنَا وَ لَا تَحۡرِمۡنَا

۽ اسان کي نہ گهٽاءِ ۽ اسان کي عزت بخش ۽ اسان کي خوار نہ ڪر ۽ اسان کي عطا ڪر ۽ اسان کي محروم نہ فرماءِ

وَ آثِرۡنَا وَ لَا تُؤۡثِرۡ عَلَيۡنَا وَ اَرۡضِنَا وَ ارۡضَ عَنَّا.

۽ اسان کي اوليت ڏي ۽ اسان تي ٻين کي اوليت نہ ڏي ۽ اسان کي راضي بڻاءِ ۽ اسان کان راضي ٿي

اَللّٰهُمَّ طَهِّرۡ قُلُوۡبَنَا مِنَ النِّفَاقِ وَاَعۡمَالَنَا مِنَ الرِّيَاءِ وَ

اي الله ! اسان جون دليون پاڪ ڪر منافقت کان ۽ اسان جي عملن کي ڏيکاءَ کان ۽

اَلۡسِنَتَنَا مِنَ الۡكِذۡبِ وَعُيُوۡنَنَا مِنَ الۡخِيَانَةِ فَاِنَّكَ

اسان جي زبانن جي ڪوڙ کان ۽ اسان جي اکين کي خيانت کان، پوءِ بيشڪ تون

تَعۡلَمُ خَائِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِى الصُّدُوۡرُ. اَللّٰهُمَّ اِنَّا

ڄاڻين ٿو خيانتي اکين کي ۽ سينن جي لڪايل شين کي. اي الله ! اسان

نَسۡئَلُكَ وَ نَتَوَجَّهُ اِلَيۡكَ بِنَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ

توکان سوال ڪيون ٿا ۽ متوجہ ٿيون ٿا تنهنجي حضور تنهنجي نبي محمد ڪريم ﷺ جو

وَسَلَّمَ نَبِيِّ الرَّحۡمَةِ يَا مُحَمَّدُ اِنَّا تَوَجَّهۡنَا بِكَ اِلٰى رَبِّنَا

جيڪو رحمت وارو نبي آهي يا رسول الله ! اي اسان جا سردار محمد ڪريم !
اسان تنهنجو وسيلو پيش ڪيو آهي پنهنجي رب وٽ

لِيَقۡضِيَ لَنَا فِيۡ حَاجَاتِنَا هٰذِهٖ. اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعۡهُ فِيۡنَا يَا حَيُّ

جيئن اهو اسان جون هي ضرورتون پوريون ڪري. اي الله ! پوءِ ڪين اسان جو شافع بڻاءِ اي زنده

يَا قَيُّوْمُ يَا لَا اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنَّا كُنَّا مِنَ

بين کي قائم رکندڙ، اي جو ناهي معبود تو کان سواءِ کو بہ، تنهنجي پاڪائي آهي، بيشک اسان حد

الظَّالِمِيْنَ اَجِبْ دُعَاءَنَا بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ.

کان لنگهندڙ آهيون. اسان جي دعا قبول فرماءِ پنهنجي ٻاجھ سان اي سيني کان وڌيک ٻاجھ ڪندڙ !

اَلْحِزْبُ الرَّابِـعُ يَوْمَ الْاَحَدِ

چوٿون ورد آچر ڏينهن جو

اَللّٰهُمَّ وَ رَبِّ بِاسْمِكَ الَّذِيْ اِذَا دُعِيْتَ بِهٖ اَجَبْتَ وَاِذَا

اي الله ! اي منهنجا پالڻهار ! پنهنجي ان نالي جي وسيلي جنهن سان جڏهن به توکان دعا گهري ويندي آهي،

سُئِلْتَ بِهٖ اَعْطَيْتَ صَلِّ عَلٰی عَيْنِ عُيُوْنِ الْاَسْرَارِ وَ

ته تون قبول فرمائيندو آهين ۽ ان جي وسيلي سان جڏهن توکان سوال کيو ويندو آهي ته تون عطا ڪندو آهين، صلواة موڪل خاص الخاص رازن جي رازدار تي ۽

مَصْدَرِ جَمِيْعِ الْاَنْوَارِ وَ رُوْحِ مَرَاتِبِ الشُّهُوْدِ وَ قَلْبِ

سيني نورن جي ظهور جي جاءِ تي بار، شهورد جي سمورن مرتبن جي روح تي ۽

جَمِيْعِ الْمَوْجُوْدِ وَ خُلَاصَةِ حُرُوْفِ الْاَعْيَانِ وَ مَرْكَزِ

۽ سموري موجودات جي دل مٿان ۽ حروف اعيان جي خلاصي مٿان ۽

دَائِرَةِ الْاِمْكَانِ وَ مَحْرَمِ الْاَسْرَارِ الْغَيْبِيَّةِ وَ مُخْبِرِ

دائره امڪان جي مرڪز مٿان ۽ غيبي رازن جي رازدان مٿان ۽ يقيني خبرون

الْاَخْبَارِ اللَّارَيْبِيَّةِ وَ مَعْدَنِ الْفُيُوْضَاتِ الْاِلٰهِيَّةِ وَ

ٻڌائيندڙ مٿان ۽ خدائي فيوضات جي کاڻ مٿان ۽

مَظْهَرِ التَّجَلِّيَاتِ الْاَسْمَائِيَّةِ وَ مُقْتَبَسِ الْاَنْوَارِ

(خداوندي) نالن جي تجلين جي مظهر مٿان ۽ انوار قدسيه مان (نور) جي حاصل ڪرڻ

الْقُدْسِيَّةِ وَ مَشْرِقِ شَمْسِ الْاِنْسِيَّةِ سَيِّدِنَا وَ شَفِيْعِنَا

واري جاءِ مٿان ۽ محبت واري سج جي اڀرڻ واري جاءِ مٿان، اسان جي آقا ۽ اسان جي شافع

مُحَمَّد مُّهْدِيْنَا اِلَى الصَّوَابِ وَ مُفْضِيْنَا اِلَى التَّوَّابِ وَ

محمّد ﷺ مٿان، جيڪو اسان کي هدايت ڪندڙ آهي صحيح رستي جي طرف ۽ اسان کي پهچائيندڙ آهي توبہ قبول ڪندڙ جي بارگاهہ ۾ ۽ اسان

مُنْجِيْنَا فِيْ فَيَافِي الْقِيَامَةِ مِنَ الْعَذَابِ وَ ظَهِيْرِنَا يَوْمَ

کي نجات ڏياريندڙ آهي عذاب کان قيامت جي ميدانن ۾ ۽ اسان جي پشت پناهہ آهي

النَّدَامَةِ وَ شَفِيْعِنَا دَارَ الْمُقَامَةِ وَ الْمُتَوَّجِ بِتِيْجَانِ

شرمساري جي ڏينهن ۽ اسان جي شفاعت ڪندڙ آهي بهشت ۾ ۽ عزت واري تاج جو

الْكَرَامَةِ وَ الْمَعْرُوْفِ بِالشَّهَامَةِ صَلٰوةً تُكْرِمُ بِهَا

تاجدار آهي ۽ دانائي ۾ مشهور آهي. اهڙي صلواة جنهن سان تون عزت وارو ڪرين

مَثْوَاهُ وَ تُبَلِّغُنَا بِهَا اِلٰى مُنَاهُ وَ تَرْضٰى بِهَا مِنَّا وَ تُرَاضِيْهِ

سندس روضي اطهر کي ۽ جنهن سان تون اسان کي سندس مقصد تائين پهچائين ۽ ان سان تون اسان کان راضي ٿين ۽ ان سان پاڻ ڪريمن کي اسان کان راضي ڪرين

بِهَا عَنَّا وَ تُطَهِّرُ بِهَا قُلُوْبَنَا عَنْ كُلِّ وَ صْفٍ يُّبَاعِدُنَا

۽ اسان جون دليون ان سان پاڪ فرمائين هر ان وصف کان جيڪا اسان کي

عَنْ مُّشَاهَدَتِكَ وَ تُبَدِّلُ بِهَا عَلَيْنَا مِنْ كُنُوْزِ مُوَاهَبَتِكَ

تنهنجي ديدار کان هٽائي ۽ ان سان تون اسان تي پنهنجي عطا جا خزانا وهائين

وَ تَاْجُرُنَا بِهَا فِيْ مَصَائِبِنَا وَ تُخْلِفُ لَنَا بِهَا خَيْرًا مِّنْهَا وَ

۽ ان جي وسيلي سان اسان جي مصيبتن ۾ اجر عطا فرمائين ۽ انهيءَ سان اسان کي پلو ان جي پويان عطا فرمائين

تُضِيْئُ بِهَا مَذَاهِبَنَا وَ تُحَصِّلُ لَنَا بِهَا مُرَادَاتِنَا وَ

۽ ان سان اسانجي رستن کي روشن فرمائين ۽ جنهن سان اسان جا مقصد پورا فرمائين ۽

تُبَلِّغُنَا بِهَا حَاجَاتِنَا وَ تُعْطِيْنَا بِهَا بَرَاءَتَنَا وَ تَرْفَعُ لَنَا

جنهن سان اسان جون ضرورتون پوريون كرين ۽ جنهن سان اسان كي ڇوٽكارو عطا فرمائين ۽ جنهن

بِهَا دَرَجَاتِنَا وَ تَغْفِرُلَنَا بِهَا جَمِيْعَ سَيِّئَاتِنَا وَ تَرْحَمُ

سان اسان جا درجا بلند فرمائين ۽ جنهن سان اسان جا سڀ گناهه معاف فرمائين ۽ جنهن سان اسان

بِهَا مَحْيَانَا وَ مَمَاتَنَا آمِيْنَ. وَ سَلِّمْ كَذٰلِكَ رَبَّ

تي حياتي ۽ مماتي وارن رحم فرمائين، آمين! ۽ متن سلام موكل اهڙي صلواة وانگر اي جهانن جا

الْعَالَمِيْنَ. اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِوَجْهِكَ وَ بِمَا حَمَلَ

پالڻهار ! اي الله ! آءٌ توكان سوال كيان تو تنهنجي ذات جي وسيلي سان ۽ تنهنجو

عَرْشُكَ وَ كُرْسِيُّكَ مِنْ عَظَمَتِكَ وَ قُدْرَتِكَ وَ جَلَالِكَ وَ

عظمت، حسن، قدرت ۽ جلالت ۽ شهنشاهيت سان جنهن جو حامل آهي تنهنجو عرش ۽ تنهنجي كرسي ۽

بَهَائِكَ وَ سُلْطَانِكَ وَبِاسْمِكَ الْمَخْزُوْنِ الْمَكْنُوْنِ الَّذِيْ

تنهنجي حكومت جي وسيلي سان ۽ (سوال كيان تو) تنهنجي ان (پاڪ) نالي جي وسيلي سان جيكو

سَمَّيْتَ بِهٖ نَفْسَكَ وَ اَنْزَلْتَهٗ فِيْ كِتَابِكَ وَ آثَرْتَهٗ فِيْ عِلْمِ

محفوظ ۽ مخفي آهي، جيكو تون پنهنجو نالو ركيو آهي پنهنجي ذات تي ۽ ان كي تو نازل فرمايو پنهنجي كتاب ۾ يا

الْغَيْبِ عِنْدَكَ وَ لَمْ يَطَّلِعْ عَلَيْهِ اَحَدٌ مِّنْ خَلْقِكَ وَ

تون ان كي پسند فرمايو پنهنجي علم غيب ۾ ۽ تنهنجي مخلوق مان كو به ان تي اطلاع نه لهي سگهيو ۽

بِاسْمِكَ الَّذِيْ اِذَا دُعِيْتَ بِهٖ اَجَبْتَ وَ اِذَا سُئِلْتَ بِهٖ

تنهنجي ان نالي سان جنهن جي وسيلي سان جڏهن به توكان دعا گهري ويندي آهي
ته تون قبول فرمائيندو آهين ۽ ان جي وسيلي سان جڏهن توكان سوال كيو ويندو آهي ته

اَعْطَيْتَ وَ اَسْئَلُكَ بِاسْمِكَ الَّذِيْ وَضَعْتَهٗ عَلَى اللَّيْلِ

تون عطا فرمائيندو آهين ۽ توکان سوال کيان ٿو ان نالي جي وسيلي سان، جنهن کي تون رات تي

فَاَظْلَمَ وَ عَلَى النَّهَارِ فَاسْتَنَارَ وَ عَلَى السَّمٰوٰتِ فَاسْتَقَلَّتْ

رکيو ته اونداهي ٿي پئي ۽ ڏينهن تي رکيئي ته روشن ٿي پيو ۽ آسمانن تي رکيئي ته بلند ٿي پيا

وَ عَلَى الْاَرْضِ فَاسْتَقَرَّتْ وَ عَلَى الْجِبَالِ فَاَرْسَتْ وَ عَلَى

۽ زمين تي رکيئي ته قرار ورتائين ۽ جبلن تي رکيئي ته مضبوط ٿي پيا ۽

الصَّعْبَةِ فَذَلَّتْ وَ عَلَى السَّمَاءِ فَسَكَبَتْ وَ عَلَى الْبِحَارِ وَ

سخت زمين تي رکيئي ته نرم ٿي پئي ۽ آسمان جي پاڻي تي رکيئي ته پرنجي پيو ۽ دريائن ۽

الْاَوْدِيَةِ فَجَرَتْ وَ عَلَى الْعُيُوْنِ فَنَبَعَتْ وَ عَلَى السَّحَابِ

وادين تي رکيئي ته وهي هليا ۽ چشمن تي رکيئي ته بنيا ڏيڻ لڳا ۽ جهڙ تي رکيئي

فَاَمْطَرَتْ وَ اَسْئَلُكَ بِمَا سَئَلَكَ بِهٖ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ

ته وسڻ لڳو. ۽ توکان سوال کيان ٿو تنهنجن انهن اسمن سان ، جن جي
وسيلي سان توکان سوال کيو تنهنجي نبي محمّد ﷺ ۽ تو کان سوال کيان

سَلَّمَ نَبِيُّكَ وَ اَسْئَلُكَ بِمَا سَئَلَكَ بِهٖ آدَمُ نَبِيُّكَ وَ

ٿو انهن اسمن جي وسيلي سان جنهن جي وسيلي سان توکان سوال کيو تنهنجي نبي آدم (عليہ السلام)

اَسْئَلُكَ بِمَا سَئَلَكَ بِهٖ اَنْبِيَائُكَ وَ رُسُلُكَ وَ مَلَائِكَتُكَ

۽ توکان سوال کيان ٿو انهن نالن جي وسيلي سان ، جن جي وسيلي سان سوال کيو
توکان تنهنجي نبين ۽ تنهنجي رسولن ۽ تنهنجي مقرب ملائڪن

الْمُقَرَّبُوْنَ وَ اَسْئَلُكَ بِمَا سَئَلَكَ بِهٖ اَهْلُ طَاعَتِكَ

۽ توکان سوال کيان ٿو انهن نالن جي وسيلي سان، جن جي وسيلي توکان سوال کيو تنهنجي سيني

اَجۡمَعِيۡنَ وَ اَسۡئَلُكَ بِاَنۡبِيَائِكَ عَلَيۡهِمُ السَّلَامُ وَ اَسۡئَلُكَ

فرمانبردارن. ۽ توکان سوال کيان ٿو تنهنجي نبين عليهم السلام جي وسيلي سان ۽ توکان سوال

بِمُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ وَ اَسۡئَلُكَ بِحَمَلَةِ عَرۡشِكَ اَنۡ تُصَلِّيَ عَلٰى

کيان ٿو محمّد (ڪريم) عليه وسلم جي وسيلي سان ۽ توکان سوال کيان ٿو تنهنجي عرش جي کڻي بيهندڙن جي وسيلي سان ته صلواة موکل

حَاوِيۡ كُلِّيَّاتِ الۡاُصُوۡلِ وَ قَائِدِ رِكَابِ الۡقُفُوۡلِ اِلٰى ذِرۡوَةِ

ڪليات اصول جي جامع مٿان ۽ مقبوليت جي بلندي جي طرف هلندڙ قافلن جي اڳواڻ

الۡقُبُوۡلِ وَ عَيۡنِ الشُّهُوۡدِ وَ قَلۡبِ الۡمَوۡجُوۡدِ وَ مَطۡلَعِ الۡاَنۡوَارِ

مٿان ۽ عالم شهود جي خاص ۽ موجودات جي دل ۽ سيني نورن جي اڀرڻ جي جاءِ ، ۽ رازن جي

وَ مُقۡتَبَسِ الۡاَسۡرَارِ وَ كَهۡفِ الۡمَعَارِفِ وَ مَجۡمَعِ الۡمَشَارِفِ

حاصل ڪرڻ واري جاءِ ۽ معرفتن جي وسيع غار ۽ سين شرفن جي جامع ۽

وَ مَصۡدَرِ اللَّطَافَةِ وَ مَحۡتَدِ الظَّرَافَةِ وَ مُحۡرِزِ وَ صَبَاتِ

(خدائي) مهربانين جي مظهر ۽ دانائي جي اصل ۽ قبوليت جي اسبابن جو جامع

الۡقُبُوۡلِ مِنۡ بَيۡنِ اَظۡهَرِ جَمٍّ غَفِيۡرٍ الۡفُحُوۡلِ سَيِّدِنَا وَ

حفاظت ڪندڙ، جوانن جي هڪ تمام وڏي جماعت جي درميان اسان جي سردار ۽

مَوۡلَانَا وَ شَفِيۡعِنَا مُحَمَّدٍ حَبِيۡبِكَ الۡمُصۡطَفٰى خَيۡرِ الۡوَرٰى

اسان جي مددگار ، اسان جي شفاعت ڪرڻ واري تنهنجي حبيب محمّد مصطفيٰ عليه وسلم تي جيڪي مخلوقات ۾

مَرۡكَزِ عَالَمِ الۡوُجُوۡدِ سِرِّ الۡوَاجِدِ وَ الۡمَوۡجُوۡدِ الۡمَعۡرُوۡفِ

سين کان پيارا ، عالم وجود جي مرڪز، وجود بخشيندڙ ۽ موجودات جي راز ، جيڪي مشهور آهن بلند

بِالْمَنْزِلَةِ الْعُلْيَا الْمَخْصُوصِ بِقَابِ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى

مرتبي سان، قاب قوسين او ادنيٰ سان مخصوص آهن معرفت

شَخْصِ الْعِرْفَانِ وَ حَقِيْقَةِ الْاِيْمَانِ عَدَدَ السَّحَابِ

جي مڪمل وجود تي ۽ ايمان جي حقيقت مٿان آسمان ۽ زمين جي

الْجَارِيَةِ مَا بَيْنَ السَّمَاءِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا تَمْطُرُ مِنَ الْمِيَاهِ

درميان هلندڙ ڪڪرن جي شمار جيتري ۽ وسندڙ پاڻين جيتري

وَ عَدَدَ الرِّيَاحِ الْمُسَخَّرَاتِ فِيْ مَشَارِقِ الْاَرْضِ وَ

زمين جي اوڀرن ۽ اولهن ۾ هلايل هوائن جيتري

مَغَارِبِهَا وَ جَوْفِهَا وَ قِبْلَتِهَا وَ عَدَدَ نُجُوْمِ السَّمَاءِ وَ

۽ زمين جي خلا ۾ ۽ ان جي قبلہ ۾ ۽ آسمان جي ستارن جيتري ۽

مَثَاقِيْلِهَا وَ عَدَدَ مَا خَلَقْتَ فِيْ بِحَارِكَ مِنَ الْحِيْتَانِ وَ

ان جي وزن جيتري ۽ جيتريون پيدا ڪيون تو اي الله! سمنڊن ۾ مڇيون ۽

الدَّوَابِّ وَ الْمِيَاهِ الْعَذْبَةِ وَ الْمِلْحَةِ وَ الرِّمَالِ وَ الْحِصٰى وَ

جاندار ۽ مٺا ۽ کارا پاڻي جيتري واري ۽ پٿرين جيتري ۽

غَيْرِ ذٰلِكَ وَ عَدَدَ النَّبَاتِ وَ نَبْتِهَا وَ نُمُوِّهَا وَ عَدَدَ النَّمْلِ وَ

ان کان سواءِ ساوڪ ۽ ان جي ڄمڻ ۽ وڌڻ جيتري ۽ ڪولن ۽ ان

اَجْزَائِهَا وَ عَدَدَ نِعَمِكَ وَ عَدَدَ نِقَمِكَ وَ عَدَدَ عَذَابِكَ عَلٰى

جي جزن جيتري ۽ تنهنجي نعمتن جي شمار جيتري ۽ تنهنجي ناراضگين جي شمار جيتري ۽

مَنْ كَفَرَ بِمُحَمَّدٍ عَلَيْهِ مِنَ الصَّلٰوةِ اَتَمُّهَا وَ مِنَ التَّحِيَّاتِ

محمّد صلی اللہ علیہ وسلم جي منڪرن تي تنهنجي عذاب ڪرڻ جيتري مثن صلواة هجي ڪامل ترين ۽

اَعَمُّهَا وَ عَدَدَ مَا دَامَتِ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةُ وَ عَدَدَ مَا دَامَتِ

تحفن مان شامل ترين ۽ دنيا ۽ آخرت جي رهڻ جي شمار جيتري (صلواة) ۽ جيترو وقت

الْخَلَائِقُ فِي الْجَنَّةِ وَ مَا دَامَتِ الْخَلَائِقُ فِي النَّارِ وَ عَدَدَ

مخلوق بهشت ۾ رهي ۽ جيترو وقت مخلوق دوزخ ۾ رهي ۽ پنهنجي پيارن

مَنْ تُحِبُّهٗ وَ تُرْضِيْهِ وَ عَدَدَ اَعْمَالِ الْخَلَائِقِ وَ اَنْفَاسِهِمْ

۽ پسند وارن جي عدد جيتري ۽ مخلوق جي عملن ۽ ان جي ساهن ۽

وَ اَلْحَاظِهِمْ وَ حَرَكَاتِهِمْ وَ سَكَنَاتِهِمْ وَ كُمُوْنِهِمْ وَ

ان جي گهڙين ۽ انهن جي چرپر ۽ انهن جي ماٺ ڪرڻ ۽ انهن جي لڪڻ ۽ انهن جي ظاهر

بُرُوْزِهِمْ وَ عَدَدَ حَيٰوتِهِمْ وَ مَمَاتِهِمْ وَ عَدَدًا يُّرْضِيْكَ وَ

ٿيڻ جي شمار جيتري ۽ انهن جي جيئرن ۽ مئلن جي شمار جيتري ۽ ايترو شمار جو توکي راضي ڪري

تُرْضِيْهِ وَتَرْضٰى بِهَا عَنَّا صَلٰوةً تَمْنَحُنَا بِهَا خَيْرَ الدُّعَاءِ

۽ پاڻ ڪريمن کي راضي ڪرين تون ۽ راضي ٿين تون ان سان اسان کان ، اهڙي
صلواة موڪل جو ان جي وسيلي سان اسان کي عطا فرمائين بهترين دعا

وَ خَيْرَ النَّجَاحِ وَ خَيْرَ الْعَمَلِ وَ خَيْرَ الثَّوَابِ وَ خَيْرَ الْحَيٰوةِ

۽ بهترين ڪاميابي ۽ بهترين عمل ۽ بهترين ثواب ۽ يلي حياتي

وَ خَيْرَ الْمَمَاتِ وَ تُثَبِّتُنَا بِهَا فِيْ دِيْنِنَا وَ تُثَقِّلُ بِهَا

۽ يلو موت ۽ ثابت قدمي ڏي ان جي وسيلي سان اسان کي اسان جي دين ۾ ۽ ڳرو بڻائين ان سان

مَوَازِيْنَنَا وَ تُحَقِّقُ بِهَا اِيْمَانَنَا وَ تَرْفَعُ بِهَا دَرَجَاتِنَا وَ

اسان جي پلن عملن وارن پڙن کي ۽ ان جي مهابي پختو ڪرين اسان جي ايمان
کي ۽ بلند ڪرين ان جي وسيلي سان اسان جي درجن کي ۽

تَقْبَلُ بِهَا صَلَوَاتِنَا وَ تَغْفِرُ بِهَا ذُنُوْبَنَا وَ خَطِيَّاتِنَا وَ

قبول ڪرين ان جي وسيلي سان اسان جون نمازون ۽ ان جي وسيلي سان
اسان کي اسان جي گناهن ۽ خطائن جي معافي ڏين تو ۽

تَرْفَعُ بِهَا ذِكْرَنَا وَ تَضَعُ بِهَا اَوْزَارَنَا وَ تُصْلِحُ لَنَا بِهَا

ان جي وسيلي سان اسان جو مان مٿانهون ڪرين ۽ ان جي وسيلي سان اسان جا بار لاهين ۽ ان جي وسيلي

اُمُوْرَنَا وَ تُطَهِّرُ بِهَا قُلُوْبَنَا وَ تُنَوِّرُ بِهَا فُؤَادَنَا وَ تُحْصِنُ

سان اسان جي معاملات کي درست فرمائين ۽ ان جي وسيلي سان اسان جون دليون پاڪ
فرمائين ۽ ان جي وسيلي سان اسان جون دليون روشن فرمائين ۽ ان جي وسيلي سان

بِهَا فُرُوْجَنَا وَ تُبَارِكُ لَنَا بِهَا فِيْ اَسْمَاعِنَا وَ اَبْصَارِنَا وَ

اسان جون اگهڙون محفوظ فرمائين ۽ ان جي وسيلي سان برڪت فرمائين اسان جي ڪنن ۽ اسان جي اکين ۽

اَرْوَاحِنَا وَ خَلْقِنَا وَ اَهْلِنَا وَ اَمْوَالِنَا وَ اَعْمَالِنَا وَ تُعْطِيْنَا

اسان جي روحن ۽ اسان جي سونهن ۽ اسان جي عيال ۽ اسان جي مال ۽ اسان جي عملن ۾.

بِهَا الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى مِنَ الْجَنَّةِ آمِيْنَ. وَ تُبَارِكُ لَنَا فِيْ

۽ ان جي وسيلي سان عطا فرمائين اسان کي بلند درجا بهشت ۾ آمين. ۽ برڪت فرمائين اسان جي لاءِ

دِيْنِنَا الَّذِيْ هُوَ عِصْمَةُ اُمُوْرِنَا وَ فِيْ آخِرَتِنَا الَّتِيْ اِلَيْهَا

ان جي وسيلي سان اسان جي دين ۾ جيڪو اسان جي سڀني ڪمن مان سڀ کان اهم آهي.
۽ برڪت ڏي اسان جي آخرت ۾ جنهن ڏانهن اسان جي واپسي آهي

مَصِيْرُنَا وَ فِيْ دُنْيَانَا الَّتِيْ فِيْهَا بَلَاغُنَا وَ تَجْعَلُ بِهَا

۽ برڪت ڏين تون اسان جي دنيا ۾ جنهن ۾ اسان جو گذران آهي ۽ بنائين ان جي وسيلي سان

الْحَيٰوةَ زِيَادَةً لَّنَا فِيْ كُلِّ خَيْرٍ وَّ الْمَوْتَ رَاحَةً لَّنَا مِنْ كُلِّ

حياتي کي هر ڀلائي ۾ زيادتي جو سبب ۽ بنائين تون موت کي آرام اسان جي لاءِ هر برائي کان

شَرٍّ وَّ تَجْعَلُنَا بِهَا فِيْ عُيُوْنِنَا صَغِيْرًا وَّ فِيْ اَعْيُنِ النَّاسِ

۽ بنائين اسان کي ان جي وسيلي سان اسان جي نظرن ۾ ننڍو ۽ ماڻهن جي نگاهن ۾ وڏو

كَبِيْرًا وَّ تَسْتَعْمِلُنَا بِهَا فِي الطَّيِّبَاتِ وَ فِعْلِ الْخَيْرَاتِ

۽ ڪراءِ اسان کان ان جي وسيلي سان پاڪيزه ڪم ۽ چڱائي جا ڪم

وَتَرْكِ الْمُنْكَرَاتِ، وَحُبِّ الْمَسَاكِيْنِ وَ تَتُوْبُ بِهَا عَلَيْنَا

۽ ڇڏراءِ اسان کان برا ڪم ۽ عنايت ڪر مسڪينن جي محبت ۽ رحمت سان رجوع فرماءِ اسان تي

وَ تَعْفُوْ بِهَا عَنَّا وَ تُعْطِيْنَا بِهَا الْعَفْوَ وَ الْعَافِيَةَ فِي الدِّيْنِ

ان جي وسيلي سان اسان کي ۽ معافي ۽ عافيت ڏين تون ۽ عنايت ڪر اسان تي ان جي وسيلي سان معافي ۽ سلامتي دين

وَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ تَرْزُقُنَا بِهَا رِزْقًا حَلَالًا طَيِّبًا

۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ روزي ڏين تون اسان کي ان جي وسيلي سان حلال پاڪيزه روزي،

مُّبَارَكًا فِيْهِ وَ تَقْضِيْ لَنَا بِهَا جَمِيْعَ حَاجَاتِنَا وَ مُهِمَّاتِنَا

جنهن ۾ برڪت هجي ۽ پوريون فرمائين ان جي وسيلي سان اسان جون سڀ ضرورتون ۽ سڀ مقصد

اٰمِيْنَ. وَ سَلِّمْ عَلَيْهِ مِثْلَ ذٰلِكَ رَبَّ الْعَالَمِيْنَ يَا مَنْ

آمين. ۽ سلام موڪل مٿن ان جي مثل اي جهانن جا پالڻهار ! اي اها ذات جنهن

اَظْهَرَ الْجَمِيلَ وَسَتَرَ الْقَبِيحَ وَ يَا مَنْ لَّمْ يُؤَاخِذْ

خوبي کي ظاهر ڪيو ۽ عيب کي ڍڪيو. اي اها ذات جو گناهن تي پڪڙ نہ تو ڪري

بِالْجَرِيْرَةِ وَلَا يَهْتِكُ السِّتْرَ يَا عَظِيمَ الْمَغْفِرَةِ وَيَا

۽ نہ وري پردو چاڪ ڪري ٿو. اي بيحد بخشيندڙ، اي

بَاسِطَ الْيَدَيْنِ بِالرَّحْمَةِ وَيَا صَاحِبَ كُلِّ نَجْوٰى وَ يَا

رحمت واري هٿن کي کولي رکندڙ، اي هر لڪل ڳالهہ کي ڄاڻڻ وارا، اي

مُنْتَهٰى كُلِّ شَكْوٰى يَا كَرِيمَ الصَّفْحِ يَا عَظِيمَ الْمَنِّ يَا

هر تڪليف کي ختم ڪندڙ ، اي بهترين درگذر فرمائڻ وارا، اي شاندار احسان وارا

مُبْتَدِئَ النِّعَمِ قَبْلَ اسْتِحْقَاقِهَا يَا رَبَّنَا وَيَا سَيِّدَنَا يَا

۽ استحقاق کان اڳ ئي نعمتن کي جاري ڪرڻ وارا، اي اسان جا پالڻهار، اي اسان جا مالڪ

مَوْلَانَا يَا غَايَةَ رَغْبَتِنَا اَسْئَلُكَ بِوَجْهِ حَبِيْبِكَ

اي اسان جا مددگار اي اسان جي رغبت جا مقصود! تو کان سوال ڪريان ٿو تنهنجي حبيب جي چهري جي

يَا اللهُ اَنْ لَّا تَشْوِيَ خَلْقِي بِالنَّارِ تَمَّ نُوْرُكَ

وسيلي سان اي الله ! تون منهنجي جسم کي جهنم جي باهہ ۾ نہ ساڙ، تنهنجو نور ڪامل آهي

فَهَدَيْتَ فَلَكَ الْحَمْدُ عَظُمَ حِلْمُكَ فَعَفَوْتَ فَلَكَ الْحَمْدُ

پوءِ تون هدايت ڏني آهي، پوءِ تنهنجي ئي ساراهہ آهي، تنهنجو حلم ڪيڏو نہ عظيم آهي، پوءِ تون معاف ڪيو آهي، پوءِ تنهنجي ئي ساراهہ آهي،

بَسَطْتَّ يَدَكَ فَاَعْطَيْتَ فَلَكَ الْحَمْدُ

پوءِ تو پنهنجو هٿ ڪشادو فرمايو آهي، پوءِ تو عطا فرمائي آهي، تنهنجي ئي ساراهہ آهي.

رَبَّنَا وَجْهُكَ اَكْرَمُ الْوُجُوْهِ وَجَاهُكَ اَعْظَمُ الْجَاهِ

اي اسان جا پالڻهار ! تنهنجي ذات سيني ذاتين کان زور عزت واري آهي ۽ تنهنجو شان سيني شانن

وَعَطِيَّتُكَ اَفْضَلُ الْعَطِيَّةِ وَاَهْنَاهَا تُطَاعُ رَبَّنَا فَتَشْكُرُ وَ

کان وڌو آهي ۽ تنهنجي عطا سين عطائن کان افضل ۽ بابرکت آهي، تنهنجي فرمانبرداري ڪجي ٿي

تُعْصىٰ رَبَّنَا فَتَغْفِرُ وَ تُجِيْبُ الْمُضْطَرَّ وَ تَكْشِفُ الضُّرَّ وَ

اي اسان جا پالڻهار تہ قبول فرمائين ٿو ۽ تنهنجي نافرماني ڪئي وڃي ٿي، اي اسان جا پالڻهار ! تہ بہ بخشين ٿو ۽ پريشان حال جي دعا قبول فرمائين ٿو ۽ تڪليفون هٽائين ٿو ۽

تَشْفِي السَّقِيْمَ وَ تَغْفِرُ الذَّنْبَ وَ تَقْبَلُ التَّوْبَةَ وَلَا

بيمارن کي شفا ڏين ٿو ۽ گناهہ بخشين ٿو ۽ توبہ قبول ڪرين ٿو ۽ تنهنجي

يَجْزِيْ بِاٰلَائِكَ اَحَدٌ وَّ لَا يَبْلُغُ مَدْحَتَكَ قَوْلُ قَائِلٍ.

نعمتن جو ڪوئي بدلو نہ ٿو ڏئي سگهي ۽ تنهنجي تعريف کي ڪنهن جو بہ قول نہ ٿو پهچي سگهي.

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ ظُلْمَنَا وَ هَزْلَنَا وَ جِدَّنَا وَ

اي الله ! بخش اسان کي اسان جا گناهہ ۽ اسان جو ظلم ۽ اسان جو يوڳ ۽

خَطَانَا وَ عَمَدَنَا وَكُلَّ ذَالِكَ. اَللّٰهُمَّ لَقِّنِيْ حُجَّةَ الْاِيْمَانِ

اسان جو واقعي کيل ۽ اسان جي ڀل ۽ اسان جا ڄاڻي ٻجهي کيل ڪم ۽ اهي سڀ شيون. اي الله ! مون کي عطا فرمائج ايمان جو دليل

عِنْدَ الْمَوْتِ رَبِّ بِوَجْهِكَ وَ وَجْهِ حَبِيْبِكَ.

موت جي وقت، اي پالڻهار ! پنهنجي ذات جي طفيل ۽ پنهنجي حبيب جي ذات جي طفيل

اِغْفِرْ لِعَبْدِكَ الرَّاجِيْ رَحْمَتَكَ وَ عَفْوَكَ فُلَانٍ

بخش پنهنجي ٻانهي کي جيڪو تنهنجي رحمت ۽ تنهنجي معافي جو اميدوار آهي

ابْنِ فُلَانٍ (پڙهڻ وارو پنهنجي والد سميت نالو وٺي) وَّ لِوَالِدَيْهِ

(پڙهڻ وارو پنهنجي والد سميت نالو وٺي) ۽ ان جي والدين كي

وَ اَجْدَادِهٖ وَ جَدَّاتِهٖ وَ اَوْلَادِهٖ وَ اَقْرِبَائِهٖ وَ مَشَائِخِهٖ

۽ ان جي ڏاڏن نانن كي ۽ ان جي ڏاڏين نانين كي ۽ ان جي لولاد كي ۽ مائٽن كي ۽ ان جي مرشدن ۽ استادن

وَ مُحِبِّيْهِ وَ لِجَمِيْعِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنَاتِ وَ الْمُسْلِمِيْنَ

۽ ان جي دوستن ۽ سيني مؤمن مردن كي ۽ مؤمن عورتن كي ۽ مسلمان مردن

وَ الْمُسْلِمَاتِ الْاَحْيَاءِ مِنْهُمْ وَ الْاَمْوَاتِ اِنَّكَ

۽ مسلمان عورتن كي، ان مان جيئرن ۽ مئلن كي، بيشڪ تون

مُجِيْبُ الدَّعْوَاتِ وَ قَاضِيَ الْحَاجَاتِ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ

دعائون قبول فرمائيندڙ آهين ۽ ضرورتون پوريون كندڙ آهين. اي زنده، اي سيني كي قائم ركندڙ !

بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ.

تنهنجي رحمت جي وسيلي سان فرياد كيان ٿو اي سيني كان وڌيڪ رحم فرمائيندڙ !

اَلْحِزْبُ الْخَامِسُ يَوْمَ الْاِثْنَيْنِ

پنجون ورد سومر جي ڏينهن جو

اَللّٰهُمَّ بِكَلِمَاتِكَ التَّامَّاتِ وَ كُتُبِكَ الْمُنْزَلَاتِ وَ بِمَنْ

اي الله ! پنهنجي ڪامل ڪلمن جي وسيلي سان پنهنجي نازل ڪيل ڪتابن جي وسيلي سان ۽ انهن هستين جي

اَكْرَمْتَهُ مِنَ الْعَلْوِيَّاتِ وَ السُّفْلِيَّاتِ وَ جَمِيْعِ الْمَوْجُوْدَاتِ

وسيلي سان جن کي تون عزت ڏني آسمانن تي ۽ زمين تي رهندڙن مان ۽ سموري موجود مخلوقات مان

اِمْطِرْ وَابِلَ اَفْضَلِ صَلَوَاتِكَ وَ اَكْمَلِ تَحِيَّاتِكَ عَلٰى

وساءِ وڏڦڙو مينهن پنهنجي بهترين صلواتن جو ۽ ڪامل ترين تحفن جو

شَجَرَةِ الْيَقِيْنِ وَ اَصْلِ الرَّيْحَانِ وَ الْيَاسِمِيْنِ وَ مُزَيِّنِ

يقين جي وڻ جي مٿان ۽ خوشبوئن ۽ ياسمين جي بنياد ۽

رَوْضَةِ الْعَالَمِيْنَ وَ زِيْنَةِ دَوْحَةِ الْمَوْجُوْدِيْنَ وَ مُعَطِّرِ

جهانن جي باغيچي کي سينگاريندڙ ۽ موجودات جي خوشين جي سونهن ۽

مَشَامِ الْعَاشِقِيْنَ وَ زَائِدِ حُسْنِ الْمَحْبُوْبِيْنَ بَلْ عَلٰى

عاشقن جي دماغ کي معطر فرمائيندڙ ۽ سيني محبوبن کان وڌ سونهن واري مٿان بلڪ

شَجَرَةِ طُوْبَى الْقُدْسِيَّةِ اَلْبَلَدِ الطَّيِّبِ الْقُدْسِيَّةِ مُحَمَّدٍ

پاڪيزه وڻ طوبيٰ جي مٿان، قدسي پاڪيزه شهر مٿان (يعني) محمد (ڪريم) ﷺ

عَبْدِكَ وَ رَسُوْلِكَ الْفَاتِحِ لِمَا سَبَقَ وَ الْمُعْلِنِ الْحَقَّ بِالْحَقِّ

پنهنجي ٻانهي ۽ پنهنجي رسول مٿان جيڪي گذريل رازن کي کوليندڙ ۽ حق کي سچ سان ظاهر ڪندڙ

وَ الدَّامِغِ لِجَيْشَاتِ الْاَبَاطِيْلِ وَ هَادِيْنَا اِلَى السَّلْسَبِيْلِ

۽ باطل جي لشڪرن کي شڪست ڏيندڙ ۽ اسان کي سلسبيل جي رهنمائي فرمائيندڙ ۽

وَ اَبْهَجِ مُوْضِحَاتِ الْاَعْلَامِ وَ نَائِرَاتِ الْاَحْكَامِ وَ مُنِيْرَاتِ

(ان مٿان) جنهن زينت بخشي الله جي روشن نشانين کي ۽ روشن حڪمن کي ۽ اسلام جي

الْاِسْلَامِ وَ اَمِيْنِكَ الْمَامُوْنِ وَ خَازِنِ عِلْمِكَ الْمَخْزُوْنِ

روشن ڪندڙ (دليلن) کي ۽ پنهنجي امين محفوظ ڪيل تي ۽ پنهنجي پوشيده علم جي خازن مٿان

مَطَرًا تُرْوِيْهِ بِهٖ وَ تُرْوِيْنَا بِرَشْفِ زُلَالِهٖ تَدُوْرُ عَلَيْنَا مِنْ كَاسِ

اهڙو مينهن جنهن سان ڪين سيراب فرمائين ۽ اسان جي اڄ لاهين، سندن بچيل اوير سان ڦرندا رهن اسان

نَوَالِهٖ وَ تَسْتَعْمِلُنَا بِهٖ فِيْ اِحْيَاءِ جَمِيْعِ اَفْعَالِهٖ وَ تُوْصِفُنَا بِهٖ

مٿان سندن عطا جا جام ۽ توفيق ڏي اسان کي ان جي وسيلي سان سندن جي سڀن ڪمن (سنتن) کي زنده ڪرڻ

بِحُسْنِ اَحْوَالِهٖ وَ تُقَرِّبُ بِهٖ عُيُوْنَنَا فِي الْجَنَّاتِ بِجَمَالِهٖ

۾ ۽ سيڱار اسان کي ان جي وسيلي سان سندن جي سهڻي ڪردار سان ۽ تون ٺارين ان

جي وسيلي سان اسان جون اکيون بهشت ۾ سندن جي جمال (جي پسڻ) سان

عَدَدَ مَعْلُوْمَاتِكَ وَ ذَرَّاتِ جَمِيْعِ مَخْلُوْقَاتِكَ وَ كُلُّ ذٰلِكَ

پنهنجي معلومات جيتري ۽ پنهنجي سموري مخلوقات جي ذرن جيتري ۽ اهي سڀ

مَضْرُوْبٌ فِيْ نَفْسِهَا فِيْ كُلِّ لَمْحَةٍ اِلٰى يَوْمِ الْجَزَاءِ وَ سَلِّمْ

ضرب ڏنل هجن پاڻ ۾ هر گهڙي ۾ قيامت تائين ۽ سلام به ايترا ئي

كَذَالِكَ رَبَّ الْعَالَمِيْنَ. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى اَكْرَمِ خَلْقِكَ وَ

موڪل اي جهانن جا پالڻهار ! اي الله ! صلواة موڪل پنهنجي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ عزت واري

سِرَاجِ اُفُقِكَ وَ اَقْطَارِكَ وَ بِلَادِكَ وَ اَشْرَفِ الْمُنَادِيْنَ

مٿان ۽ ان تي جيڪو تنهنجي آسمان جي سيني ڪنارن ۽ تنهنجي ملڪن ۽ تنهنجي شهرن جو سج آهي

لِطُرُقِ رَشَادِكَ وَاَفْضَلِ قَائِمٍ بِحَقِّكَ وَ نَبِيِّ الْحُكْمِ وَ

۽ جيڪو تنهنجي هدايت واري رستن ڏانهن سڏيندڙن ۾ سڀ کان اشرف آهي
۽ انهن ۾ افضل جيڪي تنهنجي دين تي قائم آهن ۽ حڪم ۽

الْحِكْمَةِ سَيِّدِنَا وَ شَفِيْعِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ اَفْضَلِ

حڪمت واري نبي تي اسان جي سردار ۽ اسان جي شفاعت ڪندڙ ۽ اسان جي آقا محمد ﷺ تي، جيڪو

مَمْدُوْحٍ بِقَوْلِكَ وَاَشْرَفِ دَاعٍ لِّلْاِعْتِصَامِ بِحَبْلِكَ

ساراهيلن ۾ بزرگ ترين هستي آهي تنهنجي فرمان سان ۽ تنهنجي دين ڏانهن سڏيندڙن ۾ وڏي شان

السِّرَاجِ الْوَهَّاجِ الْمَخْصُوْصِ بِالْخُلُقِ الْعَظِيْمِ وَ

وارو آهي روشن سج خلق عظيم جي خاصيت وارو ۽ وڏي

الْفَضْلِ الْجَسِيْمِ وَ خَاتَمِ السُّفَرَاءِ وَ زِيْنَةِ الْاَنْبِيَاءِ

فضل جي خاصيت وارو (الله ۽ سندس مخلوق جي درميان) سفيرن جي پڇاڙي ۽ نبين جي سينگار مٿان

صَلٰوةً تُبَلِّغُنَا بِهَا فِي الدَّارَيْنِ عَمِيْمَ فَضْلِكَ وَكَرَامَةِ

اهڙي صلواة جو تون پهچائين ان جي وسيلي سان اسان تي پنهنجي عام مهرباني ۽ پنهنجي رضا

رِضْوَانِكَ وَوَصْلِكَ وَ تَغْفِرُ لَنَا وَلِوَالِدِيْنَا هَزْلَنَا وَ جِدَّنَا

واري عزت ۽ پنهنجي وصال جي نعمت ۽ معاف فرماء اسان کي ۽ اسان جي والدين کي اسان جي يوڳ

وَ خَطِيْئَاتِنَا وَ عَمْدَنَا وَ جَهْلَنَا وَ اِسْرَافَنَا فِيْ اَمْرِنَا وَ

۽ اسان جي سچ ۽ اسان جي غلطي ۾ ڪيل گناهن ۽ ڄاڻي واڻي ڪيل گناهن ۽
اسان جي جهالت کي ۽ اسان جي زيادتي اسان جي ڪمن ۾ (معاف فرماء) ۽

تَرْحَمُنَا وَ تَتُوبُ عَلَيْنَا وَ تُعَافِيْنَا مِنْ جَمِيْعِ الْبَلَاءِ وَ

اسان تي رحم فرماءِ ۽ اسان جي توبهہ قبول فرماءِ ۽ اسان کي عافيت ڏي سين بلائن ۽

الْبَلْوَاءِ الْخَارِجِ مِنَ الْاَرْضِ وَ النَّازِلِ مِنَ السَّمَاءِ وَ

آفتن کان جيکي زمين مان نکرن ۽ آسمان مان نازل تين تيون ۽

تَغْفِرُ بِهَا جَمِيْعَ الْمُسْلِمِيْنَ وَ الْمُسْلِمَاتِ الْاَحْيَاءِ مِنْهُمْ

ان جي وسيلي بخش سيني مسلمان مردن کي ۽ مسلمان عورتن کي جيکي جيئرا آهن انهن مان

وَ الْاَمْوَاتِ وَ تَحْفَظُنَا بِهَا مِنْ فِتْنَةِ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ

۽ جيکي وصال کري ويا آهن ۽ حفاظت فرماءِ اسان جي ان جي وسيلي سان دنيا ۽ آخرت جي فتنن کان

مِنْ شَرِّ مَا فِيْهَا وَ مِنْ شَرِّ مَا تَعْلَمُ وَ مِنْ شَرِّ مَا لَمْ

۽ جيکي انهي ۾ آهي ان جي شر کان ۽ جيکي تنهنجي علم ۾ آهي ۽ ان جي شر کان جنهن جو

نَعْلَمُ وَ مِنْ شَرِّ مَا نَعْلَمُ وَ مِنْ شَرِّ مَا اسْتَعَاذَ مِنْهُ

اسان کي علم نہ آهي ۽ ان جي شر کان جنهن جو اسان کي علم آهي ۽ ان جي شر کان، جنهن کان تنهنجي حبيب

حَبِيْبُكَ وَ تُعْطِيْنَا بِهَا مِنْ خَيْرِ مَا سَئَلَكَ مِنْهُ نَبِيُّكَ

پناهہ گهري آهي ۽ عطا کر اسان کي ان جي وسيلي سان هر اها ڀلائي، جنهن جو تو کان سوال کيو آهي

مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ سَلَّمَ وَ تُعِيْذُنَا بِهَا (مِنْ) زَوَالِ

تنهنجي نبي محمد عليه ﷺ ۽ پناهہ ڏي اسان کي ان جي وسيلي سان پنهنجي نعمتن جي

نِعْمَتِكَ وَ تَحَوُّلِ عَافِيَتِكَ وَ فُجَاءَةِ نِقْمَتِكَ وَ جَمِيْعِ

ڦرجي وڃڻ کان ۽ سلامتي جي ڪسجي وڃڻ کان ۽ پناهہ ڏي اسان کي پنهنجي اوچتي پڪڙ کان ۽

سَخَطِكَ وَ مِنْ جَارِ السُّوْءِ فِيْ دَارِ الْمُقَامَةِ وَ شَمَاتَةِ

پنهنجي سيني ڏمرن کان ۽ بري پاڙيسري کان رهائش واري جڳهہ ۾ ۽ دنيا ۽ آخرت ۾

الْاَعْدَاءِ فِي الدُّنْيَا وَ يَوْمَ النَّدَامَةِ وَ تُثَبِّتُ بِهَا قُلُوْبَنَا

دشمنن جي خوش ٿيڻ کان ۽ ان جي وسيلي سان اسان جي دلين کي مضبوط فرماءِ

عَلٰى دِيْنِكَ وَ عَلٰى طَاعَتِكَ حَتّٰى نَلْقَاكَ وَ تَمْنَحُنَا بِهَا

پنهنجي دين تي ۽ پنهنجي فرمانبرداري تي ايستائين جو تو سان اچي ملون ۽ عطا فرماءِ اسان کي ان جي

اِيْمَانًا لَّا يَرْتَدُّ وَ نَعِيْمًا لَّا يَنْفَدُ وَ مُرَافَقَةَ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ

وسيلي سان مضبوط ايمان ۽ اڻ کٽ نعمتون ۽ اسان جي نبي محمد ﷺ

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ سَلَّمَ فِيْ اَعْلٰى دَرَجَةِ الْجَنَّةِ جَنَّةِ الْخُلْدِ

جي رفاقت بهشت جي بلند ترين درجن ۾ جيڪو هميشہ وارو بهشت آهي.

صَلٰوةً عَدَدَ عِلْمِكَ وَ عَدَدَ حِلْمِكَ وَ عَدَدَ كَلِمَاتِكَ وَ عَدَدَ

صلواة شريف تنهنجي علم جيتري ۽ تنهنجي بردباري جيتري ۽ تنهنجي ڪلمن جيتري ۽

نِعْمَتِكَ وَ عَدَدَ فَضْلِكَ وَ عَدَدَ جُوْدِكَ وَ عَدَدَ سَمٰوٰتِكَ وَ

تنهنجي نعمتن جيتري ۽ تنهنجي فضل جيتري ۽ تنهنجي سخا جيتري ۽ تنهنجي آسمانن جيتري ۽

عَدَدَ اَرْضِكَ وَ عَدَدَ مَا خَلَقْتَ فِيْ سَبْعِ سَمٰوٰتِكَ مِنْ

تنهنجي زمين جيتري ۽ جيترا ملائڪ تون پيدا فرمايا پنهنجن ستن آسمانن

مَّلَائِكَتِكَ وَ عَدَدَ مَا خَلَقْتَ فِيْ اَرْضِكَ مِنَ الْجِنِّ وَ

۾ ۽ جيترا جن ۽ انسان تون پيدا فرمايا پنهنجي ڌرتيءَ ۾

الْاِنْسِ وَ غَيْرِهِمَا مِنَ الْوَحْشِ وَ عَدَدَ مَا جرىٰ بِهِ الْقَلَمُ

۽ انهن ٻنهي کان علاوه ٻيا جيترا جانور آهن ۽ جيترا پيرا هليو قلم

فِيْ عِلْمِ غَيْبِكَ وَ مَا يَجْرِيْ بِهِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَ عَدَدَ

تنهنجي مخفي علم ۾ ۽ جيترا پيرا هلندو قيامت تائين ۽ قطرن ۽ مينهن جيتري

الْقَطْرِ وَ الْمَطَرِ وَ عَدَدَ مَنْ يَّحْمَدُكَ وَ يَشْكُرُكَ وَ يُهَلِّلُكَ

۽ انهن جيتري جيڪي تنهنجي ساراهه ڪن ٿا ۽ تنهنجو شڪر ادا ڪن ٿا ۽ تنهنجو ذڪر ڪن ٿا

وَ يُمَجِّدُكَ وَ يَشْهَدُ اَنَّكَ اَنْتَ اللهُ وَ عَدَدَ مَا صَلَّيْتَ

۽ تنهنجي عظمت بيان ڪن ٿا ۽ شاهدي ڏين ٿا تہ بيشڪ تون ئي الله آهين ۽ ايتري صلواة جيتري تون پاڻ

عَلَيْهِ اَنْتَ وَ مَلَائِكَتُكَ وَ عَدَدَ مَنْ صَلّٰى عَلَيْهِ مِنْ خَلْقِكَ

موڪلي آهي سندن مٿان تو ۽ تنهنجي ملائڪن ۽ ايتري اندازي برابر جيتري صلواة موڪلي آهي

وَ عَدَدَ مَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَيْهِ مِنْ خَلْقِكَ وَ عَدَدَ الْجِبَالِ وَ

سندن مٿان تنهنجي مخلوق ۽ ايتري اندازي برابر جيتري صلواة نہ موڪلي آهي سندن مٿان تنهنجي مخلوق مان ۽ جبلن ۽

الرِّمَالِ وَ الْحِصىٰ وَ عَدَدَ مَا خَلَقْتَ مِنْ فَوْقِ فَلَكِ الْاَفْلَاكِ

واري جي ذرن ۽ پٿرين جي انداز برابر ۽ جيتري مخلوق تو پيدا ڪئي آهي فلڪ الافلاڪ

اِلٰى تَحْتِ الثَّرىٰ وَ عَدَدَ الْاَشْجَارِ وَ اَوْرَاقِهَا وَ عَدَدَ الْمَدَرِ

کان تحت الثريٰ تائين ان جي انداز برابر ۽ وڻن ۽ ان جي پنن جي شمار جيتري ۽ پٿرن

وَ اَثْقَالِهَا وَ عَدَدَ كُلِّ سَنَةٍ وَّ اَيَّامِهَا وَ سَاعَاتِهَا وَ

۽ ان جي وزن جي انداز جيتري هر سال ۽ ان جي ڏينهن ۽ ان جي گهڙين جي انداز جيتري ۽

مَا تَخْلُقُ فِيهَا وَ مَا يَمُوتُ فِيهَا وَ عَدَدَ مَا

جيتريون شيون تون انهن ۾ پيدا فرمائين ۽ جيترا مرندا انهيءَ ۾ ۽ انهن جي اندازي جيترا

تَخْلُقُ فِي كُلِّ يَوْمٍ وَّ لَيْلَةٍ اِلىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَ عَدَدَ مَا

جن کي تون پيدا فرمائيندين هر ڏينهن ۽ هر رات قيامت جي ڏينهن تائين ۽ انهن جي اندازي جيترا

يُحْشَرُ يَوْمَ النَّدَامَةِ وَ عَدَدَ الْجَنَّةِ وَ النَّارِ وَ مَا فِيهَا وَ

جيکي گڏ کيا ويندا قيامت جي ڏينهن تائين ۽ بهشت ۽ دوزخ ۽ ان ۾ رهندڙ مخلوق جي شمار

عَدَدَ النَّاظِرِيْنَ وَ نَظْرِهِمْ كُلَّ يَوْمٍ اِلىٰ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ

جيتري ۽ هر روز تنهنجي ديدار ڪرڻ وارن ۽ انهن جي نگاهن جي انداز جيتري

وَ سَلِّمْ عَلَيْهِ مِثْلَ ذَالِكَ رَبَّ الْعَالَمِيْنَ. اَللّٰهُمَّ بِعِلْمِكَ

۽ مٿن سلام موڪل انهيءَ جي برابر اي جهانن جا پالڻهار اي الله ! پنهنجي غيب جي علم

الْغَيْبَ وَ قُدْرَتِكَ عَلَى الْخَلْقِ وَ حُبِّكَ فِي حَبِيْبِكَ مُحَمَّدٍ

جي صدقي ۽ مخلوق مٿان پنهنجي قدرت جي صدقي ۽ جيتري پنهنجي حبيب محمد ﷺ

عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَ اَكْمَلُ التَّحِيَّاتِ وَ حَبِيْبِكَ وَ

سان تنهنجي محبت آهي ان جي صدقي مٿن افضل صلواتون هجن ۽ ڪامل ترين تحفا ۽ پنهنجي حبيب

مَنْزِلَتِهِ لَدَيْكَ اَحْيِنِيْ مَا عَلِمْتَ الْحَيٰوةَ خَيْرًا لِّيْ وَتَوَفَّنِيْ

جي وسيلي سان ۽ جيترو سندن مرتبو آهي تو وٽ (انجي وسيلي سان) مون کي حياتي ڏي جيستائين تون منهنجي لاءِ حياتي ڀلي ڄاڻين ۽ مون کي وفات ڏي

مَا عَلِمْتَ الْمَمَاتَ خَيْرًا لِّيْ وَ اَسْاَلُكَ خَشْيَتَكَ فِي الْغَيْبِ

جڏهن منهنجي لاءِ وفات بهتر ڄاڻين ۽ توکان گهران ٿو تنهنجو خوف لڪ

وَالشَّهَادَةِ وَ كَلِمَةَ الْاِخْلَاصِ فِي الرِّضَا وَالْغَضَبِ وَ اَسْاَلُكَ

ظاهر ۾ ۽ سچ جو كلمو خوشي ۽ ڪاوڙ ۾ ۽ توکان گھران تو

نَعِيْماً لَّا يَنْفَدُ وَ قُرَّةَ عَيْنٍ لَّا تَنْقَطِعُ وَ اَسْاَلُكَ الرِّضَا

اڻ کٽ نعمت ۽ نہ ختم ٿيندڙ اکين جو ٺار ۽ توکان گھران ٿو تقدير تي راضي رهڻ

بِالْقَضَاءِ وَ بَرْدَ الْعَيْشِ بَعْدَ الْمَوْتِ وَ لَذَّةَ النَّظَرِ اِلٰى

۽ ٺنڊڙ زندگي وفات کان پوءِ (۽ سوال ڪيان ٿو) تنهنجي منهن مبارڪ جي لذيذ ديدار

وَجْهِكَ وَ الشَّوْقَ اِلٰى لِقَائِكَ وَ اَعُوْذُبِكَ مِنْ ضَرَّاءَ

۽ تنهنجي زيارت جي شوق جو ۽ تنهنجي پناھ وٺان ٿو پريشان ڪندڙ

مُضِرَّةٍ وَّ فِتْنَةٍ مُضِلَّةٍ. اَللّٰهُمَّ زَيِّنَّا بِزِيْنَةِ الْاِيْمَانِ وَ

تڪليف ۽ گمراھ ڪندڙ فتني کان اي الله ! اسان کي سينگار ايمان جي سونهن سان ۽

اجْعَلْنَا هُدَاةً مُّهْتَدِيْنَ. اَللّٰهُمَّ بِهٰذَا النَّبِيِّ الْكَرِيْمِ

اسان کي هدايت وارو ۽ هدايت ڪندڙ بڻاءِ. اي الله ! هن نبي ڪريم ﷺ جي صدقي

اُرْزُقْنَا حُبَّكَ وَ حُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ وَ حُبَّ مَنْ يَّنْفَعُنَا حُبُّهٗ

اسان کي محبت ڏي پنهنجي ۽ پنهنجي محبت وارن جي ۽ انهن جي جن جي محبت اسان کي فائدو ڏي

عِنْدَكَ وَ اَعْطِنَا مِنَ الْخَيْرِ كُلِّهٖ عَاجِلِهٖ وَآجِلِهٖ مَا عَلِمْنَا

تو وٽ ۽ اسان کي هر قسم جي ڀلائي ڏي جلدي واري ۽ دير واري جيڪا اسان جي علم ۾ آهي ۽ جيڪا

مِنْهُ وَ مَالَمْ نَعْلَمْ وَ نَسْاَلُكَ الْجَنَّةَ وَمَا قَرَّبَ اِلَيْهَا مِنْ

اسان جي علم ۾ نہ آهي ۽ توکان گھرون ٿا بهشت ۽ اھا ڳالھ ۽ عمل جيڪو ان ڏي ويجھو ڪري

قَوْلٍ اَوْ عَمَلٍ وَ نَسْئَالُكَ اَنْ تَجْعَلَ كُلَّ قَضَاءٍ لَّنَا خَيْرًا

۽ توکان گھرون ٿا تہ اسان جي لاءِ هر تقدير کي بهتر بڻائج

